ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس 05 نومبر 2026ع 24 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (82)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

نئين ڪرنسي نوٽن جي ڊيزائن، 10 رپين جي نوٽ جي جاءِ تي 10 رپين جو سڪو متعارف ڪرائڻ جي منظوري

وفاقي ڪابينا خيبرپختونخوا جي گورنر کي وزيراعليٰ جا اختيار ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو، خيبرپختونخوا ۾ انتظامي معاملن کي سولائي سان سرانجام ڏيڻ ۽ گورننس جي وڌيڪ بهتري لاءِ گورنر کي خصوصي اختيار ڏنا ويا

خيبرپختونخوا جو گورنر اهڙن سمورن اختيارن جي استعمال جي حوالي سان هر مهيني وفاقي حڪومت کي جائزه رپورٽ پيش ڪندو وفاقي ڪابينا فيصلي کي خوش آئنده قرار ڏنو

کي پي کي ايڊوائيزري ڪائونسل خيبرپختونخوا جي گورنر جي قيادت ۾ صوبي جي عوام جي بهتري ۽ خوشحالي ۽ صوبي ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي لاءِ ڀرپور ڪوششون يقيني بڻائيندي: وفاقي ڪابينا

جعلي نوٽن جي روڪٿام جي لاءِ سيڪيورٽي فيچرز وڌائڻ سان گڏوگڏ جديد مٽيريل جو استعمال ڪيو ويندو جنهن سان نوٽن جي استعمال جي معياد ۾ به اضافو ٿيندو: اجلاس ۾ لاڳاپيل عملدارن جي بريفنگ

وفاقي ڪابينا حڪومتي ملڪيتي ادارن بابت ڪابينا ڪميٽي جي 26 آڪٽوبر جي اجلاس ۾ ڪيل فيصلن ۽ پاڪستان ۽ ڪويت جي وچ ۾ دفاعي تعاون جي معاهدي جي توثيق ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي ڪابينا خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي جي مدي دوران روزاني جي معاملن کي سرانجام ڏيڻ جي لاءِ خيبرپختونخواهه جي گورنر کي وڏي وزير جي اختيارن جي منتقلي، نئين ڪرنسي نوٽن جي ڊيزائن، 10 رپين جي بئنڪ نوٽ جي جاءِ تي 10 رپين جو سڪو متعارف ڪرائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي جڏهن ته ڪابينا پاڪستان ۽ ڪويت جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جو عوام کي رليف نه ڏيندڙ پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف پيٽرول تي عوام کي رليف

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ايران تي حملي ۽ مهانگائي آمريڪي صدر ٽرمپ کي منهن ڀر ڪيرائي ڇڏيو، مڊٽرم چونڊن ۾ ڊيموڪريٽڪ پارٽي ٻنهي ايوانن ۾ برتري حاصل ڪري ورتي

ريپبلڪن پارٽي کي سينيٽ ۾ 44 ۽ ڊيموڪريٽس کي 54 سيٽون حاصل ٿيون آهن جڏهن ته ڪانگريس ۾ ڊيموڪريٽس کي 228 سيٽون حاصل ٿي چڪيون هيون ۽ ٽرمپ جي ريپبلڪن پارٽي صرف 139 سيٽن تائين محدود ٿي وئي

رياستي گورنرن جي سيٽن مان 28 ڊيموڪريٽس کي ۽ 20 ريپبلڪنس کي مليون آهن. سينيٽ ۾ ڊيموڪريٽڪ انگن ۾ ٻه آزاد ميمبر شامل آهن. هائوس ۽ گورنر جي ڪجهه چونڊن جي ڳڻپ اڃا جاري

جينا هينرجوسا ٽيڪساس جي پهرين لاطيني عورت گورنر بڻجڻ واري، رياست جارجيا ۾ ڪيشا لانس باٽمس آمريڪا جي ڪنهن به رياست جي گورنر چونڊجندڙ پهرين ڪاري عورت بڻجي وئي، فلوريڊا ۾ بائرن ڊونلڊز پهريون ڪارو ريپبلڪن گورنر بڻجڻ وارو

آمريڪي سينيٽ ۾ 100 ميمبرن مان 35 سيٽن تي چونڊون ٿيون، 33 عام سيٽون ۽ ٻه خاص چونڊون شامل، ڊيموڪريٽس ڪيترين ئي اهڙين رياستن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي جتي ريپبلڪن پارٽي مضبوط رهي آهي

ايران سان جنگ ۾ ناڪامي، مهانگائي ۽ زندگيءَ جا وڌندڙ خرچ ڪاڏي پيتي، گهرن جي ڪرائي، صحت جي سهولتن ۽ روزمره جي شين جي قيمتن آمريڪي شهرين کي صدر ٽرمپ کان ڪاوڙائي ڇڏيو، نتيجو شڪست جي صورت ۾ نڪتو

واشنگٽن(م ڊ) آمريڪي صدر ٽرمپ جي ريپبليڪن پارٽي ملڪ جي وچولي مدي وارين چونڊن ۾ ٻنهي ايوانن ۾ پنهنجي اڪثريت وڃائي ويٺي آهي. ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ آمريڪي ڪانگريس جي ٻنهي ايوانن ۾ ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو آهي ريپبلڪن پارٽي کي سينيٽ ۾ 44 ۽ ڊيموڪريٽس کي 54 سيٽون حاصل ٿيون آهن جڏهن ته ڪانگريس ۾ ڊيموڪريٽس کي 228 سيٽون حاصل ٿي چڪيون هيون ۽ ٽرمپ جي ريپبلڪن پارٽي صرف 139 سيٽن تائين محدود ٿي وئي آهي. ڪجهه سيٽن جا نتيجا اڃا باقي آهن رياستي گورنرن جي سيٽن مان 28 ڊيموڪريٽس کي ۽ 20 ريپبلڪنس کي مليون آهن. سينيٽ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

آمريڪي چونڊن ۾ 6 مسلمان اميدوار ڪانگريس لاءِ چونڊجي ويا، پهريون سينيٽر پڻ ڪامياب

ڊيموڪريٽڪ اميدوار عبدالصمد السيد مشي گن ۾ ريپبلڪن اميدوار مائڪ راجرز کي شڪست ڏئي آمريڪي سينيٽ جو پهريون مسلمان ميمبر چونڊجي ويو

رشيده طليب مشي گن جي 12هين ڪانگريسي ٽڪ مان ۽ الهان عمر مينيسوٽا جي پنجين ڪانگريسي ٽڪ مان ٻيهر چونڊجي آيون

مصري-آمريڪي سرجن آدم حمودي، نيو جرسي جي 12هين ڪانگريسي ٽڪ ۾ ريپبلڪن اميدوار گريگ ميلي کي شڪست ڏني

ڊيموڪريٽڪ اميدوار داريالزا اويلا شيولير نيويارڪ مان ڪاميابي حاصل ڪري ڪانگريس ۾ چونڊجندڙ پهرين لاطيني مسلمان عورت بڻجي وئي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا جي مڊٽرم چونڊن ۾ عرب ۽ مسلمان اميدوارن تاريخ رقم ڪري ڇڏي آڳاٽي ڏينهن آمريڪا ۾ ٿيل مڊٽرم چونڊن دوران عرب-آمريڪي ۽ مسلمان اميدوارن تاريخي ڪاميابيون حاصل ڪيون انهن اميدوارن آمريڪي ڪانگريس ۽ مختلف رياستن جي قانونساز اسيمبلين ۾ سيٽون کٽيون جيتوڻيڪ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

واشنگٽن: چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ رشيده طليب، عبدالصمد السيد ۽ الهان عمر ووٽرن جو ٿورو مڃي رهيا آهن

يهودي آبادڪارن جي فول پروف سيڪيورٽي ۾ مسجد اقصيٰ تي ڪاهه، مسلمان نمازين تي سخت پابنديون

اسرائيلي پوليس جي وڏي نفري جي سرپرستي ۾ يهودين باب المغاربه رستي مسجد اقصيٰ جي اڱڻ ۾ گهڙي تلمودي

ڪيترن ئي يهودي آبادڪارن مسجد اقصيٰ ۾ چڙ ڏياريندڙ گشت ڪيو ۽ خاص ان جي اوڀرندي حصي ۾ داخل

والاريل بيت المقدس (اي پي پي) ڪيترن ئي يهودي آبادڪارن اسرائيلي پوليس جي وڏي نفري جي سرپرستي ۾ باب المغاربه رستي مسجد اقصيٰ جي صحن ۾ گهڙي تلمودي رسمون ادا ڪيون جڏهن ته اسرائيلي فوج پاران حرم ۾ مسلمان نمازين جي داخلا تي سخت ترين پابنديون لڳائڻ جو سلسلو جاري رهيو فلسطين جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

واشنگٽن: ڊيموڪريٽڪ پارٽي جا حامي فتح جو جشن ملهائي رهيا آهن

”نه وساريو ته ٽرمپ اڃا به آمريڪا جو صدر آهي“ وائيٽ هائوس

صدر ٽرمپ کي نتيجن تي حيرت ٿي، چوته اثرانداز ٿيندڙ ماحول موجود هو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ايران ۽ غزه بابت قدمن تي آمريڪي عوام ۾ ٽرمپ خلاف ڪاوڙ آهي: تجزيه نگار

سنڊس مقبوليت ۾ گهٽتائي ٿي، 68 سيڪڙو آمريڪين ٽرمپ تي بي اطميناني جو اظهار ڪيو

مڊٽرم چونڊن ۾ اها شڪست ٽرمپ جي صدارت جي فوري خاتمي جو سبب نه بڻبي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي چونڊن جي تاريخ تي گهري نظر رکندڙ تجزيه نگارن جو چوڻ آهي ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي پرڏيهي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

هاڻوڪين چونڊن ۾ آمريڪي عوام ايران سان جنگ کي رد ڪري ڇڏيو: ايران

آمريڪي حڪومت پنهنجي آقائن ۽ عالمي بليڪ ميلرن کي خوش ڪرڻ لاءِ حملا ڪيا

عوام جي مينڊيٽ سان خيانت ڪئي ته اسان جو جواب ڊيڄاريندڙ خواب ۾ تبديل ٿي ويندو: باقر قاليباف

تهران (اي پي پي) ايران جي پارليامينٽ جي اسپيڪر ڊاڪٽر محمد باقر قاليباف چيو آهي ته مڊٽرم چونڊن جي نتيجن ۾

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر جو چونڊ نتيجا قبول ڪرڻ جو اعلان، ناڪامي جو هڪ ڪارڻ ايران تڪرار به آهي: ٽرمپ

آئون چونڊن جي نتيجن کي تسليم ڪريان ٿو ۽ ڊيموڪريٽس سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ به تيار آهيان

شايد ماڻهو پيٽرول اگهن ۾ واڌ جي صورت ۾ سامهون ايندڙ مختصر مدي وارا اثر برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا

اميگريشن جي معاملي تي ڊيموڪريٽس سان گڏ ڪم ڪري سگهجي ٿو پر جيڪڏهن اهي غير مناسب تجويزون پيش ڪندا

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وچ مدي وارين جا نتيجا قبول ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته آئون چونڊن جي نتيجن کي تسليم ڪريان ٿو ۽ ڊيموڪريٽس سان گڏجي ڪم ڪرڻ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

واشنگٽن: چونڊ نتيجن بعد ميڊيا سان ڳالهائڻ کانپوءِ آمريڪي صدر ٽرمپ واپس ويندي

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهه ۾ گهٽتائي، سون، چاندي ۽ زرعي جنسن جي اگهه ۾ اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج جي ڪاروبار ۾ تيزي، انڊيڪس ۾ 1849 پوائنٽس جو اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اربع ڏينهن شروعاتي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

مختلف رياستن جي چونڊن ۾ پڻ مسلمان اميدوار ڪامياب

واشنگٽن(م ڊ) آمريڪا جي مڊٽرم چونڊن ۾ رياستي چونڊن ۾ پڻ مسلمان اميدوار ڪامياب ٿيا. فلسطيني-آمريڪي سماجي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني-آمريڪي اڳواڻن جون آمريڪي چونڊن ۾ ڪاميابيون

سلمان ڀوڄاڻي ۽ سلمان لالاڻي ٽيڪساس مان پنهنجون سيٽون بچائڻ ۾ ڪامياب

انور سعود ڪنيڪٽيڪٽ ۽ طارق خان پينسلوانيا ۾ ڪاميابي ماڻي

واشنگٽن (م ڊ) پاڪستاني-آمريڪي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت برآمدي فصلن تي تحقيق لاءِ انٽرنيشنل ملٽي گروپ آف ڪمپنيز سان گڏجي ڪم ڪندي: وڏو وزير

انٽرنيشنل ملٽي گروپ آف ڪمپنيز جي وفد وڏي وزير کي ڪيسٽر ۽ ترن جي ٻج جي پروسيسنگ،ويليو-ايڊڊ برآمدات بابت بريفنگ ڏني

سيڙپڪاري ۽ زراعت کاتا ڪمپني جي ماهرن سان گڏ ويهن ۽ اهو طئي ڪن ته برآمدي فصلن تي تحقيق کي ڪيئن اڳتي وڌائي سگهجي ٿو: وڏو وزير

سنڌ سيڙپڪارن ۽ ڪاروبار لاءِ کليل آهي ۽ عالمي سيڙپڪارن کي تمام ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهي

ان سان نه صرف پرڏيهي سيڙپڪاري ايندي پر ٻهراڙي جي معيشت ۾ اسان جي نوجوانن لاءِ هزارين نوڪريون پڻ پيدا ٿينديون

پاڪستان سالياني 4,000 کان 5,000 ميٽرڪ ٽن ڪيسٽر جو ٻج پيدا ڪري ٿو جنهن جي برآمدي قيمت 700 کان 800 ڊالر في ميٽرڪ ٽن آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو)سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته صوبائي حڪومت برآمدي فصلن تي تحقيق کي هٿي ڏيڻ لاءِ انٽرنيشنل ملٽي گروپ آف ڪمپنيز (IMGC)سان گڏجي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

استنبول: وفاقي وزير ڄام ڪمال ترڪي جي واپار واري وزير سان ملي رهيو آهي

سرينگر: باهه لڳڻ سبب 2 ڄڻا فوت، 80 رهائشي ڍانچا سڙي خاڪ

جمون ڪشمير جي گادي واري هنڌ سرينگر جي علائقي دربل بمنه ۾ باهه لڳي

باهه پوري علائقي ۾ پکڙجي وئي، جنهن تي ضابطو آڻڻ بعد 2 لاش ڪڍيا ويا

سرينگر (اي پي پي) ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي گادي واري هنڌ سرينگر جي علائقي دربل بمنه ۾ باهه

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

انڊونيشيا جي صدر چيف آف اسٽاف کي برطرف ڪري ڇڏيو

ڪيس وزيرن ۽ ٻين جا فون ٽيپ ڪرڻ جي شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو

جڪارتا (اي پي پي) انڊونيشيا جي صدر پرابووسوبيانتو اربع ڏينهن پنهنجي چيف آف اسٽاف لسيوسڪيٽ پرابوو کي برطرف ڪري ڇڏيو پرڏيهي خبررساں اداري مطابق اهو قدم اڳوڻي قومي پوليس جي سربراهه

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پوري دنيا ۾ عوام جي سهڪار کانسواءِ موثر پوليسنگ جو تصور ممڪن ناهي: آءِ جي سنڌ

ڪميونٽي پوليسنگ جي ڪاميابي لاءِ گڏيل رابطن، اعتماد ۽ گڏيل ذميواري جو مضبوط نظام بنيادي اهميت رکي ٿو: جاويد عالم اوڍو

سنڌ ۾ امن جي قيام ۽ شهرين جي تحفظ خاطر پوليس جي 2,600 آفيسرن ۽ اهلڪارن جانين جو نذرانو پيش ڪيو آهي

سنڌ حڪومت سيف سٽي منصوبي جي حوالي سان سنڌ پوليس کي هر سطح تي مڪمل مدد فراهم ڪئي آهي

منصوبي جي پهرين مرحلي ۾ 1,200 ڪيمرائون نصب ڪيون ويون آهن. ٻئي مرحلي ۾ وڌيڪ 2,000 ڪيمرائون نصب ڪيون وينديون

معاشرتي ۽ ذاتي تڪرارن جي حل لاءِ ثالثي نظام جي هاڪاري پهلوئن مان فائدو وٺڻ گهرجي، جيئن معمولي اختلافن کي روڪي سگهجي

ڪراچي ۾ ڪميونٽي پوليسنگ جي فائدن بابت سيمينار ۾ سنڌ پوليس جي مجموعي ڪارڪردگي تي ٻڌل دستاويزي فلم پيش ڪئي وئي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي (CPK)جي انتظام هيٺ محمد صديق ميمڻ آڊيٽوريم صدر ڪراچي ۾ ”ڪميونٽي پوليسنگ جي فائدن“ جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پيٽرول جي قيمتن بابت سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿيندي

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 13 هزار 900 رپين جي واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

يمن جي گورنري لحج ۾ طبي مرڪز تي حوثي حملي ڪانپوءِ گڏيل قومن پاران ڳڻتي جو اظهار

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ثقافتي ميلي ۾ هڪ رقاصه رقص ڪري رهي آهي

سچل ٿاڻي جي حد غازي ڳوٺ ۾ گهر ڀاهران نينگريءَ جو لاش هٿ

نينگري گهٽيءَ ۾ راند ڪري رهي هئي ته سندس رٿو دروازي ۾ ڦاسي پيو: والدين

موت جو اصل ڪارڻ پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ ڪانپوءِ معلوم ٿي سگهندو: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سچل ٿاڻي جي علائقي غازي ڳوٺ ۾ گهر ڀاهران 6 ورهين جي نينگريءَ جو لاش هٿ، پوليس اسپتال

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس آفيس ۾ اعليٰ سطحي اجلاس

ڏوهن،امن امان ۽ ڏوهارين خلاف ڪارروائين جو جائزو ورتو ويو

ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ۽ اثرائتو بڻايو وڃي: ايڊيشنل آءِ جي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي صدارت هيٺ ڪراچي پوليس آفيس ۾ اعليٰ سطحي اجلاس، شهر

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سيد مراد علي شاهه سان جيز ڪيش پاڪستان جي وفد وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات

وڏي وزير پاران صوبي ۾ ڊيجيٽل پيمنٽ انفراسٽرڪچر کي وڌائڻ جا موقعا ڳولڻ تي زور ڏنو

سرڪاري واجبات جي ادائيگي ۾ عوام کي سهولت ڏيڻ سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: وڏو وزير

جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال جي ضرورت آهي ته جيئن ذاتي طور تي سرڪاري آفيسن ۾ وڃڻ جي ضرورت کي ختم ڪري

ڊيجيٽل ادائگين ڏانهن منتقلي سان مختلف سرڪاري کاتن جي روينيو گڏ ڪرڻ ۾ وڌيڪ شفافيت ۽ ڪارڪردگي ايندي

جيز ڪيش اڳ ۾ ئي اي-چالان ۽ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (KWSC) جي پاڻي جي بلن جي ادائيگي لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي: بريفنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عوام کي پنهنجا يوٽيلٽي بل ڊيجيٽل طريقي سان ادا ڪرڻ ۾ سهولت ڏيڻ لاءِ صوبي جي ڊيجيٽل پيمنٽ انفراسٽرڪچر کي وڌائڻ جا موقعا

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پاڪ آذربائيجان ٻه طرفي تعاون کي هٿي وٺائي رهيا آهيون: شزه فاطمه

لاڳاپا اخوت، گڏيل اعتماد ۽ غير مشروط يڪجهتي جي مضبوط بنيادن تي قائم آهن.

ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ ٻنهي ملڪن جي اڳڀرائي انتهائي حوصلو ڏيندڙ آهي: وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن بابت وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو آهي ته پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ لاڳاپا اخوت گڏيل اعتماد ۽ غير مشروط يڪجهتي جي مضبوط بنيادن تي قائم آهن ٻنهي پائر ملڪن هر عالمي فورم تي هڪ ٻئي جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿي رهيو آهي

پي ٽي آءِ کي ڪرپشن جو حساب ڏيڻو پوندو: امير مقام

تحريڪ انصاف پنهنجي حڪومت جي بحاليءَ جا خواب ڏسي رهي آهي

بٽگرام، ڪي پي ڪي ۾ عظيم الشان عوامي جلسي جو بندوبست ڪيو ويو

بٽگرام (اي پي پي) ڪشمير گلگت بلتستان معاملن ۽ سيفران واري وفاقي وزير امير مقام چيو آهي ته نجات جي ڍاڙي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ ذهني بيمارين جي شرح 32.3 سيڪڙو هجڻ ڳڻتي جوڳو آهي: وڏو وزير

هر ماڻهوءَ کي پنهنجي جسماني صحت وانگر ذهني صحت جو به خيال رکڻ گهرجي

سنڌ حڪومت ذهني صحت بابت عوام ۾ آگاهي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ)وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه ذهني دٻاءَ بابت عالمي آگاهي واري ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ڏياري تي عام موڪل اقليتي برادري لاءِ خوشي ۽ احترام جوڳو آهي: شام سندر

پاڪستان ۾ سمورن مذهبن ۽ عقيدن کي برابر جا حق حاصل آهن: خاص معاون

سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي خوشين ۾ برابر جي شريڪ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ)پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي ۽ وڏي وزير سنڌ جي خاص معاون براءِ اقليتي معاملن ڊاڪٽر

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ٿر ڪول جي رائلٽي مان حاصل ٿيندڙ رقم جا تفصيل عوام آڏو آندا وڃن: حليم عادل

اربين رپين جي آمدني باوجود ٿرپارڪر واسي بنيادي سهولتن کان محروم آهن

وصول ٿيندڙ 62 ارب رپيا ۽ منافعي جا 8 ارب رپيا ڪٿي خرچ ڪيا ويا؟

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ٿرپارڪر جي مجموعي صورتحال ٿر ڪول

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

نيٽي جيٽي پل ويجهو ٽريلر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت

ڪورنگي ۾ ٽريلر جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل عورت به علاج دوران فوت ٿي وئي

حادثي ۾ سندس مڙس وقار ولد مسڪين موقعي تي ئي فوت ٿي ويو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ)نيٽي جيٽي پل ويجهو ٽريلر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت، ڪورنگي ۾ 26 آڪٽوبر تي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس جي اسپتالن کي جديد طبي سهولتن وارين چار نيون ايمبولينسون فراهم

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ايمبولينسن جون چابيون ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽس حوالي ڪيون

هنگامي حالتن ۾ بروقت ۽ اثرائتي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ پوليس جي اسپتالن کي جديد طبي سهولتن سان ليس چار نيون ايمبولينسون فراهم ڪيون ويون آهن. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ٿيل تقريب دوران

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي راڄڌاني ۽ ڀرپاسي ۾ ڊينگي جو مرض وڌڻ ڪانپوءِ مڇر مار ڦوهارو ڪيو پيو وڃي

تيل اگهن ۾ ڦيرڦار، پيٽرول 7 رپيا 6 پئسا ۽ ڊيزل 3 رپيا 71 پئسا في لٽر سستو

حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪندي پيٽرول جي في ليٽر قيمت 362 رپيا مقرر ڪري ڇڏي

هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي نئين قيمت 387 رپيا 81 پئسا في ليٽر مقرر ڪئي وئي: اوگرا پاران نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪندي پيٽرول جي في ليٽر قيمت 362 رپيا مقرر ڪري ڇڏي آهي آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي ترجمان

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي سينئر وزير جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي جو اهم اجلاس

هلندڙ مهيني ڪراچي پهچندڙ ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسز جي لاءِ موزون روٽس کي حتمي شڪل ڏيڻ جون هدايتون

اميد آهي ته هلندڙ مهيني ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسن جي کيپ ڪراچي پهچي ويندي: شرجيل انعام ميمڻ

ڊبل ڊيڪر ۽ اليڪٽرڪ بسون شهر جي انهن علائقن تائين پهچن جتي شهرين کي پبلڪ ٽرانسپورٽ جي وڌيڪ ضرورت آهي

تاج حيدر پل جي ٻئي حصي جو تعميراتي ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي،اختياريون روزاني جي بنياد تي نگراني ڪن

ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي جي وقت سر تڪميل جي لاءِ غير معمولي قدم کنيا وڃن،بلو لائن بي آر ٽي جي ڊيپو ون ۽ ٽو جو ڪم جلد مڪمل ڪرڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ هلندڙ مهيني ڪراچي پهچندڙ ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسز جي لاءِ موزون روٽس کي حتمي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: انٽرنيشنل اسلامي يونيورسٽي ۾ ايس ڊي جيز بابت پارلياماني ٽاسڪ فورس جا ميمبر هڪ ماڊل ڏسي رهيا آهن

سعودي پرڏيهي وزير سان مصر جي هم منصب جو ٽيليفونڪ رابطو، علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

رياض (اي پي پي)سعودي پرڏيهي وزير

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۽ سلامتي ڪائونسل انصاف واري عالمي عدالت لاءِ پنج نوان جج مقرر ڪري ڇڏيا

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

وفاقي صحت وزارت ۾ ميگا ڪرپشن اسڪينڊل وفاقي حڪومت جي ڪارڪردگيءَ تي وڏو سواليه نشان آهي: قادر مندوخيل

ساڍا 10 ارب رپيا عوام جي ٽيڪسن مان گڏ ڪيل پئسا هئا، جن کي بي رحميءَ سان لٽيو ويو، وفاقي حڪومت جي خاموشي سوال اٿاري رهي آهي

عوام هڪ هڪ رپئي جي دوا لاءِ پريشان رهيو، جڏهن ته پسنديده وزيرن جا ڪوآرڊينيٽر اربين رپيا ڦريندا رهيا

ايف آءِ اي پاران اهم سرڪاري آفيسرن ۽ ڪوآرڊينيٽر جون گرفتاريون هن سنگين ڏوهه جي تصديق ڪن ٿيون

مصطفيٰ ڪمال کي هاڻي وزارت جي عهدي تي رهڻ جو ڪو به اخلاقي حق ناهي،جاچ تي اثرانداز ٿيڻ کان بچڻ لاءِ هو فوري طور استعيفيٰ ڏئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ)پيپلز پارٽي جي سينيٽر اڳواڻ قادر مندوخيل صحت واري وزارت ۾ ساڍا 10 ارب رپين جي مبينا ويڪسين ٽيڪن واري اسڪينڊل تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته هي ميگا

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪي ڊي اي 2300 چورس گز رفاهي زمين واگزار ڪرائي وئي

22 سالن کان غيرقانوني قبضي هيٺ آيل واگزار ڪرائي وئي

غيرقانوني اڏاوتن جي نشاندهي ڪري ڊاهي زمين کي قبضي کان پاڪ ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪي ڊي اي پاران

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ شخص موٽر سائيڪل تي خالي ٻورين کڻي وڃي رهيو آهي

جعلي ڊگري ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ جمشيد دستي جي ضمانت ۾ 16 نومبر تائين واڌ ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي)سپريم ڪورٽ جعلي ڊگري جي معاملي تي جمشيد دستي خلاف فوجداري ڪارروائي بابت

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي ۽ حمزه شهباز شريف ٻڌ غفا جي سار سنڀال واري ڪم جو افتتاح ڪري رهيا آهن

ڪراچي شهر ۾ سرسبز علائقن، پارڪن ۽ تفريحي سهولتن کي هٿي ڏيڻ انتهائي اهم آهي: مرتضيٰ وهاب

وڻن جي ڇانوَ ۾ ڪجهه وقت گذارڻ ۽ قدرتي ماحول مان لطف اندوز ٿيڻ شهرين جي ذهني ۽ جسماني صحت لاءِ تمام گهڻو فائديمند آهي

تيز رفتار زندگيءَ ۾ عوامي پارڪ اهڙا هنڌ آهن،جتي شهري پنهنجي روزمره جي مصروفيتن مان ڪجهه وقت ڪڍي سڪون حاصل ڪري سگهن ٿا

گلشن حديد ۾ ڪي ايم سي جي سهڪار سان تيار ڪيل نئون عوامي پارڪ علائقي جي رهواسين لاءِ هڪ اهم تفريحي سهولت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته شهر ۾ سرسبز علائقن، پارڪن ۽ تفريحي سهولتن کي هٿي ڏيڻ انتهائي اهم آهي. ڇاڪاڻ ته وڻن جي ڇانوَ ۾ ڪجهه وقت گذارڻ ۽

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

وچ ۾ دفاعي تعاون جي معاهدي جي توثيق ڪري چڪي. اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جو اجلاس منعقد ٿيو. وفاقي ڪابينا خيبرپختونخواهه ۾ انتظامي معاملن کي سولائي سان سرانجام ڏيڻ ۽ گورننس جي وڌيڪ بهتري جي لاءِ وڏي وزير کي ڏنل اختيارن جي صوبي ۾ ايمرجنسي جي مدي دوران روزاني جي معاملن کي سرانجام ڏيڻ جي لاءِ خيبرپختونخواهه جي گورنر کي منتقلي جي منظوري ڏئي ڇڏي. خيبرپختونخواهه جو گورنر اهڙن سمورن اختيارن جي استعمال جي حوالي سان هر مهيني وفاقي حڪومت کي جائزو رپورٽ پيش ڪندو. وفاقي ڪابينا فيصلي کي خوش آئنده قرار ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته خيبرپختونخواهه ايڊوائيزري ڪائونسل خيبرپختونخواهه جي گورنر جي قيادت ۾ صوبي جي عوام جي بهتري ۽ خوشحالي ۽ صوبي ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي لاءِ ڀرپور ڪوشش يقيني بڻائيندي

بقايا 2 روزاني عبرت

فراهم نه ڪندڙ پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. وفاقي ڪابينا جي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته ڪجهه پيٽرول پمپن طرفان عوام کي رليف نه ڏيڻ جون شڪايتون مليون آهن پيٽروليم وارو وزير اهڙن پمپن خلاف ڪارروائي ڪري، جيئن ڪين سبق ملي سگهي. هن چيو ته جمعي ڏينهن پيٽرول جي قيمت ۾ 15 رپيا واڌ ٿيڻ واري هئي، پر حڪومت جي وقتائتي فيصلن سبب اهو اضافو نه ٿيو

بقايا 3 روزاني عبرت

۾ ڊيموڪريٽڪ انگن ۾ به آزاد ميمبر شامل آهن هائوس ۽ گورنر جي ڪجهه چونڊن جي ڳڻپ اڃا جاري هئي هن تبديليءَ جو مطلب آهي ته ٽرمپ انتظاميا کي هاڻي ڪانگريس ۾ پنهنجي پاليسين تي اڳ وانگر مڪمل سياسي سهڪار حاصل نه هوندو واضع رهي ته آمريڪي سينيٽ ۾ 100 ميمبر هوندا آهن هن ڀيري 35 سيٽن تي چونڊون ٿيون. جن ۾ 33 عام سيٽون ۽ ٻه خاص چونڊون شامل هيون ڊيموڪريٽس ڪيترين ئي اهڙين رياستن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي جتي روايتي طور ريپبلڪن پارٽي مضبوط رهي آهي سينيٽ جي اهم نتيجن موجب ڊيموڪريٽس تقريبن هڪ صدي کان پوءِ ڪنساس رياست مان سينيٽ جي سيٽ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ٽيڪساس ۾ پڻ ڊيموڪريٽس سينيٽ جي اهم سيٽ کٽي جيڪا پارٽيءَ جي لاءِ وڏي سياسي تبديلي آهي آئووا مان به ڊيموڪريٽس سينيٽ جي سيٽ حاصل ڪئي مين رياست مان ريپبلڪن سينيٽر سوزن ڪولنز پنهنجي ڊگهي سياسي ڪيريئر کان پوءِ شڪست کاڌي ڏکڻ ڪيرولائنا ۾ ٽرمپ جي حمايت يافته اميدوار کي ڊيموڪريٽڪ اميدوار هٿان شڪست ملي

بقايا 4 روزاني عبرت

چونڊ مهم دوران مسلمانن خلاف نفرت انگيز بيانن ۽ انهن جي برادرين کي نشانو بڻائڻ وارن حملن ۾ واڌ ڏسڻ ۾ آئي انهن نتيجن ۾ آمريڪا جي پهرين مسلمان سينيٽر جي چونڊ پڻ شامل آهي. جيڪو مصري-آمريڪي سرجن آهي ۽ غزه ۾ زخمي ٿيل فلسطينين جو علاج ڪري چڪو آهي. ان کان علاوه ڪيترن ئي فلسطيني-آمريڪي اميدوارن پڻ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ڪاميابيون اهڙي وقت سامهون آيون. جڏهن صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس اتحادي مسلمان اميدوارن کي سياسي تنقيد جو نشانو بڻائي رهيا هئا خاص طور تي مشي گن جي عبدالصمد السيد کي انتهاپسند تنظيمن سان لاڳاپن بابت بي بنياد الزامن کي منهن ڏيڻو پيو رپورٽن موجب گهٽ ۾ گهٽ ست مسلمان اميدوار آمريڪي ڪانگريس لاءِ چونڊجي آيا. جن ۾ هڪ سينيٽر ۽ ڇهه هائوس آف ريپريزنٽيٽوز جا ميمبر شامل آهن

بقايا 5 روزاني عبرت

مرڪزي اطلاعن مطابق ڪيترن ئي يهودي آبادڪارن مسجد اقصيٰ ۾ ڇڙ ڏياريندڙ گشت ڪيو ۽ خاص ان جي اوڀرندي حصي ۾ پنهنجي مذهبي عقيدي موجب تلمودي رسمون ادا ڪيون قابض فوج نمازين جي داخلا کي انتهائي ڏکيو بڻائڻ لاءِ ٻاهرين دروازن جي ناڪابندي ڪري فلسطينين جي سڃاڻپ ڪارڊ ضبط ڪري ورتا. ٻئي پاسي ڪيترن ئي فلسطينين جي مسجد اقصيٰ اچڻ تي لڳايل عارضي ۽ ڊگهي مدي وارين پابندين جي حڪمن ۾ واڌ جاري آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

وچ مدي وارين چونڊن ۾ ڊيموڪريٽس جي نمايان ڪاميابيءَ ڪانپوءِ وائيٽ هائوس ردعمل ڏيندي چيو آهي ته "نه وساريو ته ٽرمپ اڃا به آمريڪا جو صدر آهي" وائيٽ هائوس جي آفيشل سوشل ميڊيا اڪائونٽ تي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي تصوير شيئر ڪئي وئي جنهن تي اهو پيغام لکيل هو ته ٽرمپ اڃا به آمريڪا جو صدر آهي ان کان اڳ ٽرمپ ڊيموڪريٽس جي ڪاميابين کي تسليم ڪندي نيويارڪ ٽائمز کي چيو هو ته هو چونڊ نتيجا قبول ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهن پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي هن دعويٰ ڪئي هئي ته جيڪڏهن هو پاڻ چونڊن ۾ بيهي ها ته سندن پارٽي وڏي اڪثريت سان کٽي ها ريپبلڪن پارٽيءَ جي خراب ڪارڪردگيءَ ڪانپوءِ ٽرمپ ڊيموڪريٽس جي واکاڻ ڪندي چيو ته "انهن سٺو ڪم ڪيو" فاڪس نيوز سان ڳالهائيندي ٽرمپ جو چوڻ هو ته چونڊ نتيجن تي اثرانداز ٿيندڙ ماحول موجود هو ۽ کيس نتيجن تي ڪنهن حد تائين حيرت ٿي آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

پاليسي، خاص طور تي ايران ۽ غزه بابت سندس سخت قدمن سبب آمريڪي عوام جي وڏي حصي ۾ ناراضگي پيدا ٿي آهي پيو ريسرچ سينٽر پاران آڪٽوبر ۾ ڪرايل سروي موجب، ٽرمپ جي مقبوليت گهٽجي 30 سيڪڙو تي اچي وئي هئي. جڏهن ته 68 سيڪڙو آمريڪين سندس ڪارڪردگيءَ تي بي اطميناني جو اظهار ڪيو هو چونڊن جي نتيجن مان واضح ٿئي ٿو ته پرڏيهي محاذن تي طاقت جو مظاهرو ڪندڙ ٽرمپ کي هاڻي ملڪ اندر سياسي مزاحمت کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي واضح رهي ته مڊٽرم چونڊن ۾ اها شڪست ٽرمپ جي صدارت جي فوري خاتمي جو سبب نه بڻبي پر اقتدار جي باقي ٻن سالن دوران سندس حڪومتي حڪمن جي منظوري ۽ سياسي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪرڻ ڏکيو بڻائي سگهي ٿي اهڙي صورتحال ۾ هو پنهنجا تڪراري منصوبا مڪمل ڪرڻ ۾ به ڏکيائين کي منهن ڏئي سگهي ٿو

بقايا 8 روزاني عبرت

آمريڪي عوام ايران سان جنگ کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان سندن ان پيغام جي تائيد ڪيون ٿا. پرڏيهي ميڊيا موجب هن "ايڪس" تي پنهنجي پيغام ۾ لکيو آهي ته خواهه پنهنجي ضمير جي آواز تي لبيڪ چوندي يا روزمره جي خرچن جي دٻاءَ سبب آمريڪي عوام ايران سان جنگ کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان ان پيغام جي تائيد ڪيون ٿا. ڊاڪٽر محمد باقر قاليباف پنهنجي پوسٽ ۾ لکيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪي حڪومت پنهنجي آقائن ۽ عالمي بليڪ ميلرن کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي عوام جي مينڊيٽ سان خيانت ڪئي ته اسان جو جواب ان لاءِ ڊيڄاريندڙ خواب ۾ تبديل ٿي ويندو

بقايا 9 روزاني عبرت

لاءِ ته تيار آهيان آمريڪا ۾ مڊٽرم چونڊن جي نتيجن جو اعلان جاري آهي جڏهن ته شروعاتي نتيجن موجب، ڊيموڪريٽ اميدوارن کي سبقت حاصل آهي ۽ ريپبلڪن اميدوار پوئتي آهن شروعاتي نتيجن تي ردعمل ڏيندي ٽرمپ چيو ته آئون بيلٽ تي موجود نه هئس. جيڪڏهن پاڻ اميدوار هجان ها ته ريپبلڪن وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪن ها. ٽرمپ چونڊن ۾ ايران تڪرار جي ڪردار کي به تسليم ڪندي چيو ته ريپبلڪنز جي ڪامياب نه ٿيڻ جو هڪ سبب ايران سان تڪرار آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

۾ اربع ڏينهن ڪچي تيل جي اگهه ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته سون، چاندي ۽ زرعي جنسن جي اگهه ۾ اضافو ٿيو بلومبرگ جي رپورٽ موجب آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئٽ جي مستقبل جا سودا 18 سينٽ جي گهٽتائي سان 95.91 في بيرل جڏهن ته برينٽ نارٿ سي ڪروڊ جا سودا 11 سينٽ جي گهٽتائي سان 103.49 ڊالر في بيرل ۾ طئه ٿيا. رپورٽ موجب سون جو اگهه 77.76 ڊالر جي اضافي سان 4,007.44 ڊالر في اونس جڏهن ته چاندي جو اگهه 1.45 ڊالر جي اضافي سان 51.20 ڊالر في اونس ٿي ويو اهڙي ريت مڪئي جو اگهه 2.50 ڊالر جي گهٽتائي سان 440 ڊالر في بشل، ڪڻڪ جو اگهه 4.25 ڊالر جي گهٽتائي سان 595 ڊالر في بشل رڪارڊ ڪيو ويو ڪپهه جي اگهه ۾ 51 سينٽ جو اضافو ٿيو

بقايا 11 روزاني عبرت

سيشن دوران تيزي جو لاڙو رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1849.18 پوائنٽس جي اضافي سان هڪ لک 69 هزار 868.18 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو شروعاتي سيشن موجب مارڪيٽ ۾ گڏيل طور تي 568 ڪمپنين جي شيئرز جو ڪاروبار ڪيو ويو جن ۾ 376 جي اگهه ۾ اضافو 91 ۾ گهٽتائي جڏهن ته 101 ڪمپنين جا شيئرز مستحڪم رهيا. شروعاتي سيشن دوران گڏيل طور تي 274.16 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جن جي ماليت 10.67 ارب رپيا رهي

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪارڪن ابر ڪواس نيويارڪ جي 12هين اسٽيٽ سينيٽ ڊسٽرڪٽ مان چونڊجي آئي سندس خاندان 1948ع ۾ فلسطين مان بي دخل ٿيو هو جنهن کان پوءِ آخرڪار آمريڪا ۾ اچي آباد ٿيو لبناني-آمريڪي ڊيموڪريٽڪ اڳواڻ عباس علوي بابت رپورٽ ڪيو ويو ته هو مشي گن جي ٻئي اسٽيٽ سينيٽ ڊسٽرڪٽ مان چونڊجي آيو آهي. جنهن ۾ ڊيئربورن ۽ ان جي ڀرپاسي وارا علائقا شامل آهن پاڪستاني نسل سان تعلق رکندڙ مسلمان ڊيموڪريٽڪ اميدوار نبيلا سيد، ايلي نوائي جي 26هين اسٽيٽ سينيٽ ڊسٽرڪٽ ۾ ريپبلڪن اميدوار ڊاربي هلز کي شڪست ڏني نبيلا سيد اڳ ۾ رياستي اسيمبليءَ جي ميمبر رهي چڪي آهي سندس ڪاميابيءَ سان اها سيٽ ريپبلڪن پارٽيءَ کان ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ ڏانهن منتقل ٿي وئي عرب-آمريڪي ريپبلڪن اڳواڻ ڊيرن لاهود پڻ ايلي نوائي مان پنهنجي ڪانگريسي سيٽ برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿيو

بقايا 13 روزاني عبرت

قانونساز اڳواڻن پڻ چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي سلمان ڀوڄاڻي: ٽيڪساس ۾ ٻيهر چونڊجي آيو سليمان لالاڻي: ٽيڪساس ۾ پنهنجي سيٽ برقرار رکي سعود انور: ڪنيڪٽيڪٽ جي اسٽيٽ سينيٽ جي سيٽ ٻيهر حاصل ڪئي طارق خان پينسلوانيا جي هائوس آف ريپريزنٽيٽوز ۾ هڪ ٻيو مدو حاصل ڪيو

بقايا 14 روزاني عبرت

ويجهڙائي سان ڪم ڪندي، جڏهن ته ڪمپنيز گيس ڪيسٽر ۽ ترن جي ٻج جي پروسيسنگ، ويليوايڊيشن، برآمدات ۽ آبادگارن سان ڀاڱيداري بڻائڻ واري پنهنجي اگري-فوڊ پروجيڪٽ بابت بريفنگ ڏني اجلاس ۾ وڏي وزير سيڙپڪاري ۽ زراعت وارن کاتن کي هدايت ڪئي ته اهي ڪمپني جي ماهرن سان گڏ ويهن ۽ اهو طئي ڪن ته برآمدي فصلن تي تحقيق کي ڪيئن اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. آئي ايم جي سي (IMGC) جي وفد جي اڳواڻي چيئرمين شيخ امجد رشيد ڪري رهيو هو جنهن سان گڏ جنرل مئنيجر ٽريڊ اينڊ ڪموڊٽيز شاهه رخ خان هيڊ آف ڪيسٽر اينڊ سيسيم پروجيڪٽ اعجاز چوڌري ۽ ريسرچ اينالسٽ زوهيب حسن پڻ موجود هئا. سنڌ جو کاڻن ۽ معدنيات وارو وزير سيد سردار شاهه، سيڪريٽري انويسٽمينٽ راجا خرم شهزاد، سيڪريٽري زراعت زمان ناريجو ۽ سيڪريٽري مائنز اينڊ منرلز سهيل بلوچ صوبائي حڪومت جي طرفان شريڪ ٿيا. سنڌ سيڙپڪارن لاءِ کليل آهي: وڏي وزير شاهه چيو ته سنڌ ڪاروبار لاءِ کليل آهي ۽ عالمي سيڙپڪارن کي تمام ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهي هن چيو ته اسان جو مقصد روايتي زراعت کان هاءِ-ويليو اگري-فوڊ پروسيسنگ ڏانهن منتقل ٿيڻ آهي اسان انٽرنيشنل ملٽي گروپ کي هن پروجيڪٽ قائم ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ پُرعزم آهيون ڇاڪاڻ ته ان سان نه صرف پرڏيهي سيڙپڪاري ايندي پر ٻهراڙيءَ جي معيشت ۾ اسان جي نوجوانن لاءِ هزارين نوڪريون پڻ پيدا ٿينديون پروسيسنگ پلانٽ: چيئرمين رشيد وڏي وزير کي ٻڌايو ته آئي ايم جي سي (IMGC) پورٽ قاسم تي ترن ۽ ڪيسٽر جي ٻج جي پروسيسنگ لاءِ هڪ گڏيل پلانٽ ۾ 500 ملين رپين جي سيڙپڪاري ڪري رهي آهي. هن چيو ته مقصد اهو آهي ته پاڪستان اندر وڌيڪ ويليو حاصل ڪري سگهجي ۽ بين الاقوامي خريدارن کي اعليٰ قيمت وارين ٻج جون شيون ۽ تيل سپلائي ڪري سگهجن پلانٽ هڪ ئي ڇت هيٺ ترن جي پروسيسنگ سان گڏوگڏ ڪيسٽر جي ٻج جي پروسيسنگ ۽ ان مان تيار ٿيندڙ شين کي سنڀاليندو ٽيڪنالاجي جي منتقلي جو عمل جاري آهي ڪمپني چيو ته پاڪستان ۾ هن وقت ترن جي ٻج جي تيل جي پروسيسنگ جو ڪو به مناسب يونٽ موجود ناهي ۽ چيو ته اها ويليوايڊيشن لاڪنز طور طحيني ۽ ضروري تيل تيار ڪرڻ جو به ارادو رکي ٿي آبادگارن کي گڏ ڪري هلڻ جي ضرورت: سنڌ جي زور ڏيندي وڏي وزير چيو ته هارين کي ڪيسٽر ۽ ترن جهڙن نقد آور فصلن ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ کين آگاهي ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي هن زراعت کاتي کي هدايت ڪئي ته هو هارين کي تيل لاءِ ترن ۽ ڪيسٽر پوکڻ جي ترغيب ڏين ڪيسٽر مارڪيٽ جا موقعا: اجلاس کي ٻڌايو ويو ته صنعتي ڪاٿن موجب، عالمي سطح تي ڪيسٽر جي ٻج جي پيداوار اٽڪل 2.4 ملين ٽن آهي جنهن ۾ هندستان جو حصو اٽڪل 80 سيڪڙو آهي. جڏهن ته ڪيسٽر آئل جي مارڪيٽ جي ماليت اٽڪل 1.85 ارب ڊالر آهي 2025 ۾ هندستان 1.066 ارب ڊالر ماليت جو 677,076 ميٽرڪ ٽن ڪيسٽر آئل ۽ ان جا حصا برآمد ڪيا جن ۾ چين، نيدرلينڊز ۽ آمريڪا سڀ کان وڏا خريدار هئا. آئي ايم جي سي (IMGC) جي ڪاٿي مطابق، پاڪستان ساليانو صرف 4,000 کان 5,000 ميٽرڪ ٽن ڪيسٽر جو ٻج پيدا ڪري ٿو جنهن جي ٻج جي برآمدي قيمت 700 کان 800 ڊالر في ميٽرڪ ٽن آهي ان جي مقابلي ۾ ڪيسٽر آئل جي اٽڪل قيمت 1,600 کان 1,700 ڊالر في ميٽرڪ ٽن آهي ۽ سيباسڪ ايسڊ، جيڪو اسپيشلٽي ڪيميڪلز ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ مواد آهي تنهن جي قيمت 4,000 کان 4,500 ڊالر في ميٽرڪ ٽن آهي ڪمپني دليل ڏنو ته مقامي پروسيسنگ پاڪستان کي ان قدر جو گهڻو وڏو حصو حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي آبادگارن سان ڀاڱيداري: آئي ايم جي سي (IMGC) واضح ڪيو ته اها خود آبادگار ناهي اها طئي ٿيل پروگرام جي شرطن تحت ڪاشتڪارن کي هائبرڊ ڪيسٽر جو ٻج فراهم ڪرڻ جي تجويز ڏئي ٿي جنهن جي پٺيان ٻيهر خريداري ضمانت هوندي ڪمپني پوءِ اهو فصل ٻج جي برآمد ۽ ان کي ڪيسٽر آئل ۽ ان جي شين ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ حاصل ڪندي سنڌ ۾ مناسب علائقن ۾ بدين ٺٽو ٽنڊوباگو ۽ عمرڪوٽ شامل آهن آئي ايم جي سي (IMGC) جي فارم اڪنامڪس جي مقابلي موجب ڪمپني جي بيان ڪيل فرض ڪيل شرطن تحت ڪيسٽر مان في ايڪڙ في فصل 21,500 رپيا خالص آمدني حاصل ٿي سگهي ٿي جڏهن ته ان جي مقابلي ۾ سورج مکي مان 13,000 رپيا ۽ ڪڻڪ مان 14,800 رپيا آمدني ٿئي ٿي ڪمپني خبردار ڪيو ته اهي انگ اکر في فصل جي چڪر جا آهن ۽ ساليانو منافعو ناهن

بقايا 15 روزاني عبرت

اصولي موقف جي هميشه پختي حمايت ڪئي آهي ۽ اهي تاريخي رشتا هاڻي واپار سيڙپڪاري، دفاع ۽ خاص ڪري ڊجيٽل ٽرانسفارميشن جي جديد ميدانن ۾ هڪ فعال ڀائيواري جي صورت اختيار ڪري چڪا آهن. هو اربع تي اسلام آباد ۾ جمهوريه آذربائيجان جي يوم فتح جي سالگرهه جي موقعي تي منعقد هڪ تقريب ۾ خاص مهمان جي حيثيت سان خطاب ڪري رهي هئي. آذربائيجان جي سفير عرفان دائودوف جي ميزباني ۾ منعقد ٿيل ان تقريب ۾ ڪمانڊر آرمي ايئر ڊفينس ليفٽيننٽ جنرل سرفراز، وفاقي ڪابينا جا ميمبر پارليامينٽ ميمبر، دوست ملڪن جي سفيرن، سينئر عسڪري ۽ سول اختيارين ۽ مشهور شخصيتن شرڪت ڪئي. وفاقي وزير پاڪستان حڪومت ۽ عوام پاران آذربائيجان جي صدر الهام عليوف، آذربائيجان جي حڪومت ۽ عوام کي يوم فتح تي دلي مبارڪون پيش ڪيون ۽ نئين مقرر ڪيل سفير عرفان دائودوف کي پاڪستان ۾ ذميواريون سنڀالڻ تي ڀليڪار ڪيو هن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪستان هميشه آذربائيجان جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي غير مشروط حمايت ڪئي آهي جڏهن ته باڪو به عالمي فورمن تي والاريل ڪشمير جي تڪرار سميت هر عالمي معاملي ۾ پاڪستان جي موقف جي ڀرپور تائيد ڪئي آهي هن وزيراعظم محمد شهباز شريف جي باڪو ۾ يوم فتح جي پريڊ ۾ تاريخي شرڪت جو ذڪر ڪندي چيو ته ٻنهي ملڪن جي ترانن جي گونجڻ ۽ فوجن جو گڏجڻ دنيا تي گڏيل اتحاد ثابت ڪيو وفاقي وزير جولاءِ 2024ع ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ انفارميشن اينڊ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجيز جي مفاهمتي معاهدي جو حوالو ڏيندي چيو ته ڊجيٽل معيشت، ٽيلي ڪام ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ ٻنهي ملڪن جي اڳڀرائي انتهائي حوصلو ڏيندڙ آهي تقريب جي پڄاڻي تي وفاقي وزير آذربائيجان جي مسلسل ترقي، خودمختياري ۽ امن ۽ استحڪام لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي نعره لڳايو ته پاڪستان آذربائيجان دوستي زنده باد!

بقايا 16 روزاني عبرت

لڳڻ سبب 2 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته باهه جي وڪوڙ سبب اٽڪل 80 عارضي رهائشي ڍانچا سڙي خاڪ ٿي ويا. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق قابض اختيارين جو چوڻ آهي باهه ترپال ۽ ڪاٺيءَ مان تعمير ٿيل اٽڪل 80 عارضي ڍانچن کي پنهنجي وڪوڙ ۾ آڻي ڇڏيو اختيارين جو چوڻ آهي ته فائر اينڊ ايمرجنسي سروسز کي اطلاع ملڻ جنهن اضافي عملو گاڏيون موقعي تي پهچايون پر ان کان اڳ ئي باهه پوري علائقي ۾ پکڙجي وئي هئي. جنهن تي ضابطو آڻڻ بعد 2 لاش ڪڍيا ويا. اختيارين باهه جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ ڪري رهيون آهن

بقايا 17 روزاني عبرت

ڪوائرٽيپنگ جي جاچ ۾ گرفتار ڪرڻ جي هڪ ڏينهن بعد ڪيو ويو. لسٽيوا ۽ ٻن ٻين سينئر پوليس آفيسرن کي صدر ڪابينه جي وزيرن ۽ ٻين جا فون ٽيپ ڪرڻ جي شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو صدارتي ترجمان صحافين کي ٻڌايو ته مبينا وائر ٽيپنگ ملڪ سان غداري آهي ۽ اها قومي سلامتي لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي

بقايا 18 روزاني عبرت

موضوع تي منعقد ٿيل سيمينار ۾ شرڪت ڪئي، سيمينار ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان، گورنر سنڌ جو پرنسپال سيڪريٽري ڊاڪٽر سيف الرحمان، ڊي آءِ جي سائوٿ اسد رضا، ڊي جي آءِ ٽي ڊاڪٽر رانا شهزاد، آئيوري ڪوسٽ جو اعزازي سفير فضل ڪريم دادابائي، فلپائن جو قونصل جنرل ڊاڪٽر عمران يوسف، انڊس هاسپيٽل جو باني ڊاڪٽر عبدالباري خان، بوهري برادري جو اڳواڻ حسين ڪوميل، ڪراچي چيمبر آف ڪامرس جو صدر طلعت محمود، آباد جو چيئرمين حنيف گوهر، سنڌ هائيڪورٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر حسيب جمالي، ڪراچي پريس ڪلب جو سيڪريٽري اسلم خان، ايڊووڪيٽ نديم شيخ، ايس ايس پي سائوٿ منظور علي، سي پي ڪي حيدرآباد جو چيئرمين زبير گهانگهرو، نائب صدر عمران سهروردي سميت ڪراچي شهر جي 70 کان وڌيڪ واپاري تنظيمن جا اڳواڻ، واپاري برادري، وڪيل، سماجي شخصيتون ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ معزز شخصيتون شريڪ ٿيون. ان موقعي تي ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي ۽ سنڌ پوليس جي مجموعي ڪارڪردگي تي ٻڌل هڪ مختصر دستاويزي فلم (ڊاڪيومينٽري) پڻ پيش ڪئي وئي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پوري دنيا ۾ عوام جي سهڪار کانسواءِ موثر پوليسنگ جو تصور ممڪن ناهي. جڏهن ته ڪميونٽي پوليسنگ جي ڪاميابي لاءِ گڏيل رابطن، اعتماد ۽ گڏيل ذميواري جو مضبوط نظام بنيادي اهميت رکي ٿو. هن چيو ته صوبي ۾ امن امان جي قيام ۽ شهرين جي تحفظ جي خاطر سنڌ پوليس جي 2,600 کان وڌيڪ آفيسرن ۽ اهلڪارن پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو آهي جن جون قربانيون اسان لاءِ مشعل راهه آهن. سنڌ حڪومت سيف سٽي منصوبي جي حوالي سان سنڌ پوليس کي هر سطح تي مڪمل مدد فراهم ڪئي آهي. منصوبي جي پهرين مرحلي ۾ 1,200 ڪيمرائون نصب ڪيون ويون آهن ٻئي مرحلي ۾ وڌيڪ 2,000 ڪيمرائون نصب ڪيون وينديون. جڏهن ته شهرين ۽ واپارين جي سهڪار سان مجموعي طور تي شهر جي مختلف هنڌن ۽ تنصيبات تي ڪيمرائن جو انگ 32 هزار سان وڌي 40 هزار تائين پهچي چڪو آهي. هن ٻڌايو ته سنڌ پوليس جي ڏوهن جي سڃاڻپ (ڪيس حل ڪرڻ) جي مجموعي شرح 89 سيڪڙو آهي جڏهن ته گذريل سال جي ڀيٽ ۾ هلندڙ سال اسٽريٽ ڪرائيم ڦر ۽ ڌاڙن دوران قتل شهرين کي زخمي ڪرڻ ۽ قتل جي واقعن ۾ غير معمولي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. اهڙي ريت وڏين ۽ ننڍين گاڏين جي ڦر جي وارداتن ۾ پڻ نمايان گهٽتائي آئي آهي جڏهن ته صوبي جي داخلي ۽ خارجي رستن کي محفوظ بڻائڻ لاءِ اثرائتا ۽ مضبوط اپاءَ ورتا ويا آهن. آءِ جي سنڌ چيو ته جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کان بغير مستقبل ۾ پوليسنگ ممڪن ناهي. سنڌ پوليس جو آءِ ٽي شعبو ان حوالي سان موثر ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. اي وي ايس (EVS) نظام ذريعي سيڪيورٽي گارڊن ۽ انفرادي قوت جي تصديق سميت مختلف سافٽ ويئرز جي ذريعي گهريلو ملازمن جو ڊيٽا پڻ مرتب ۽ تازو ڪيو پيو وڃي. اسان کي اهڙن پڙهيل لکيل ۽ پيشيوران آفيسرن جي ضرورت آهي جيڪي جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو حاصل ڪرڻ جي صلاحيت رکندا هجن. هن واپاري برادري ۽ ٻين ڀائيوارن جو سنڌ پوليس سان سهڪار تي شڪريو ادا ڪندي چيو ته انهن جي شراڪتداري سان رانديڪن جي سرگرمين کي پڻ هٿي ڏني وئي آهي. سنڌ پوليس جون 18 رانديڪن جون ٽيمون جوڊو، ڪراٽي، هاڪي، فٽبال ۽ باڪسنگ سميت مختلف رانديڪن ۾ حصو وٺي رهيون آهن. رانديڪن جي سرگرمين سان نوجوان نسل کي منشيات ۽ ڏوهن کان پري رکڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. آءِ جي سنڌ وڌيڪ چيو ته معاشرتي ۽ ذاتي تڪرارن جي حل لاءِ ثالثي نظام جي هاڪاري پهلوئن مان فائدو وٺڻ گهرجي، ته جيئن معمولي اختلافن کي ڏوهن جي صورت اختيار ڪرڻ کان روڪي سگهجي. پوليس جي هاڪاري قدمن جي هر سطح تي حوصلا افزائي پڻ ضروري آهي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ڪراچي پوليس لاءِ موثر پوليسنگ هڪ وڏو چيلنج رهيو آهي، تنهن هوندي به سنڌ حڪومت جي احڪامن ۽ آءِ جي سنڌ جي ويزن موجب صحيح سمت ۾ اپاءَ جاري آهن. هن ٻڌايو ته ڪيمرائن جي استعمال سان ڏوهن جي روڪٿام ۾ نمايان مدد ملي آهي. موبائل فون جي خريد ۽ وڪري جي نظام کي وڌيڪ شفاف بڻائڻ لاءِ نئين ايپ تي پڻ ڪم جاري آهي. ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي جي باني مراد سوني پنهنجي خطاب ۾ آءِ جي سنڌ سميت سمورن معزز مهمانن ۽ شريڪ ٿيندڙن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي 2022ع ۾ باقاعدي طور تي پنهنجي سرگرمين جو آغاز ڪيو ۽ اڄ ان کي عالمي سطح تي پڻ پذيرائي ملي رهي آهي. هن ٻڌايو ته سيمينار ۾ ڪراچي جي لڳ ڀڳ 70 واپاري تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي، جيڪا ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته واپاري برادري شهر ۾ امن امان جي قيام ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ سنڌ پوليس سان مڪمل سهڪار ڪري رهي آهي. مراد سوني چيو ته شهر ۾ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ 18 پوليس اسٽيشنن ۾ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول روم قائم ڪيا ويا آهن. جڏهن ته 2 هزار کان وڌيڪ ڪيمرائون نصب ڪيون ويون آهن. جديد ٽيڪنالاجي ۽ نگراني ڪيمرائن جي موثر استعمال سان اسٽريٽ ڪرائيم جي شرح ۾ مجموعي طور تي 60 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي. هن واپاري برادري تي زور ڏنو ته هو پنهنجن ڪاروباري مرڪزن ۽ آس پاس ڪيمرائن جي تنصيب کي يقيني بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ڇاڪاڻ ته عوامي سهڪار ۽ گڏيل نگراني سان ڏوهن جي موثر روڪٿام ممڪن آهي. مراد سوني ٻڌايو ته ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي امن امان کان علاوه ماحولياتي تحفظ لاءِ پڻ وڻڪاري مهم شروع ڪئي آهي. جنهن تحت شهر ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ٻوٽا لڳايا ويا آهن جن جي سار سنڀال چيپيا ويلفيئر ٽرسٽ ۽ ٻيلن واري کاتي جي سهڪار سان ڪئي پئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته اداري مختلف جيلن ۾ پاڻي جي فراهمي جي مسئلن جي حل ۽ قيدين جي علاج ڪرائڻ لاءِ پڻ اپاءَ ورتا آهن. جڏهن ته موٽروي پوليس جي مدد سان بين الاقوامي ڊرائيونگ لائسنس جي حاصلات جي سهولت ڪراچي ۾ ئي فراهم ڪرڻ جون ڪوششون پڻ ڪامياب ٿيون آهن. جنهن سان شهرين کي اسلام آباد وڃڻ جي ضرورت ناهي رهي. سيمينار کي خطاب ڪندي ڪراچي چيمبر آف ڪامرس جي صدر طلعت محمود چيو ته واپاري برادري، ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي ۽ سنڌ پوليس سان شهر ۾ امن امان جي بحالي لاءِ مسلسل سهڪار ڪري رهي آهي. ڪراچي ملڪي معيشت جو مرڪز آهي ان ڪري هر شهري کي امن جي قيام ۽ پنهنجن فرضن جي ادائيگي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. بوهري برادري جي اڳواڻ حسين ڪوميل چيو ته ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي پوليس ۽ عوام جي وچ ۾ هڪ مضبوط پل جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ اهڙا سيمينار عوام جي اعتماد ۾ اضافي جو موثر ذريعو آهن. سنڌ هائيڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر حسيب جمالي ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي جي باني مراد سوني کي ڪاميابي تي مبارڪباد پيش ڪندي چيو ته وڪيل برادري ان هاڪاري ڪاوش ۾ سنڌ پوليس ۽ ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي سان مڪمل سهڪار جاري رکندي. ڊي جي آءِ ٽي ڊاڪٽر رانا شهزاد شهر ۾ امن امان جي قيام جو سهرو سنڌ پوليس جي سر تي ٻڌندي چيو ته واپاري برادري کي وڌ کان وڌ نگراني ڪيمرائون نصب ڪرڻ لاءِ ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. هن آءِ جي سنڌ جي قيادت ۽ ويزن کي پڻ ساراهيو. انڊس هاسپيٽل جي باني ڊاڪٽر عبدالباري خان چيو ته ڪميونٽي پوليسنگ جو بنيادي تصور پوليس ۽ عوام جو هڪ ٻئي سان ملي ڪري ڪم ڪرڻ آهي. جڏهن ته سنڌ پوليس جي اڍائي هزار کان وڌيڪ اهلڪارن جون قربانيون امن جي قيام لاءِ ان جي عزم جو چٽو ثبوت آهن. ڪراچي پريس ڪلب جي سيڪريٽري اسلم خان پوليس شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته واپاري برادري، ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي ۽ سنڌ پوليس گڏجي اسٽريٽ ڪرائيم جي خاتمي لاءِ قابل قدر قدم کڻي رهيا آهن. آباد جي چيئرمين حنيف گوهر وڻڪاري ۽ امن امان جي حوالي سان آباد جي ڪردار جو ذڪر ڪندي تجويز ڏني ته ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي کي جيلن هاسپيٽلن ۽ تعليمي ادارن ۾ پڻ پنهنجي سرگرمين کي وڌائڻ گهرجي.

بقايا 19 روزاني عبرت

سون جي قيمت ۾ 13900 رپين جي واڌ سان في تولو سون 4 لک 26 هزار 36 رپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اربع ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 13 هزار 900 رپين جي واڌ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 26 هزار 36 رپين جو ٿي ويو آهي 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 11917 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 3 لک 53 هزار 340 رپين مان وڌي 3 لک 65 هزار 257 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 23 هزار 906 رپين مان وڌي 3 لک 34 هزار 831 رپيا ٿي وئي آل سنڌ صرافه جيولرز ايسوسيئيشن مطابق في تولو چانديءَ جي قيمت 295 رپين جي واڌ سان 5663 رپيا ۽ 10 گرام چانديءَ جي قيمت 253 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 4855 رپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 3896 ڊالرز مان وڌي 4035 ڊالرز ٿي وئي

بقايا 20 روزاني عبرت

ٻارن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ اداري يونيسيف ڏکڻ يمن جي گورنري لحج ۾ واقع السقيا صحت مرڪز تي ٿيل حملي تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ طبي عملي جي ميمبرن سميت پنج ماڻهو مارجي ويا هئا. اداري پاران جاري ڪيل بيان ۾ حملي جي مذمت ڪندي حملي ۾ ملوث گروهه جي نشاندهي ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ايڪس تي جاري ڪيل مختصر بيان ۾ چيو ويو آهي ته حملي ۾ پنجن ماڻهن جو مارجي وڃڻ ڳڻتي واري صورتحال آهي اهو مرڪز ان اداري جي اهتمام هيٺ آهي ٻارن سميت 1737 ماڻهن کي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪري رهيو هيو يمن جي صحت واري وزارت ان ڳالهه تي زور ڏنو ته اهو حملو عالمي ۽ انساني قانون ۽ اصولن جي خلاف ورزي آهي جيڪي ڊاڪٽرن، طبي عملي ۽ مريضن جي تحفظ جي ضمانت ڏين ٿا. صحت واري وزارت عالمي برادري، گڏيل قومن انساني حقن جي تنظيمن، خاص طور تي صحت عالمي اداري ۽ ريڊ ڪراس کان مطالبو ڪيو ته اهي ان حملي جي مذمت ڪن ۽ جاچ ڪري حملي جي ذميوارن کي انجام تائين پهچائڻ جڏهن ته اهڙا قدم کڻن جيڪي صحت جي ڪارڪنن ۽ ان جي عملي جي تحفظ جي ضمانت ڏين ۽ ان قسم جي حملن کي ٻيهر ٿيڻ کان روڪن.

بقايا 21 روزاني عبرت

منتقل ڪري ڇڏيو پوليس موجب فوت ٿيل نينگريءَ جي سڃاڻپ اميد جي نالي سان ٿي آهي. والدين پوليس کي شروعاتي بيان ۾ ٻڌايو ته نينگري گهٽيءَ ۾ راند ڪري رهي هئي ته ان دوران سندس رئو دروازي ۾ ڦاسي پيو جنهن سبب سندس ڳچيءَ ۾ ڦاهو اچي ويو پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ته نينگريءَ جو رئو دروازي ۾ ڪهڙي ريت ڦاٿو ۽ سندس موت حادثو آهي يا ان جو ڪو ٻيو سبب آهي پوليس موجب موت جو اصل ڪارڻ پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ ڪانپوءِ معلوم ٿي سگهندو

بقايا 22 روزاني عبرت

۾ ڏوهن جي صورتحال امن امان ۽ ڌاڙيلن خلاف ڪارروائين جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ڊي آءِ جي ايسٽ، ڊي آءِ جي سائوٿ، ڊي آءِ جي ويسٽ، ڊي آءِ جي سي آءِ اي، ضلعي ايس ايس پيز ۽ ٻين سينئر پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ٽنهي زونل ڊي آءِ جيز ۽ ڊي آءِ جي سي آءِ اي پنهنجي لاڳاپيل زونن ۽ يونٽن جي ڪارڪردگي، ڏوهن جي صورتحال ۽ جاري پوليس قدمن بابت ڪراچي پوليس چيف کي تفصيلي بريفنگ ڏني اجلاس ۾ شهر اندر ڏوهن جي مجموعي صورتحال، امن امان برقرار رکڻ ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ڏوهن جي اثرائتي روڪٿام لاءِ جامع حڪمت عملي جوڙي وڃي ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ۽ اثرائتو بڻايو وڃي هن هدايت ڪئي ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ۽ شهر ۾ امن امان جو قيام هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي

بقايا 23 روزاني عبرت

ڳولڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي هن اها ڳالهه اڱاري ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ جيز ڪيش پاڪستان جي هڪ وفد سان ڳالهائيندي چئي. اجلاس ۾ سرڪاري روينيو جي جمع آوري ۾ شفافيت کي وڌائڻ ۽ عوام کي سرڪاري واجبات جي ادائيگي لاءِ تيز ۽ وڌيڪ آسان طريقا فراهم ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويو وفد جي اڳواڻي جيز ڪيش جي سي اي او مرتضيٰ علي ڪئي جنهن سان گڏ وائيس پريزيڊنٽ پبلڪ سيڪٽر پارٽنرشپس عارف چوڌري، هيڊ آف بزنس ڊولپمينٽ (سائوٿ) مريم سوني ۽ ريجنل مئنيجر شهزاد عباسي پڻ شامل هئا.

بقايا 24 روزاني عبرت

ايمبولينسن جون چابيون لاڳاپيل اسپتالن جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽس حوالي ڪيون سنڌ پوليس جي موٽر اينڊ ٽرانسپورٽ شعبي پاران پوليس جي مختلف اسپتالن کي جديد طبي سامان ۽ حياتيون بچائڻ وارن سهولتن سان ليس چار ايمبولينسون فراهم ڪيون ويون آهن ان موقعي تي ڊي آءِ جي موٽر ٽرانسپورٽ اينڊ ٽيڪنيڪل ذوالفقار مهر آءِ جي سنڌ کي ايمبولينسن ۾ موجود جديد طبي اوزارن، حياتيون بچائڻ وارين سهولتن ۽ ٻين ٽيڪنيڪي خاصيتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. تقريب ۾ ايڊيشنل آءِ جي آپريشن ڊي آءِ جي جيز سنڌ پوليس هاءِ وي پيٽرول هيڊڪوارٽر ڪرائيم اينڊ انويسٽيگيشنز ۽ موٽر ٽرانسپورٽ اينڊ ٽيڪنيڪل سميت اي آءِ جيز ۽ ٻين سينئر پوليس آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 25 روزاني عبرت

ٽريلر جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل عورت به علاج دوران فوت ٿي وئي، ٻنهي حادثن ۾ فوتين جو انگ 3 ٿي ويو ڊاڪس ٿاڻي جي حد نيٽي جيٽي پل ويجهو ٽريلر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار 21 ورهين جو نوجوان فوت ٿي ويو جنهن جو لاش ايڌي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس سڃاڻپ عبدالتواب ولد عبدالخالق طور ٿي فوتي نوجوان هنگورا آباد لياري جو رهواسي هو

بقايا 26 روزاني عبرت

مان حاصل ٿيندڙ آمدني صاف پاڻي، صحت، تعليم، مقامي نوجوانن جي روزگار ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ بابت ڳڻتي ظاهر ڪندي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ٿر ڪول جي رائلٽي ۽ منافعي مان حاصل ٿيندڙ رقم ان جي استعمال ۽ ٿرپارڪر ۾ جاري ترقياتي منصوبن جا تفصيل عوام آڏو آندا وڃن 4 نومبر تي جاري ڪيل بيان ۾ حليم عادل شيخ چيو ته ٿر ڪول منصوبي مان اربين رپين جي آمدني حاصل ٿيڻ باوجود ٿرپارڪر جا ماڻهو اڄ به پيئڻ جي صاف پاڻي، معياري تعليم، صحت ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم آهن حڪومت ٻڌائي ته ٿر ڪول جي رائلٽي جي مد ۾ وصول ٿيندڙ 62 ارب رپيا ۽ منافعي جي مد ۾ حاصل ٿيندڙ 8 ارب رپيا ڪٿي خرچ ڪيا ويا؟ ٿرپارڪر جي ترقيءَ لاءِ انهن رقمن مان ڪيتري رقم رکي وئي ۽ عملي طور ڪيترا فنڊ خرچ ڪيا ويا؟ روڊن، پاڻي جي فراهمي، اسپتالن ۽ اسڪولن تي ٿيندڙ خرچن جا مڪمل تفصيل پڻ پڌرا ڪيا وڃن

بقايا 27 روزاني عبرت

شام سندر آڏواڻي چيو آهي ته سنڌ حڪومت پاران ڏياري جي موقعي تي عام موڪل جو اعلان اقليتي برادري لاءِ خوشي ۽ احترام جو اظهار آهي پيپلز پارٽي جي قيادت چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري هميشه اقليتي برادرين جي حقن، مذهبي آزادي ۽ خوشين جو خاص خيال رکيو آهي هن چيو ته پيپلز پارٽي جي قيادت جو هميشه اهو واضح موقف رهيو آهي ته پاڪستان ۾ رهندڙ سمورن مذهبن ۽ عقيدن سان تعلق رکندڙ شهرين کي برابر جا حق حاصل آهن

بقايا 28 روزاني عبرت

پيغام ۾ چيو آهي ته پاڪستان ۾ ذهني بيمارين جي شرح 32.3 سيڪڙو هجڻ ڳڻتي جوڳو آهي ذهني صحت جي مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ سان معاشري تي ناڪاري اثر پئجي سگهن ٿا. وڏي وزير چيو ته هر ماڻهوءَ کي پنهنجي جسماني صحت وانگر ذهني صحت جو به خيال رکڻ گهرجي. ذهني دٻاءُ بيچيني ۽ ڊپريشن ڪا ڪمزوري نه آهن پر انهن مسئلن بابت کلي ڳالهائڻ ۽ وقت سر مدد حاصل ڪرڻ ضروري آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

تي ماڻهن ۾ خوشي آهي، عوام گذريل پي ٽي آءِ حڪومت کي رد ڪري ڇڏيو آهي، پي ٽي آءِ پنهنجي بحاليءَ جا خواب ڏسي رهي آهي پر ڪيس ڪرپشن جو حساب ڏيڻو پوندو، اسان عوام جي اميدن تي پورو لهنداسين اهڙو اظهار هن اربع ڏينهن ڪي پي ڪي ۾ پي ٽي آءِ جي 14 سالن جي حڪومت جي خاتمي تي بٽگرام ۾ عام جلسي کي خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير جي اڳواڻيءَ ۾ بٽگرام ۾ ڪي پي ڪي ۾ عظيم الشان عوامي جلسي جو بندوبست ڪيو ويو جنهن ۾ هزارين ليگي ڪارڪن ۽ شهرين شرڪت ڪئي جلسي ۾ ڪي پي ڪي ۾ پي ٽي آءِ جي 14 سالن جي حڪمرانيءَ جي خاتمي جي خوشيءَ ۾ شڪراني جي ڏهاڙي طور تي منعقد ڪيو ويو

بقايا 30 روزاني عبرت

طرفان جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب، وفاقي حڪومت پاران پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ ڦيرڦار لاءِ منظور ڪيل طريقيڪار تحت پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وئي آهي نوٽيفڪيشن موجب، پيٽرول جي في ليٽر قيمت ۾ 7 رپيا 6 پئسا گهٽتائي ڪئي وئي آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

شڪل ڏين، روٽس جي تعين ۾ اهم شاهراهن، ڪاروباري مرڪزن، تعليمي ادارن ۽ رهائشي علائقن کي خاص طور تي مد نظر رکڻ جون هدايتون ڏنيون آهن سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي جو اهم اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو اجلاس ۾ هلندڙ مهيني ڪراچي پهچندڙ ڊبل ڊيڪر بسن ۽ اي وي بسن جي روٽس جي انتظامن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن سي اي او ٽرانس ڪراچي زبير چنا، يلو لائين بي آر ٽي جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪمال دايو ۽ ٻين اختيارين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسن جي روٽس انتظامن سميت ٻين معاملن ريڊ لائين يلو لائين بي آر ٽي جي تعميراتي ڪم ۽ گرين لائن جي آپريشنز تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي ڳالهائيندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اميد آهي ته هلندڙ مهيني ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسن جي کيپ ڪراچي پهچي ويندي هن هدايت ڏني ته ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسن جي آپريشن جي لاءِ روٽس، چارجنگ اسٽيشنز ڊيپو اسپيس ۽ ٻين ٽيڪنيڪي ۽ انتظامي معاملن کي حتمي شڪل ڏني وڃي ۽ آپريشنز ۽ سروسز سميت سمورن لاڳاپيل معاملن لاءِ جامع رٿابندي ڪئي وڃي

بقايا 32 روزاني عبرت

شهزاده فيصل بن فرحان سان مصر جي هم منصب ڊاڪٽر بدر عبدالعطي ٽيليفون تي رابطو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ٽيليفون تي ٿيل ڳالهه ٻولهه دوران علائقائي صورتحال خطي ۾ تڪرار گهٽائڻ وارين ڪوششن ۽ تڪرارن کي پکڙجڻ کان روڪڻ جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جنهن دوران ٻنهي اڳواڻن لڳاتار هم آهنگي ۽ صلاح مشورن جي اهميت تي زور ڏنو

بقايا 33 روزاني عبرت

جنرل اسيمبلي ۽ سلامتي ڪائونسل انصاف جي عالمي عدالت (آئي سي جي) جي پنج ججن کي 6 فيبروري 2027 کان شروع ٿيندڙ 9 سالن مدي لاءِ چونڊيو ويو آهي ميڊيا رپورٽن موجب چونڊيل ججن ۾ برطانيا جو ڊيپو اڪانڊي، فرانس جو فرانسوا الابران، اردن جو محمود الله حمود، سنگاپور جي رينا لي ۽ ڪينيا جي فويبي اوڪووا شامل آهن پهرين مرحلي ۾ چار اميدوار جنرل اسيمبلي ۽ سلامتي ڪائونسل ٻنهي ۾ گهربل اڪثريت حاصل ڪري چونڊجي ويا

بقايا 34 روزاني عبرت

ڪرپشن اسڪينڊل وفاقي حڪومت جي ڪارڪردگيءَ تي وڏو سواليه نشان آهي. جڏهن ته وفاقي حڪومت جي حيران ڪندڙ خاموشي ڪيترائي سوال اٿاري رهي آهي قادر مندوخيل چيو ته ساڍا 10 ارب رپيا عوام جي ٽيڪسن مان گڏ ڪيل پئسا هئا، جن کي بي رحميءَ سان لٽيو ويو. عوام هڪ هڪ رپئي جي دوا لاءِ پريشان رهيو جڏهن ته پسنديده وزيرن جا ڪوآرڊينيٽر اربين رپيا ڦريندا رهيا ايف آءِ اي پاران اهم سرڪاري آفيسرن ۽ ڪوآرڊينيٽر جون گرفتاريون هن سنگين ڏوهه جي تصديق ڪن ٿيون هن چيو ته عوام کي سستيون دوائون فراهم ڪرڻ بدران قومي خزاني کي اربين رپين جو نقصان پهچايو ويو. وفاقي وزير صحت مصطفيٰ ڪمال جي ماتحت اداري بارڊر هيلٿ سروسز ۾ اينٽري وڏي پيماني تي مبينا ڦرلٽ ڪيئن ٿيندي رهي؟ هڪ طرف دوائن جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو ڪيو ويو آهي ته ٻئي طرف ٽيڪس ۾ اربين رپين جي مبينا گهوٽالي جو انڪشاف ٿي رهيو آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

22 سالن کان غيرقانوني قبضي هيٺ آيل 2300 چورس گز رفاهي زمين واڳزار ڪرائي ورتي سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) جي ڊائريڪٽر جنرل زين العابدين انصاري جي خاص هدايتن تي ڪي ڊي اي جي اسٽيٽ اينڊ انفورسمينٽ کاتي ڪارروائي ڪندي لڳ ڀڳ 22 سالن کان غيرقانوني قبضي هيٺ آيل قيمتي رفاهي زمين واڳزار ڪرائي ورتي ڪارروائي جي نگراني ڊائريڪٽر اسٽيٽ اينڊ انفورسمينٽ سيد زين علي شاهه ڪئي جڏهن ته کاتي جي آفيسرن ۽ عملي پڻ حصو ورتو

بقايا 36 روزاني عبرت

ڪيس ۾ سندس ضمانت ۾ 16 نومبر تائين واڌ ڪندي ٽه رڪني بئنچ جوڙڻ لاءِ معاملو چيف جسٽس کي موڪلي ڇڏيو آهي جسٽس ملڪ شهزاد احمد خان جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ اربع ڏينهن ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران جسٽس ملڪ شهزاد احمد خان ريمارڪس ڏنا ته هاءِ ڪورٽ جي ڊويزنل بئنچ جي فيصلي کي ٽه رڪني بئنچ ئي ٻڌي سگهي ٿي جمشيد دستي جي وڪيل دل محمد عليزئي موقف اختيار ڪيو ته هاءِ ڪورٽ جو حتمي حڪم ناهي آيو بلڪ عارضي حڪم نامو جاري ڪيو ويو آهي

بقايا 37 روزاني عبرت

قدرتي ماحول مان لطف اندوز ٿيڻ شهرين جي ذهني ۽ جسماني صحت لاءِ تمام گهڻو فائديمند آهي بلديه عظميٰ ڪراچي پاران ضلعي ملير جي علائقي گلشن حديد ۾ نئين عوامي پارڪ "عبدالسلام سومرو ميموريل پارڪ" جي تعمير ۽ ترقي پڻ انهيءَ سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي، جنهن جو مقصد شهرين کي صحتمند ۽ خوشگوار ماحول فراهم ڪرڻ آهي. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سرسبز علائقن جي اهميت کي اجاگر ڪندي چيو ته کين ذاتي طور تي وڻن جي ڇانءُ ۽ قدرتي ماحول ۾ وقت گذارڻ تمام گهڻو پسند آهي. شهر جي تيز رفتار زندگيءَ ۾ عوامي پارڪ اهڙا هنڌ آهن جتي شهري پنهنجي روزمره جي مصروفيتن مان ڪجهه وقت ڪڍي سڪون حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجي خاندان سان گڏ معياري وقت گذاري سگهن ٿا.

سنڌ پاڻي ۽ زراعت جي تبديلي (SWAT) منصوبو

پروجيڪٽ مينيجمينٽ يونٽ / ايگريڪلچر ڊليوري يونٽ

دلچسپي جي اظهار لاءِ درخواست

(انفرادي صلاحڪار)

ملڪ: سنڌ، پاڪستان
منصوبو: سنڌ پاڻي ۽ زراعت جي تبديلي (SWAT)
منصوبي جي سڃاڻپ: 167596P
قرض نمبر: PAK-72550

ڪم جو عنوان: سنڌ پاڻي ۽ زراعت جي تبديلي (SWAT) منصوبي لاءِ انفرادي صلاحڪارن جون خدمتون حاصل ڪرڻ: (i) ايف ايف ايس ۽ ويليو چين اسپيشلسٽ، (ii) سماجي ۽ صنفي معاملن جو ماهر، (iii) ٺيڪن جي انتظام جو آفيسر / جونيئر ٺيڪن جي انتظام جو ماهر، (iv) خريداري آفيسر، (v) رابطن جو آفيسر

سنڌ حڪومت کي سنڌ پاڻي ۽ زراعت جي تبديلي (SWAT) منصوبي جي لاڳو ڪرڻ جي خرچن لاءِ عالمي بئنڪ کان مالي مدد ملي آهي ۽ ان رقم جو ڪجهه حصو انفرادي صلاحڪارن جي خدمتن جي حاصلات تي خرچ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي.

زراعت کاتي حيدرآباد ۾ پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (PIU)، جنهن کي ايگريڪلچر ڊليوري يونٽ (ADU) پڻ چيو وڃي ٿو، قائم ڪيو آهي ته جيئن منصوبي جي جزن 3 ۽ 5 تي عملدرآمد جو انتظام ڪري. هي عهدا ADU جو حصو آهن. ADU مجموعي انتظام سنڀاليندو، جڏهن ته ڪم زراعت کاتي جي مختلف شعبن ۾ ورهايل آهي.

مٿي ڄاڻايل پنجن ماهرن جون خدمتون گهربل آهن. گهربل تعليم ۽ تجربي جا شرط پورا ڪندڙ دلچسپي رکندڙ اميدوار (مرد/عورت) درخواست ڏئي سگهن ٿا.

سڀني عهدن لاءِ معاهدي جو مدو هڪ سال هوندو، جيڪو اطمينان بخش ڪارڪردگي جي بنياد تي وڌائي سگهجي ٿو.

هر انفرادي صلاحڪار / ماهر لاءِ تفصيلي شرطن جو حوالو (TORs) ويب سائيٽ تي موجود آهي: https://swatagriculture.gos.pk

نمبر	عهدو	گهربل تعليم ۽ تجربو	آسامين جو تعداد
1	ايف ايف ايس ۽ ويليو چين جو ماهر -INDV-CS-574072-SAD-PK 2026FFS	• زرعي سائنس، زرعي اقتصاديات، زرعي مارڪيٽنگ يا زرعي ڪاروبار جي ترقيءَ ۾ ماسٽرز ڊگري (گهٽ ۾ گهٽ 16 سالن جي تعليم). • قومي ۽ بين الاقوامي ادارن سان ويليو چين جي ترقيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 سالن جو تجربو؛ زرعي ڪاروبار جي واڌاري ۽ مضبوطيءَ وارن سرڪاري/نجي منصوبن يا ادارن ۾ حاصل ڪيل نتيجن جا ثبوت. • آءِ ٽي، ڪمپيوٽر ۽ رپورٽ لکڻ جون صلاحيتون لازمي. • انگريزي ۾ لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي رواني ضروري؛ ٻين مقامي ٻولين جي ڄاڻ اضافي خوبي هوندي. • پرڏيهي مالي مدد سان هلندڙ منصوبن ۾ ڪم جو تجربو اضافي ترجيح هوندو.	01
2	سماجي ۽ صنفي معاملن جو ماهر -INDV-CS-575820-SAD-PK 2026-G&S	• سماجيات، صنفي ترقي، ڳوٺائي ترقي يا زرعي اقتصاديات ۾ ماسٽرز ڊگري (گهٽ ۾ گهٽ 16 سالن جي تعليم). • سرڪاري ۽ نجي شعبي ۾ سماجي ۽ صنفي تحفظ جي قدمن تي عملدرآمد ۽ انتظام جو گهٽ ۾ گهٽ ڏهن (10) سالن جو لاڳاپيل تجربو • سماجي جاچ، آبادڪاري، صنفي ۽ لاڳاپيل ڌرين جي شموليت وارين منصوبي ۽ شڪايتن جي ازالي جي طريقيڪار بابت پختي ڄاڻ. • انگريزيءَ ۾ سٺي رابطي جي صلاحيت ۽ ڪمپيوٽر جي استعمال ۾ مهارت. • پرڏيهي مالي مدد سان هلندڙ منصوبن جو تجربو اضافي ترجيح هوندو.	01
3	ٺيڪن جي انتظام جو آفيسر / جونيئر ٺيڪن جي انتظام جو ماهر -INDV-CS-558988-SAD-PK 2026-CMO	• سول انجنيئرنگ، بزنس ايڊمنسٽريشن، پروجيڪٽ مينيجمينٽ يا لاڳاپيل شعبي ۾ تسليم ٿيل يونيورسٽيءَ مان ماسٽرز يا بيچلرز ڊگري (گهٽ ۾ گهٽ 16 سالن جي تعليم). • ٺيڪن جي انتظام، خريداري، منصوبن تي عملدرآمد ۽ صلاحڪاري توڙي بنيادي ڍانچي جي ٺيڪن جي انتظام ۾ گهٽ ۾ گهٽ 05 کان 07 سالن جو لاڳاپيل پيشور تجربو • عالمي بئنڪ، ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB) يا ٻين امداد ڏيندڙ ادارن جي مالي مدد سان هلندڙ منصوبن جو تجربو گهڻو پسند ڪيو ويندو. • صلاحڪارن، ٺيڪيدارن، نگراني ڪندڙ ادارن ۽ سرڪاري ايجنسين سان هم آهنگيءَ جو ثابت ٿيل تجربو • منصوبابندي، عملدرآمد، وقتبندي، نگراني ۽ خطرن جي انتظام جو تجربو. • آبي وسيلن، بنيادي ڍانچي يا سرڪاري شعبي جي ترقياتي منصوبن جو تجربو اضافي خوبي هوندي.	01
4	خريداري آفيسر -INDV-CS-558987-SAD-PK 2026-PO	• بزنس ايڊمنسٽريشن، پبلڪ ايڊمنسٽريشن، ماليات، زراعت يا لاڳاپيل شعبي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ماسٽرز ڊگري. • خريداريءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 سالن جو لاڳاپيل تجربو خاص طور امداد ڏيندڙ ادارن جي مالي مدد سان هلندڙ منصوبن ۾. • آءِ پي ايف قرض وٺندڙن لاءِ عالمي بئنڪ جي خريداري ضابطن کان واقفيت. • STEP يا ساڳين اليڪٽرانڪ خريداري نظامن جي استعمال جو تجربو اضافي خوبي هوندو. • سرڪاري خريداريءَ جي طريقيڪار ۽ دستاويزن جي پختي ڄاڻ. • مضبوط تنظيمي، تجزياتي ۽ رابطي جون صلاحيتون. • ايم ايس آفيس ۽ لاڳاپيل آءِ ٽي اوزارن ۾ مهارت.	01
5	رابطن جو آفيسر -INDV-CS-558990-SAD-PK 2026-COM	• ايڇ اي سي کان تسليم ٿيل يونيورسٽيءَ مان ماس ڪميونيڪيشن، پبلڪ رليشنز، ميڊيا اسٽڊيز، آءِ ٽي، ڪمپيوٽر سائنس ڪميونيڪيشن، مارڪيٽنگ يا لاڳاپيل شعبي ۾ ماسٽرز ڊگري. • رابطن، عوامي لاڳاپن، ميڊيا مينيجمينٽ يا لاڳاپيل ڌرين سان رابطي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 سالن جو پيشور تجربو خاص طور سرڪاري، امدادي يا بين الاقوامي ترقياتي منصوبن ۾. • عالمي بئنڪ، ADB يا ٻين بين الاقوامي ترقياتي ڀائيوارن جي مالي مدد سان هلندڙ منصوبن جو تجربو اضافي خوبي هوندو. • سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ لکڻ، ايڊيٽنگ ۽ پيشڪش جون بهترين صلاحيتون؛ ٻي علائقائي ٻوليءَ جي ڄاڻ اضافي خوبي هوندي. • ويب سائيٽ، سوشل ميڊيا، گرافڪ ڊيزائن، هم آهنگي، فوٽوگرافي ۽ ملٽي ميڊيا رابطن جي انتظام جو تجربو • ماڻهن سان رابطو هم آهنگي ۽ لاڳاپيل ڌرين کي شامل ڪرڻ جون مضبوط صلاحيتون. • مائڪروسافٽ آفيس / مصنوعي ذهانت (AI) جي ايپليڪيشنن ۾ مهارت ۽ رابطن ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي اوزارن سان واقفيت.	01

انفرادي صلاحڪار / ماهر جي چونڊ مقابلي واري عمل ذريعي، عالمي بئنڪ جي «سيڙپڪاري منصوبن جي مالي مدد لاءِ خريداري ضابطن: سامان، ڪم، غير صلاحڪاري ۽ صلاحڪاري خدمتون» نومبر 2020 مطابق ڪئي ويندي.

دلچسپي رکندڙ پيشور/ميسائل رکندڙ) صلاحڪار (سنڌ جو ڊوميسائل رکندڙ) اشتهار جي اشاعت کان 15 ڏينهن اندر هيٺ ڄاڻايل پتي تي ڪوريئر ذريعي درخواست، تعارفي خط، سي وي ۽ مددگار دستاويز موڪلي سگهن ٿا. لاڳاپيل عهدن جا ڪم ۽ ذميواريون (TORs) منسلڪ آهن ۽ منصوبي جي ويب سائيٽ https://swatagriculture.gos.pk تي پڻ ڏنل آهن. صرف شارٽ لسٽ ڪيل اميدوارن کي انٽرويو لاءِ رابطو ڪيو ويندو.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر

ايگريڪلچر ڊليوري يونٽ / پي ايم يو سنڌ پاڻي ۽ زراعت جي تبديلي (SWAT) منصوبو
گهر نمبر 144، DOHS-1، ڪنٽونمينٽ، حيدرآباد، سنڌ

INF/KRY: 4988/26

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

Thursday 05 november 2026

خميس 05 نومبر 2026ع

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سنڌ ۾ تعليم جو بحران توجهه گهري ٿو!

صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاد

ٽي نومبر جون چونڊون، ٽيڪساس ۾

صفحو 4

ڏياري، روشنيءَ جي فتح جو واعدو..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار

صفحو 4

مختيار انڙ

اڄوڪو ڏينهن —— 05 نومبر

صفحو 4

ڏگهڙي جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڪتن جي ڏاڙهڻ جا واقعا وڌي ويا، نينگري سميت 5 ڄڻا زخمي

رولو ۽ چٽني ڪتن جي حملن ۾ واڌ، ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب نينگري سميت 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا، ويڪسين اڻلڀ

تعلقه هيڊڪوارٽر سول اسپتال ۾ ڪتي جي چڪ کان بچاءَ واري ويڪسين موجود نه هجڻ سبب متاثرن کي مشڪلاتون

اهڙن سرڪاري اسپتالن جو ڪهڙو فائدو جتي مريضن کي علاج جون سهولتون ڏيڻ بدران وڌيڪ پريشانين ۾ مبتلا ڪيو وڃي: شهري

ڏگهڙي ڪتي ڏاڙهڻ سبب زخمي ٿيلن جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڪتن جي ڏاڙهڻ جا واقعا وڌي ويا، نينگري سميت 5 ڄڻا زخمي، سرڪاري اسپتالن ۾ ريبيز ويڪسين اڻلڀ. ڏگهڙي جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ رولو ۽ چٽني ڪتن جي حملن ۾ واڌ، ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب نينگري سميت 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا. سرڪاري اسپتالن ۾ ڪتي جي چڪ کان بچاءَ واري ويڪسين (اينٽي ريبيز ويڪسين) اڻلڀ هجڻ سبب متاثرن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي تفصيل موجب ڏگهڙي جي ڀرپاسي ديهه 192 جي ڳوٺ جيو ڪلوئي ۽ انب سوري اسٽاپ وٽ رولو چٽني ڪتي دريا خان ڪلوئي جي رهواسي سميت 5 ڄڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو زخمين کي علاج لاءِ سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو پر ڏگهڙي جي تعلقه هيڊڪوارٽر سول اسپتال ۾ ڪتي جي چڪ کان بچاءَ واري ويڪسين موجود نه هجڻ سبب متاثرن کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ٻئي طرف ڪنڊو جان محمد جي رورل هيلٿ سينٽر ۾ پڻ اينٽي ريبيز ويڪسين جي اڻهوند جون شڪايتون سامهون آيون آهن اطلاعن موجب ڪتي جي ڏاڙهڻ سبب زخمي ٿيل ڪجهه ماڻهن کي ميرپور خاص وڃي ويڪسين لڳرائڻي پئي، جڏهن ته باقي متاثر اجا تائين ضروري انجيڪشن لڳرائڻ کان محروم آهن متاثرن جو چوڻ آهي ته هو غريب پورهيت آهن ۽ وٽن ميرپورخاص يا حيدرآباد اچڻ وڃڻ جي پائي جا پئسا به ناهن هنن سرڪاري اسپتالن ۾ ضروري ويڪسين جي اڻهوند خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ته اهڙن سرڪاري اسپتالن جو ڪهڙو فائدو جتي مريضن کي علاج جون سهولتون ڏيڻ بدران وڌيڪ پريشانين ۾ مبتلا ڪيو وڃي شهرين ڳڻتي جو اظهار ڪندي سوال اٿاريو آهي ته جيڪڏهن بروقت ويڪسين نه ملڻ سبب ڪنهن متاثر کي ريبيز جهڙي موتمار بيماري ٿي پئي ته ان جي ذميواري ڪير قبول ڪندو؟متاثرن ۽ شهرين صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين کان فوري طور نوٽيس وٺڻ ۽ ڏگهڙي سميت ڪنڊو جان محمد جي سرڪاري اسپتالن ۾ ڪتي جي چڪ کان بچاءَ واري ويڪسين جي فراهمي يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

زرعي يونيورسٽي ۾ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي تربيت، ”اسان تيار آهيون“ جي سري هيٺ ورڪشاپ

موسمياتي تبديلين، قدرتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي اڳواٽ تياري بابت آگاهي

موسمياتي تبديليون هڪ اهم عالمي چئلينج آهن، جن کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري، گڏيل ۽ منظم قدم کڻڻ لازمي آهن: ڊاڪٽر عبدالمبين لوڌي

نوجوان ماحولياتي تحفظ بابت شعور کي عملي قدمن ۾ تبديل ڪن ۽ پنهنجين برادرين کي محفوظ بڻائڻ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪن

ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي ۾ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي تربيت، ”اسان تيار آهيون“ جي سري هيٺ منعقد ورڪشاپ دوران ورتل گروپ فوٽو

ٽنڊوڄام (پ ر) موسمياتي تبديلين ۽ قدرتي آفتن جي وڌندڙ خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ نوجوانن کي تيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته ماحولياتي تحفظ ۽ محفوظ معاشري جي جوڙجڪ ۾ نوجوان نسل جو ڪردار انتهائي اهم آهي ان سلسلي ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي گرين يوٿ موومينٽ (GYM) ڪلب پاران فيڪلٽي آف ڪراپ پروڊڪشن ۾ ”تيار“ (TAYAR) پروگرام تحت تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ يونيورسٽي جي مختلف فيڪلٽين جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ڀرپور شرڪت ڪئي ورڪشاپ جو مقصد نوجوانن کي عملي قدم کڻڻ ۽ مشڪلاتن توڙي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيتن سان ليس ڪرڻ هو ان موقعي تي موسمياتي تبديلين، قدرتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي اڳواٽ تياري ۽ مقامي برادرين ۾ آفتن کي منهن ڏيڻ جي سگهه وڌائڻ بابت آگاهي ڏني وئي، ورڪشاپ کي خطاب ڪندي فيڪلٽي آف ڪراپ پروڊڪشن جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالمبين لوڌي چيو ته موسمياتي تبديليون هڪ اهم عالمي چئلينج آهن جن کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري، گڏيل ۽ منظم قدم کڻڻ لازمي آهن هن ٻيلن جي واڍ ۽ صنعتي سرگرمين مان خارج ٿيندڙ دونهين ۽ گئسن کي ماحولياتي تبديلين جا اهم سبب قرار ڏيندي وڻڪاري، وڻن جي حفاظت، قدرتي وسيلن جي بهتر استعمال ۽ ماحول دوست طرزِ زندگي اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو هن چيو ته موسمياتي تبديلين جا اثر گهٽائڻ لاءِ پاڪستان جي هر شهري کي پنهنجي ذميواري ادا ڪرڻي پوندي رڳو پوکڻ ڪافي ناهي پر انهن جي بقا ۽ بهتر واڌ ويجهه لاءِ لڳاتار سار سنڀال پڻ ضروري آهي هن نوجوانن تي زور ڏنو ته اهي ماحولياتي تحفظ بابت شعور کي عملي قدمن ۾ تبديل ڪن ۽ پنهنجين برادرين کي محفوظ بڻائڻ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪن ان موقعي تي گرين يوٿ موومينٽ جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر محمد جاويد شيخ جڏهن ته ڪلب جي ڪميٽي جي ميمبرن ڊاڪٽر عبدالوحيد سولنگي ۽ ڊاڪٽر مهرالنساء رئيس موسمياتي تبديلين، قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي تيارين ۽ برادريءَ جي سطح تي نوجوانن جي شموليت بابت ليڪچر ڏنا. مقررن قدرتي آفتن جا خطرا گهٽائڻ ۽ محفوظ توڙي مضبوط معاشري جي جوڙجڪ لاءِ نوجوانن جي عملي شرڪت جي اهميت اجاگر ڪئي ”اسان تيار آهيون“ جي نعري هيٺ منعقد ڪيل هن ورڪشاپ ۾ موسمياتي تبديلين ۽ قدرتي آفتن سبب پيدا ٿيندڙ چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري، گڏيل ذميواري ۽ نوجوانن جي بامقصد شموليت کي خاص اهميت ڏني وئي.ورڪشاپ جي پڇاڙيءَ تي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالمبين لوڌي شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا.

ڪوٽ غلام محمد جي مک ويٽرنري اسپتال جي عمارت زبون حاليءَ جو شڪار

عمارت زبون حاليءَ جو شڪار هجڻ سبب ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو خدشو، عملي ۽ سهولتن جي کوٽ

ڀتين ۽ ڇت مان سيمينٽ جا چاپڙا ڪرڻ سبب اسپتال ايندڙ مالوندن ۽ ڊيوٽي ڪندڙ عملي جي حياتين کي خطرو

اسپتال ۾ رڳو هڪ ڊاڪٽر ۽ هڪ سينيئر اسٽاڪ اسسٽنٽ ڊيوٽي ڪن ٿا، جڏهن ته ٻيون جايون خالي پيل آهن: مالوند

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽ: غلام حسين قائمخاني) ڪوٽ غلام محمد جي مک ويٽرنري اسپتال زبون حاليءَ جو شڪار عمارت ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿي عملي جي کوٽ ۽ بنيادي سهولتن جي اڻهوند سبب مالوند پريشان سنڌ حڪومت کان فوري مرمت ۽ ڀرتين جو مطالبو ڪوٽ غلام محمد جي مک ويٽرنري اسپتال سخت زبون حاليءَ جو شڪار آهي جڏهن ته عمارت جي ڀتين ۾ وڏا ڏار پئجي ويا آهن ۽ ڇت مان سيمينٽ جا چاپڙا ڪرڻ سبب اسپتال ايندڙ مالوندن ۽ ڊيوٽي ڪندڙ عملي جي حياتين کي خطرو آهي خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته عمارت ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿي اسپتال بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ اعلا اختيارين جي ڏيانءَ سبب ڪيترن ئي مسئلن ۾ گهيريل آهي برسات دوران اسپتال جو احاطو مهينن جا مهينا برساتي ۽ گندي پاڻيءَ ۾ ٻڏل رهي ٿو جنهن ڪري علاج لاءِ ايندڙ مالوندن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو تعلقي جي لکين ننڍن ۽ وڏن جانورن کي علاج جون سهولتون فراهم ڪندڙ هن اهم اسپتال ۾ عملي جي کوٽ به سنگين صورت اختيار ڪري وئي آهي اسپتال ۾ رڳو هڪ ڊاڪٽر ۽ هڪ سينيئر اسٽاڪ اسسٽنٽ ڊيوٽي ڪن ٿا، جڏهن ته اسٽاڪ اسسٽنٽ، ايل آءِ، سويپر، چوڪيدار ۽ پٽيوالي سميت ٻيون ضروري عملي جون جايون خالي پيل آهن ٻڌايو وڃي ٿو ته لوڪل بورڊ پاران ڀرتي ڪيل ملازمن جي رٽائرمينٽ کان پوءِ سندن جڳهن تي نئون عملو مقرر نه ڪيو ويو آهي اسپتال ۾ جانورن جي بهتر نسل ۽ پالنا بابت سهولتون به موجود ناهن جنهن سبب مالوندن کي مختلف مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو علائقي جي مالوندن جو چوڻ آهي ته تعلقي جي لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو آباديءَ جو روزگار زراعت ۽ مال مويشيءَ سان لاڳاپيل آهي پر ايتري وڏي آبادي ۽ لکين جانورن جي علاج ۽ پالنا لاءِ گهربل سرڪاري سهولتون موجود ناهن مالوندن سنڌ حڪومت، صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اسپتال جي زبون حال عمارت جي فوري مرمت يا نئين سر تعمير ڪرائي وڃي، ڊاڪٽرن ۽ ٻين عملي جي کوٽ پوري ڪري جديد طبي ۽ جانورن جي بهتر نسل بابت سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيئن مالوندن کي پنهنجي ئي تعلقي ۾ معياري علاج ملي ۽ ڪنهن امڪاني حادثي کان بچي سگهجي

بوزدارواڍا پرسان ڳوٺ يارمحمد جسڪاڻي جي رهواسين جو احتجاج

بوزدارواڍا(ن ع) بوزدارواڍا پرسان ڳوٺ يارمحمد جسڪاڻي جي رهواسين جو ميڊيا با اثر جي زيادتين ۽ عورت پاران سوشل ميڊيا تي ڪوڙا الزام هڻڻ ۽ ميڊيا ٽرائل خلاف اسلم جسڪاڻي حاجي خان جسڪاڻي محمد نواز دلمراد ۽ اسد جسڪاڻي جي اڳواڻي ۾ ڳوٺاڻن ۽ ننڍڙن معصوم ٻارڙن سميت ميڊيا آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن دانهيندي ميڊيا کي ٻڌايو ته بااثر شهباز ڏنوجسڪاڻي ۽ نور محمد ذوالفقار جسڪاڻي اسان جي گهر مان سونا زيور چوري ڪري ويا هئا جنهن جو ڪيس اسان بوزدارواڍا ٿاڻي تي معتبر داخل ڪرايو هو جنهن بعد درگاهه سيد رويل شاهه تي برادري جي ڇڪڻ مڙسن فيصلو ڪيو جنهن ۾ جوابدار ڏر معتبر ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار ڏر هڪ لک رپيا فيصلي موجب ادا ڪيا ۽ ٻيا پيسا به نه ڏنا ۽ جوابدار شهباز ڏنو جسڪاڻي ڳوٺ ملوڪ شر مان جوڳي برادري جي گهر مان چوري ڪندي ڀاڳين ٿري پوليس حوالي ڪرائي معتبر ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪيو آهي جنهن بعد جوابدار شهباز ڏنو جسڪاڻي جي زال ڏکيم جسڪاڻي هڪ باثر سان ملي ڪري ڊرامون ڪري هٿ سان مٿي جا وار ڪوڙي سوشل ميڊيا تي اسان جي معتبر ڪوڙا الزام پئي هڻي ان معاملي جي ڳوٺ ۾ پاڪ ڪتاب تي انڪوائري ڪرائي وڃي اسان پاڪ نياڻين وارا آهيون اهڙو غلط ڪم نٿا ڪري سگهون مسمات ڏکيم جسڪاڻي بيگناهه اسان معتبر ڪوڙا الزام هڻي بليڪ ميل ڪري مڙس ۽ ٻين جوابدارن کي بچائڻ لاءِ ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڪوڙا الزام پئي لڳائي ۽ وڪيل علي نواز شر عورت سان ملي اسان کي موتمار ڌمڪيون پيو ڏئي ۽ جيڪڏهن اسان کي ڪجهه به ٿيو ته ان جو ذميوار وڪيل علي نواز شر هوندو هنن آءِ جي سنڌ وزير اعلي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته ان معاملي جو نوٽيس وٺي پاڪ ڪتاب تي سر زمين تي انڪوائري ڪري اسان غريب مسڪين پورهيتن سان انصاف ڪيو وڃي ۽ گرفتار جوابدار شهباز ڏنو جسڪاڻي معتان ڪنب بوزدارواڍا ٿري ميرواهه ٿاڻن تي چوري ۽ منشيات جا ڪيس داخل ٿيل آهن ۽ هو هڪ وڏو ڏوهاري آهي اسان کي جان جو تحفظ فراهم ڪيو وڃي

لڪي غلام شاهه جي هاءِ اسڪول ۾ اسٽيم پروگرام جي شاندار تقريب

تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران مختلف تخليقي ۽ دلچسپ مقابلا پيش ڪيا ويا

اسٽيم پروگرام تحت شاگردن پاران پيش ڪيل سرگرميون انتهائي شاندار ۽ قابل تعريف آهن: عارف مهر

لڪي غلام شاهه(ن ع) لڪي غلام شاهه جي هاءِ اسڪول سيڪنڊري بوائز ۽ هاءِ اسڪول سيڪنڊري گرلز ۾ اسٽيم (STEM) پروگرام جي شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران مختلف تخليقي ۽ دلچسپ مقابلا پيش ڪيا ويا تقريب ۾ شاگردن پنهنجي صلاحيتن، ذهانت، تخليقي سوچ ۽ جديد ٽيڪنيڪل مهارتن جو شاندار مظاهرو ڪيو تقريب جو مهمان خاص پاڪستان پيپلز پارٽي جو ايم پي اي حاجي محمد عارف خان مهر هو جڏهن ته ڊي اي او سيد محمد شاهه پرنسپال ارشاد احمد ڀهڻ نظام الدين حاجي محمد اسلم ميمڻ اسد الله منگي حاجي مشتاق مهر طارق ڍهرج ڏتي بخش مهر حبيب الله ميمڻ هدايت الله مهر سميت استادن شاگردن ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي تقريب جي موقعي تي پ پ ايم پي اي حاجي محمد عارف خان مهر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسٽيم پروگرام تحت شاگردن پاران پيش ڪيل سرگرميون انتهائي شاندار ۽ قابل تعريف آهن شاگردن پنهنجي تخليقي صلاحيتن ذهانت ۽ جديد ٽيڪنيڪل مهارتن جو بهترين مظاهرو ڪيو آهي جنهن مان سندن محنت، قابليت ۽ مستقبل لاءِ مثبت سوچ ظاهر ٿئي ٿي هن وڌيڪ چيو ته شاگردن پاران پيش ڪيل ماڊلز ۽ تخليقي منصوبن ۾ روزمره جي ضرورتن سان لاڳاپيل مسئلن کي اجاگر ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪ بهترين عمل آهي اميد آهي ته الله پاڪ اهڙا وسيلا ۽ موقعا فراهم ڪندو جن جي ذريعي انهن باصلاحيت شاگردن جي حوصلا افزائي ڪري کين وڌيڪ اڳتي وڌائي سگهجي ۽ سندن صلاحيتن کي ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجي

لڪي غلام شاهه جي هاءِ اسڪول ۾ اسٽيم پروگرام جي شاندار تقريب جو ڏيک

سرهاري پرسان معمولي ڳالهه تان بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

لٺين ڪهاڙين ۽ فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 11 ڄڻا سخت زخمي

زخمين کي علاج لاءِ سرهاري رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو، ڇهن جي حالت ڳڻتي جوڳي

سرهاري(ن ع) سرهاري شهر جي ريلوي ڦاٽڪ پرسان سڪرنڊ روڊ تي معمولي ڳالهه تان بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران لٺين ڪهاڙين ۽ فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 11 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ ڊهڪاءُ پکڙجي ويو.پوليس پهچي جهيڙي کي ڪاري ڇڏيس سرهاري شهر جي ريلوي ڦاٽڪ پرسان بروهي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جيڪو ڏسندي ڏسندي جهيڙو شدت اختيار ڪري ويو پوليس پهچي جهيڙي تي ڪنٽرول ڪيو ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي تي لٺين ڪهاڙين ۽ فائرنگ جو استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ بوسڪي بروهي، خدا بخش بروهي، رياض بروهي، قربان بروهي، صمد بروهي، قادر بخش بروهي، در محمد بروهي سميت ٻنهي ڌرين جا 11 ڄڻا زخمي ٿي پيا.اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جهيڙي تي ضابطو آندو جڏهن ته زخمين کي علاج لاءِ سرهاري رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد ڏني وئي زخمين مان ڇهن ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ شهدادپور ريفر ڪيو ويو.ٻئي طرف پوليس موجب جهيڙو گهر جي ڳالهه تان پيش آيو آهي آخري اطلاعن تائين واقعي ۾ ملوث ڪنهن به ڌر جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي هئي. شهر جي مصروف ترين روڊ تي جهيڙي ۾ فائرنگ سبب شهرين ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

ملڪ انتهائي نازڪ دور مان گذري رهيو آهي: مولانا نور محمد ميمڻ

حڪمران مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويا آهن، بلوچستان ۽ ڪي پي ۾ حالتون خراب آهن

مولانا فضل الرحمان حق سچ ڳالهايو آهي ته ان جي رهائش گاهه جو تقدس پائمال ڪيو ويو آهي

سوڀوديرو (ن ع) ملڪ انتهائي نازڪ دور مان گذري رهيو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار جمعيت علماءِ اسلام تعلقي سوڀوديرو جي اڳواڻن مولانا نور محمد ميمڻ محمد راشد ليل عبدالواحد بروهي ۽ ٻين پريس ڪلب راڻي پور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته موجوده حڪمران مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويا آهن صوبي بلوچستان ۽ صوبي ڪي پي ڪي جون حالتون خراب آهن عوام عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويو آهي، جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان حق سچ ڳالهايو آهي ته ان جي رهائش گاهه جو تقدس پائمال ڪيو ويو آهي. ڊرون تي رهائش گاهه جون تصويرون ورتي آهي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪيون ويون آهن، جيڪو انتهائي مذمت جوڳو عمل آهي جمعيت علماءِ اسلام حق سچ وارن جي جماعت آهي، جيڪا حڪمرانن جي هر سازش کي ناڪام بڻائي ڇڏيندي هنن وڌيڪ چيو ته جمعيت علماءِ اسلام جي فيصلي تي عمل ڪيو ويندو جمعيت علماءِ اسلام جا ڪارڪن ڪيٻائڻ وارا نه آهن، حڪمران پنهنجا هٿ ڪنڊا ختم ڪن نه ته جي يو آءِ جي مرڪزي پارٽي جيڪو فيصلو ڪيو ويندو ان تي مڪمل طور جي جمعيت جو هر ڪارڪن ان تي عمل ڪندو

سوڀوديرو مولانا نور محمد ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

آل پاڪستان واپڊا ايمپلائيز پيغام يونين پاران مظاهرو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) آل پاڪستان واپڊا ايمپلائيز پيغام يونين پاران حيسڪو ۾ جاري ڪرپشن ۽ نيب زده آفيسرن جي مقررين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون چيئرمين ساجن پنهور جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيسڪو ۾ ڪرپشن چوٽ چڙهي وئي آهي پيسا نه ڏيندڙ آفيسرن ۽ ملازمن کي جبري رٽائر ڪيو وڃي ٿو هن چيو ته حيسڪو ۾ ڪرپشن جي خاتمي بدران نيب زده آفيسرن کي اڪائونٽنٽ سوڌو اهم پوسٽن تي مقرر ڪيو ويو آهي جنهن مان ظاهر ٿي رهيو آهي ته حيسڪو ۾ ڪمائو پٽ گهرجن هن چيو ته حيسڪو جي حالت اهڙي آهي ته 4هزار کان وڌيڪ پوسٽون خالي پيل آهن ملازمن کان موڪل واري ڏينهن ۾ ڪم ورتو پيو وڃي هن چيو ته حيسڪو ۾ ڪرپشن سبب ڪم دوران شهيد ملازمن جي وارثن کي معاوضي کان به محروم رکيو ويو آهي هن مطالبو ڪيو ته حيسڪو مان ڪرپشن جو خاتمو آڻي نجڪاري وارو عمل جلد روڪيو وڃي

دادو ضلعي اندر ڪرپشن جي انتها ٿي وئي آهي: غازي خان سولنگي

ضلعي ۾ پهريان 10 سيڪڙو هوندي هئي هاڻ 80 سيڪڙو ڪميشن هلي پئي

ڪرپشن خلاف 3 مهينن کان دادو ضلعي ۾ احتجاج ڪري رهيا آهيون ڪو ٻڌڻ وارو ناهي

دادو(ڊ-ر) جيئي سنڌ وطن پارٽي جي چيئرمين غازي خان سولنگي مرڪزي جنرل سيڪريٽري اياز ملاح شاگرد ونگ اڳواڻ ڪريم سولنگي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته دادو ضلعي اندر ڪرپشن جي انتها ٿي وئي آهي سڄي سنڌ ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻو بعد ڪرپشن ۾ 3 نمبر دادو جو آهي دادو پبلڪ هيلٿ ايگزيڪيوٽو انجنيئر عبدالوحيد شيخ جيڪو ڪرپشن جو بي تاج بادشاهه بڻجي ويو آهي پهريان 10 سيڪڙو هوندو هئي هاڻ 80 سيڪڙو ڪميشن هلي پئي جعلي بل ۽ جعلي اسڪيم جي نالي تي اربين روپين جي ڪرپشن ڪئي وئي آهي هلندڙ سال دوران دادو پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ 1 هڪ ارب 80 ڪروڙ جا ڪم آيا آهن جيڪي صرف ڪاغذ ۾ ڏيکاري ڪرپشن ڪئي وئي آهي عبدالوحيد شيخ پهرين سنڌ ڪنٽرولر آڊٽ ۾ ملازمت ڪندو هيو ويو سندس کي پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ سپروائيزر تي ڀرتي ڪيو ويو جيڪو جلدي انجنيئر جي عهدي تي پهتو آهي هي پاڻ کي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ۽ ايم اين اي سيد نفيسه شاهه جو خاص ماڻهون سڏائي ٿو دادو ضلعي جي ڇهن تعلقن ۾ نه واٽر سپلاءِ اسڪيم هلن ٿيون نه فلٽر پلانٽ رڳو ڪوڙا بل ٺاهي عوام جي ٽيڪس جو پيسو هڙپ ڪيو پيو وڃي، هنن چيو ته ڪرپشن خلاف 3 مهينن کان دادو ضلعي ۾ احتجاج ڪري رهيا آهيون پبلڪ هيلٿ کاتي دادو جي انجنيئر وحيد شيخ جي ڪرپشن جي شڪايت دادو ضلعي جي 2 چونڊيل ايم اين ايز سردار رفيق جمالي ۽ عرفان لغاري کي ڪئي آهي راڌڻ جي صوفي بزرگ دادن فقير جي روضي جي تعمير لاءِ 9 ڪروڙ جو ٽينڊر جاري ڪيو ويو پر اهي پيسا ڪاغذ ۾ خرچ ڏيکاريا ويا آهن، پر اڄ راڌڻ جي صوفي بزرگ جي درگاهه طرف ويندڙ رستو ڪنڊرات ۽ روضو تعمير نه ٿي سگهيو آهي پبلڪ هيلٿ انجنيئر عبدالوحيد شيخ ڊپلوما هولڊر آهي، هنن چيو ته سيڪريٽري پبلڪ هيلٿ سنڌ پاران 27 آڪٽوبر تي هڪ ليٽر جاري ڪيو آهي جنهن ۾ 4 ڄڻن انجنيئر وحيد شيخ، غلام حسين پنهور، سليم رضا ڪنڌ، عبدالمجيد ابڙو خلاف مختلف کاتن کي انڪوائري ڪرڻ جا ليٽر جاري ڪيا آهن.انجنيئر عبدالوحيد شيخ جو او پي ايس تحت آرڊر ٿيل آهي جيڪو سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي خلاف ورزي آهي هنن چيو ته دادو پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ ڪرپشن خلاف 14 نومبر تي ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو ۽ ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ پڻ پبلڪ هيلٿ کاتي جي انجنيئر ۽ سندس عملي خلاف درخواست ڏني ويندي

دادو غازي خان سولنگي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ٿاڻي بولاخان جي ڳوٺ علي مراد باريجو ۾ واٽر سپلائي بند

ڳوٺاڻا پيئڻ جي پاڻيءَ جي سخت ڪوٽ کي منهن ڏيڻ تي مجبور

چيئرمين کي درخواست ڪئي پر هُن جواب ڏنو ته اهو منهنجو ڪم ناهي: رهواسي

ٿاڻي بولاخان (ن ع) ٿاڻي بولاخان جي يونين ڪائونسل ٿاڻو احمد خان جي ڳوٺ علي مراد باريجو ۾ واٽر سپلائي گذريل ڪجهه ڏينهن کان خراب هجڻ سبب ڳوٺاڻا پيئڻ جي پاڻيءَ جي سخت ڪوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن واٽر سپلائي بند هجڻ ڪري گهرن، اسپتال، اسڪولن ۽ مسجدن ۾ پاڻيءَ جي شديد ڪوٽ پيدا ٿي وئي آهي جنهن سبب عام ماڻهو سخت مشڪلاتن جو شڪار آهن.ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته يوسي ٿاڻو احمد خان جي چيئرمين کي واٽر سپلائي جي مرمت ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪئي، پر چيئرمين طرفان کين اهو جواب ڏنو ويو ته اهو ڪم سندن اختيار ۾ ناهي ڳوٺاڻن سوال اٿاريندي چيو آهي ته جيڪڏهن يوسي چيئرمين جي اختيار ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ به شامل ناهي ته پوءِ يوسي جي بجيٽ ڪٿي ۽ ڪيئن خرچ ٿي رهي آهي ڳوٺاڻن موجب يوسي کي هر مهيني لڳ ڀڳ 12 لک رپيا بجيٽ ملي ٿي پر افسوس جو ڳوٺاڻن کي پيئڻ جو صاف پاڻي جهڙي بنيادي سهولت به ميسر ناهي.ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين ۽ لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ علي مراد باريجو جي واٽر سپلائي کي فوري طور بحال ڪيو وڃي.ان سان گڏ واٽر سپلائي جي پراڻي لائين جيڪا 1999ع ۾ وڇائي وئي هئي ۽ ڪيترن ئي هنڌن تان خراب ۽ ڊيميج ٿي چڪي آهي، تنهن جي مڪمل مرمت ڪرائي نئين سر بحال ڪئي وڃي ڳوٺاڻن اپيل ڪئي آهي ته پيئڻ جو پاڻي هر انسان جي بنيادي ضرورت آهي، تنهن ڪري هن اهم مسئلي کي فوري طور حل ڪري کين پريشانيءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي

ٿاڻي بولاخان واٽر سپلاءِ لائين خراب پيل نظر اچي ٿي

استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ ووٽر آگاهي پروگرام

پروگرام دوران شاگردن کي پنهنجي ووٽ جي اهميت ۽ افاديت بابت آگاهي ڏني وئي

دادو(ڊ-ر) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر دادو محمد حنيف پاران ووٽرن ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ واري مهم جي سلسلي ۾ اڄ استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ ووٽر آگاهي بابت هڪ جامع پروگرام ڪاميابيءَ سان منعقد ڪيو ويو.پروگرام دوران شاگردن کي پنهنجي ووٽ جي اهميت ۽ افاديت، جمهوري عمل ۾ حصو وٺڻ جي آئيني حق ۽ جمهوريت کي مضبوط بڻائڻ ۾ باخبر ووٽرن جي ڪردار بابت آگاهي ڏني وئي ان موقعي تي ذميوارانه ووٽنگ، نوجوانن جي شموليت ۽ چونڊ عمل ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي اهميت تي خاص طور زور ڏنو ويو.شاگردن کي پولنگ جي حقيقي عمل بابت عملي ڄاڻ فراهم ڪرڻ لاءِ فرضي پولنگ (موڪ پول) جو اهتمام پڻ ڪيو ويو ان عملي سرگرميءَ ذريعي شاگردن کي ووٽنگ جي مختلف مرحلن کان آگاهه ڪيو ويو جن ۾ ووٽرن جي سڃاڻپ ۽ تصديق، بيلٽ پيپر جاري ڪرڻ، بيلٽ پيپر تي نشان لڳائڻ ۽ بيلٽ باڪس ۾ ووٽ وجهڻ شامل هئا.شاگردن وڏي جوش ۽ جذبي سان گڏ گهري دلچسپيءَ جو مظاهرو ڪندي سرگرميءَ ۾ حصو ورتو جنهن سبب هي پروگرام معلوماتي ۽ دلچسپ بڻجي ويو.عملي مظاهري ذريعي شاگردن کي پولنگ جي عمل جو تجربو حاصل ڪرڻ سان گڏ مستقبل جي ووٽرن طور پنهنجي ڪردار ۽ ذميوارين کي بهتر نموني سمجهڻ جو موقعو پڻ مليو.اهو قدم اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي ان عزم جو عڪاس آهي ته چونڊن بابت آگاهي کي هٿي وٺرائي وڃي، نوجوان شهرين کي بااختيار بڻايو وڃي ۽ جمهوري عمل ۾ باخبر ۽ ذميوارانه شرڪت جي ثقافت کي فروغ ڏنو وڃي”هڪ باخبر ووٽر ئي مضبوط جمهوريت جو بنياد آهي توهان جو ووٽ، توهان جو آواز ۽ توهان جو مستقبل آهي

حيدرآباد جي سميجا برادري پاران گهرن تي پوليس چڙهائي ۽ تشدد خلاف احتجاج

سانگهڙ جي ڳوٺ دولت آباد ۾ سميجا برادري جي گهرن تي پوليس چڙهائي خلاف دانهون

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي سميجا برادري پاران سانگهڙ جي ڳوٺ دولت آباد ۾ سميجا برادري جي گهرن تي پوليس چڙهائي ۽ تشدد خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون حاڪم علي سميجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ته سانگهڙ پوليس ناحق دولت آباد ۾ سميجا برادري جي گهرن تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو آهي جڏهن ته عورتن ۽ مردن کي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻائي گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن هنن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي سانگهڙ کي اپيل ڪئي ته سميجا برادري جي گهر تي پوليس جي ناحق چڙهائي ۽ تشدد جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

مهراڻ يونيورسٽي ۾ ماحولياتي لسانيات ۽ پائيداري جي موضوع تي پهرين عالمي ڪانفرنس

ٻولي رڳو رابطي جو ذريعو نه آهي، پر اها انساني سوچ، احساسن ۽ پنهنجي ماحول بابت تصور جوڙڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي: نور احمد سمون

جنريٽو مصنوعي ذهانت ٻوليءَ جي استادن کي نئين سر غور ڪرڻ جي دعوت ڏئي رهي آهي ته شاگرد علم ڪيئن حاصل ڪن ٿا: محمد ڪمال ڪبيلان

مهراڻ يونيورسٽي ماحولياتي تحفظ، موسمياتي تبديلي ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن بابت سنجيده آهي: پروفيسر ڊاڪٽر طحٰ حسين علي

ڄامشورو وي سي مهراڻ يونيورسٽي تقريب کي خطاب ڪندي

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جي سينٽر آف انگلش لئنگويج اينڊ لئنگوسٽڪس (CELL) پاران ماحولياتي لسانيات ۽ پائيداري (Ecolinguistics and Sustainability) جي موضوع تي پهرين عالمي ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ نامور مقررن ٻولي، ثقافت، مصنوعي ذهانت ۽ تعليم جي ذريعي ماحولياتي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۽ ماحولياتي پائيداريءَ کي هٿي وٺرائڻ جي اهميت تي روشني وڌي. افتتاحي تقريب جو خاص مهمان سنڌ حڪومت جي ٽريننگ اينڊ مئنيجمينٽ ونگ جو سيڪريٽري نور احمد سمون هو پنهنجي خطاب ۾ هن ٻوليءَ کي ماحولياتي بقا جو اهم ذريعو قرار ڏيندي چيو ته جاگرافيائي حالتون، چوڌاري موجود ماحول ۽ فطرت سان انسان جو تعلق ٻوليءَ ۽ لفظن جي ذخيري تي گهرا اثر ڇڏين ٿا. پنهنجي ذاتي تجربي بابت ڳالهائيندي نور احمد سمي چيو ته جڏهن به کيس ڪنهن ڪانفرنس ۾ خطاب جي دعوت ڏني ويندي آهي ته هو مصنوعي ذهانت (AI) جي مدد سان پنهنجي تقرير ۽ پريزنٽيشن تيار ڪندو آهي هن چيو ته ٻولي رڳو رابطي جو ذريعو نه آهي، پر اها انساني سوچ، احساسن ۽ پنهنجي ماحول بابت تصور جوڙڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي هن چيو ته ريگستاني علائقن ۾ رهندڙ شاگردن جي ٻولي ۽ لفظن جو ذخيرو درياهن جي ڪنارن تي رهندڙ شاگردن کان مختلف هوندو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته جاگرافيائي حالتون ۽ قدرتي ماحول انساني ٻولي ۽ اظهار تي اثرانداز ٿين ٿا. ملائيشيا جي يونيورسٽي سائنس ملائيشيا جي اسڪول آف ايجوڪيشنل اسٽڊيز سان لاڳاپيل پروفيسر ڊاڪٽر محمد ڪمال ڪبيلان افتتاحي تقريب ۾ پنهنجو پيپر پڙهندي چيو ته جنريٽو مصنوعي ذهانت (Generative Artificial Intelligence) ٻوليءَ جي استادن کي ان ڳالهه تي نئين سر غور ڪرڻ جي دعوت ڏئي رهي آهي ته شاگرد علم ڪيئن حاصل ڪن ٿا، پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ جو اظهار ڪيئن ڪن ٿا ۽ ماحول سان پنهنجو تعلق ڪيئن سمجهن ٿا. ان موقعي تي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحٰ حسين علي چيو ته هن ڪانفرنس جي انعقاد جو بنيادي خيال ئي ان ڳالهه جو عڪاس آهي ته مهراڻ يونيورسٽي ماحولياتي تحفظ، موسمياتي تبديلي ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن بابت سنجيده آهي هن چيو ته ماحولياتي مسئلا ۽ موسمياتي تبديلي سڄيءَ ريت معيشت ۽ ثقافت کي متاثر ڪري رهيا آهن يونيورسٽين جي ذميواري آهي ته اهي انهن چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن هن وڌيڪ چيو ته مهراڻ يونيورسٽي تعليم، تحقيق ۽ اثرائتي رابطن ذريعي مقامي برادرين جي خدمت لاءِ ڪم ڪري رهي آهي ڪانفرنس جي سيڪريٽري ڊاڪٽر علي رضا ڪوسو چيو ته اسان جو يقين آهي ته ڪلاس روم ۾ ڳالهائي ۽ پڙهائي ويندڙ ٻوليءَ کي موسمياتي تبديلي سميت اڀرندڙ مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن جا حل ڳولڻ جو ذريعو بڻائي سگهجي ٿو هن ٻڌايو ته ٻن ڏينهن واري ڪانفرنس ۾ تحقيقي مقالا، پوسٽرن جا مقابلا ورڪشاپون ۽ اهم خطاب شامل آهن هن اميد ظاهر ڪئي ته هي ڪانفرنس هڪ بهتر، محفوظ ۽ پائيدار مستقبل لاءِ علمي ۽ تحقيقي مڪالمي کي هٿي وٺرائيندي ڪانفرنس جي چيئرپرسن ۽ سينٽر آف انگلش لئنگويج اينڊ لئنگوسٽڪس جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر صائمه سرور تعارفي خطاب ڪندي ڪانفرنس جي مقصدن ۽ اهميت تي روشني وڌي. تقريب کي فيڪلٽي جي ڊين ڊاڪٽر رضوان ميمڻ پڻ خطاب ڪيو ۽ ڪانفرنس جي اهميت بابت پنهنجا خيال پيش ڪيا افتتاحي تقريب جي پڇاڙيءَ تي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحٰ حسين علي ۽ پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار خاص مهمان نور احمد سمون کي يادگار شيلڊ پيش ڪئي

محنت ڪش اسٽاف يونين سي بي اي سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي سڏ تي احتجاج جاري

پگهارن، پينشن ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ مرد ۽ عورت ملازمن احتجاجي ڌرڻو جاري رکيو، نعريبازي

آخر سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ملازمن سان اهڙو ناانصافي وارو رويو ڇو اختيار ڪيو پيو وڃي؟ اسان جو ڏوهه ڪهڙو آهي؟: ملازم

اسان جا بنيادي مطالبا آهن ته او زيڊ ٽي (OZT) شيئر ۾ واڌ ڪئي وڃي، سنڌ حڪومت پاران پگهارن ۽ پينشن ۾ ڪيل واڌ تي فوري عمل ڪيو وڃي

سکر محنت ڪش يونين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) محنت ڪش اسٽاف يونين سي بي اي سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي سڏ تي پگهارن، پينشن ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ مرد ۽ عورت ملازمن جو سکر پريس ڪلب آڏو ٽئين ڏينهن به احتجاجي ڌرڻو جاري، نعريبازي، ملازمن سان ناانصافي بند ڪري جائز مطالبا منظور ڪيا وڃن. مزدور اڳواڻن علي مردان شيخ ۽ دانش قريشي جو خطاب خبر موجب، محنت ڪش اسٽاف يونين سي بي اي سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي سڏ تي ملازمن جي وڏي انگ پگهارن، پينشن ۾ واڌ ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي ڌرڻو جاري رکيو ۽ نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙ ملازمن هٿن ۾ مذمتي پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي رکيا هئا ڌرڻي جي اڳواڻي محنت ڪش اسٽاف يونين سي بي اي سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي جنرل سيڪريٽري علي مردان شيخ سينيئر نائب صدر دانش قريشي رابطا سيڪريٽري شاهد حسين جتوئي، ڪلش لعل، آصف انڙ حنيف بگٽي، خالد غوري، اسد آفريدي ۽ ٻين ڪئي جڏهن ته ملازمن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ آل پاڪستان ورڪرز ڪنفيڊريشن جي اڳواڻ سيد زاهد شاهه ضلعي ڪائونسل سکر جي اڳواڻن طارق سولنگي، نواز جماني ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مزدور اڳواڻن علي مردان شيخ، دانش قريشي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته آخر سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ملازمن سان اهڙو ناانصافي وارو رويو ڇو اختيار ڪيو پيو وڃي؟ اسان جو ڏوهه ڪهڙو آهي؟ اسان پنهنجو حق گهري رهيا آهيون ڪا خيرات نه ٿا گهرون هنن چيو ته اسان جا بنيادي مطالبا آهن ته او زيڊ ٽي (OZT) شيئر ۾ واڌ ڪئي وڃي، سنڌ حڪومت پاران پگهارن ۽ پينشن ۾ ڪيل واڌ تي فوري عمل ڪيو وڃي، سمورن اهل ملازمن کي ڊي پي سي (DPC) تحت ترقيون ڏنيون وڃن ميڊيڪل بلن سميت ملازمن جا سمورا رهيل واجبات ادا ڪيا وڃن ۽ سيون ڊولپمينٽ اٿارٽي مان ايندڙ آفيسرن ۽ ملازمن جي جوائننگ روڪي وڃي هنن وڌيڪ چيو ته يونين پاران ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اداري جي آفيسرن سان رابطو ڪيو ويو آهي، پر کين ڪو به مناسب جواب نه مليو آهي ملازم اڳ ئي پگهارن، پينشن، رهيل بلن، يونيفارم، ميڊيڪل الائونس ۽ ٻين سهولتن کان محروم هجڻ سبب سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ ان باوجود پنهنجون ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن مزدور اڳواڻن الزام لڳايو ته ميئر سکر ميونسپل ڪمشنر ۽ ٻيا آفيسر ملازمن جا مسئلا حل ڪرڻ بدران انهن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري رهيا آهن ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪنهي ڪائونز جي ملازمن کي پگهارن، پينشن ۽ ٻين سهولتن ملي چڪيون آهن پر سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ملازمن سان ڄاڻي واڻي ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته هو پنهنجن جائز حقن لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندا رهندا مزدور اڳواڻن چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري، وڏي وزير سنڌ، صوبائي وزير بلديات سنڌ، سنڌ جي اعليٰ قيادت ۽ سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ملازمن جا جائز مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ ملازم پنهنجن حقن لاءِ ڪنهن به قرباني ڏيڻ کان پوئتي نه هٽندا

منگهوپير ٽائون چيئرمين پاران ڪيمپس بوائز اينڊ گرلز سيڪنڊري اسڪول جو دورو

حاجي نواز علي بروهي اسڪول جو دورو ڪري تعليمي سرگرمين ۽ سهولتن جو جائزو ورتو

تعليم ڪنهن به قوم جي ترقي، خوشحالي ۽ روشن مستقبل جو بنياد آهي: حاجي نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير حاجي نواز علي بروهي جو گرم چشمو منگهوپير ۾ قائم ڪيمپس بوائز اينڊ گرلز سيڪنڊري اسڪول جو دورو تعليمي سرگرمين ۽ سهولتن جو جائزو علائقي ۾ وڌيڪ سرڪاري اسڪول قائم ڪرڻ جو مطالبو.چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير حاجي نواز علي بروهي گرم چشمو منگهوپير ۾ قائم ڪيمپس بوائز اينڊ گرلز سيڪنڊري اسڪول جو دورو ڪيو جتي هن اسڪول ۾ جاري تعليمي سرگرمين، تدريسي ماحول ۽ شاگردن توڙي شاگردياڻين کي فراهم ڪيل سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران هن مختلف ڪلاسن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين سان ملاقات ڪئي انهن سان تعليمي معاملن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ سندن تعليمي شوق، جذبي ۽ مستقبل جي مقصدن بابت معلومات حاصل ڪئي ان موقعي تي ٻارن چيئرمين ٽائون جي آمد تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو.ان موقعي تي چيئرمين ٽائون حاجي نواز علي بروهي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته تعليم ڪنهن به قوم جي ترقي، خوشحالي ۽ روشن مستقبل جو بنياد آهي ڪنهن به معاشري جي ترقيءَ جو حقيقي معيار اتي جي ٻارن کي ميسر تعليمي موقعا ۽ معياري تعليم جي فراهمي آهي هن چيو ته منگهوپير ٽائون ۾ ڪيترائي ٻار تعليم حاصل ڪرڻ جو جذبو ۽ صلاحيت رکن ٿا، جن کي بهتر تعليمي ماحول ۽ مناسب سهولتون فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته گرم چشمي جي هن تعليمي اداري ۾ ٻن شفٽن تحت تدريسي سرگرمين جو جاري رهڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته علائقي ۾ تعليمي ضرورتن ۽ شاگردن جي وڌندڙ تعداد کي نظر ۾ رکندي وڌيڪ اسڪول قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي منگهوپير جي وسيع آبادي ۽ مختلف علائقن ۾ ٻارن جي وڏي انگ کي نظر ۾ رکندي تعليمي ادارن ۾ اضافي لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ لازمي آهن ته جيئن هر ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جا هڪجهڙا موقعا ملي سگهن حاجي نواز علي بروهي سنڌ جي وڏي وزير ۽ صوبائي وزير تعليم کي خاص اپيل ڪندي چيو ته منگهوپير ٽائون جي تعليمي ضرورتن کي ترجيحي بنيادن تي نظر ۾ رکيو وڃي ۽ علائقي ۾ وڌيڪ سرڪاري اسڪول قائم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن هن چيو ته منگهوپير جي ٻارن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو ڀرپور جذبو موجود آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته کين مناسب تعليمي سهولتون ۽ سازگار ماحول فراهم ڪري سندن حوصلا افزائي ڪئي وڃي نون اسڪولن جي تعمير سان نه رڳو ٻارن کي پنهنجي گهرن جي ويجهو تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا ملندا، پر علائقي ۾ خواندگيءَ جي شرح وڌائڻ ۽ تعليمي معيار بهتر بڻائڻ ۾ پڻ مدد ملندي

ڪراچي چيئرمين منگهوپير حاجي نواز علي بروهي گرلز اسڪول جو دورو ڪندي

گمبٽ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ڪرنڊيجي جي ڪارروائي

گمبٽ (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر ڪرنڊيجي شهر ۾ ايل پي جي گئس جي گهٽ وڌ قيمتن تي سخت نوٽيس وٺندي ڪنب شهر جي بائي پاس ۽ اندرون بازارين ۾ قائم ايل پي جي دڪانن تي اوچتو ڇاپو هنيو ڇاپي دوران شهر جي گهاٽي آباديءَ ۽ عوامي جاءِ تي غير قانوني طور قائم ٿيل ۽ من مانا مهانگا اگهه وصول ڪندڙ متعدد ايل پي جي دڪانن کي ايس سي او ۽ انتظاميه پاران موقعي تي ئي سيل ڪيو ويو، اسسٽنٽ ڪمشنر موقعي تي موجود ڪنب پوليس کي سخت هدايتون جاري ڪندي حڪم ڏنو ته حد جي دڪاندارن پاران عوام جي زندگين سان راند رائڻ، غير قانوني سلنڊر ڀرڻ ۽ گرانفروشي ڪرڻ تي ترت ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي ان موقعي تي انتظاميه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پبلڪ سيڪيورٽي ۽ عام شهري جي تحفظ تي ڪوبه سمجهوتو نه ڪيو ويندو غير قانوني ۽ ريگيوليشنز کان هٽي ڪري آباديءَ اندر هلايل ايل پي جي جي دڪانن خلاف بلا تفريق ڪارروائي جو سلسلو جاري رهندو مقامي شهرين ۽ سماجي ڌرين انتظاميه جي ان اوچتي تحرڪ ۽ ڪارروائيءَ کي ساراهيندي گرانفروشن خلاف مستقل بليڪ آئوٽ جو مطالبو ڪيو آهي

ڪپرو لڳ ڳوٺ ٽڏو مشين پرسان گهرن کي باهه، ٽي گهر سڙي رک

ڪپرو (ن ع) ڳوٺ ٽڏو مشين پرسان گهرن کي باهه لڳي ٽي گهر سڙي رک ٿي ويا، ڪپرو گهرن اوچتو باهه لڳي جنهن هميراڄ ،شڪر انو ڪولهي سميت ٽن گهرن کي وڪوڙي ورتو ڏسندي ڏسندي ٽئي گهر رک ٿي ويا تفصيل موجب ڳوٺ ٽڏو مشين ويجهو اوچتو باهه لڳڻ سبب ٽن پورهيتن جا گهر سڙي ويا باهه سبب گهرن ۾ پيل سامان هنڌ بسترا ۽ ڪاڏي پيتي جو سامان به باهه جي نذر ٿي ويا باهه متاثر خاندان انتظاميا کان سائهتا جي اپيل ڪئي آهي

پاڪستان ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج جي ڪاروبار ۾ تيزي، انڊيڪس ۾ 1849 پوائنٽس جو اضافو

اسلام آباد(اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اربع ڏينهن شروعاتي سيشن دوران تيزي جو لاڙو رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1849.18 پوائنٽس جي اضافي سان هڪ لک 69 هزار 868.18 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو. شروعاتي سيشن موجب مارڪيٽ ۾ گڏيل طور تي 568 ڪمپنين جي شيئرز جو ڪاروبار ڪيو ويو جن ۾ 376 جي اگهه ۾ اضافو 91 ۾ گهٽتائي جڏهن ته 101 ڪمپنين جا شيئرز مستحڪم رهيا. شروعاتي سيشن دوران گڏيل طور تي 274.16 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جن جي ماليت 10.67 ارب رپيا رهي

سيپڪو پراڻو سکر پاران بجلي چورن خلاف آپريشن

آپريشن ڪري 200 کان وڌيڪ ڪنڊا ڪنيڪشن ڪٽي تارون هٽ ڪيون ويون

سکر گهوٽڪي ڊويزن ۾ ڪنهن کي به بجلي چوري جي اجازت نه ڏني ويندي: سي اي ا

سکر(بيورو رپورٽ) سيپڪو پراڻو سکر پاران بجلي چورن خلاف آپريشن 200 کان وڌيڪ ڪنيڪشن ڪاٽا، خبرموجب سيپڪو سب ڊويزن اولڊ سکر پراڻو سکر جي مختلف علائقن بوزدار گهٽي رائل روڊ وارن علائقن ۾ ايس ڊي او فريد احمد پٺاڻ ايڪس اي اين ڪاشف گلزار ايس ڊي او سيد وقار شاهه عقيل دايو ۽ لائين سپرنٽينڊنٽ وقار نوناري اڳواڻي ۾ سيپڪو عملي بجلي چوري ۽ غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن خلاف آپريشن ڪري 200 کان وڌيڪ ڪنڊا ڪنيڪشن ڪٽي تارون هٽ ڪيون ويون آهن ان موقعي تي سيپڪو عملي جو چوڻ هو ته سيپڪو جي سي اي او اعجاز احمد چنو جي هدايت تي سيپڪو عملو ڏينهن رات بجلي چوري خلاف ڪارروائي ڪري رهيو آهي سکر گهوٽڪي ڊويزن ۾ ڪنهن کي به بجلي چوري جي اجازت نه ڏني ويندي ڪو به شهري بجلي چوري ۾ ملوث هوندو ان خلاف سخت کان سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

سکر واپڊا عملي پاران بجلي چورن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 05 نومبر 2026ع

سنڌ ۾ تعليم جو بحران توجهه گهري ٿو!

سنڌ جي تعليمي نظام بابت 2026ع جي رپورٽن ۾ سامهون آيل انگ اکر ڪنهن به باشعور سماج لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب آهن. صوبي ۾ 74 کان 76 لک ٻارن جو اسڪولن کان ٻاهر هجڻ رڳو تعليمي کاتي جي ناڪاميءَ جو انگ نه پر سنڌ جي مستقبل بابت هڪ وڏو سوال آهي. انهن ٻارن ۾ 41 لک نياڻين جو شامل هجڻ صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائي ٿو. هڪ اهڙي سماج ۾، جتي تعليم کي ترقيءَ جي بنيادي ڏاڪي طور تسليم ڪيو وڃي ٿو اتي لکين ٻارن جو تعليم کان محروم رهڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اسان اڃا تائين پنهنجي ايندڙ نسل کي بنيادي حق فراهم ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا آهيون. سول سروسز اڪيڊمي جي پاليسي جائزي ۽ ٻين تعليمي انگن اکرن موجب سنڌ ۾ 36 هزار کان وڌيڪ پرائمري اسڪول موجود آهن پر مڊل اسڪولن جو انگ رڳو 2634 ۽ سيڪنڊري اسڪولن جو انگ 1674 آهي. انهن انگن مان واضح ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ پرائمري تعليم کانپوءِ ٻارن لاءِ اڳتي پڙهڻ جا موقعا محدود آهن. ڪيترن ئي علائقن ۾ ٻارن کي پرائمري تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ مڊل يا هاءِ اسڪول تائين پهچڻ لاءِ ڏگهو فاصلو طئي ڪرڻو پوي ٿو. خاص طور ڇوڪرين ۾ ٽرانسپورٽ جي سهولت نه هجڻ، غربت ۽ سماجي مسئلن سبب ڪيترائي ٻار تعليم اڌ ۾ ڇڏي ڏين ٿا. اهڙيءَ طرح اسڪولن جي موجودگيءَ باوجود تعليمي سلسلو اڳتي وڌائڻ لاءِ گهربل سهولتون موجود ناهن. گهراڻن جي گڏيل معاشي سروي 2024-25ع موجب سنڌ ۾ پنجن کان سورهن سالن جي عمر جا 39 سيڪڙو ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. نياڻين ۾ اهو انگ 44 سيڪڙو ۽ ڇوڪرن ۾ 35 سيڪڙو آهي. اهي انگ ان حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿا ته سنڌ ۾ نياڻين جي تعليم جو مسئلو وڌيڪ سنجيده آهي. غربت، ننڍي عمر ۾ گهريلو ذميواريون، اسڪولن جي اڻهوند ۽ سماجي رڪاوٽون نياڻين جي تعليم ۾ رنڊڪ بڻيل آهن. جيڪڏهن ڪنهن صوبي جون لکين نياڻيون تعليم کان محروم رهن ٿيون ته ان جا اثر رڳو انهن جي ذاتي زندگيءَ تائين محدود نٿا رهن پر سڄي سماج جي ترقيءَ کي متاثر ڪن ٿا. ٻئي طرف خبرون آهن ته سنڌ سرڪار 1133 سرڪاري اسڪولن جو انتظام خانگي تعليمي انتظامي ادارن حوالي ڪرڻ جون تياريون ڪري رهي آهي. سنڌ ايجوڪيشن سيڪٽر انويسٽمينٽ پروگرام تحت 838 ۽ سليڪٽ پروگرام تحت 295 اسڪول خانگي انتظام هيٺ ڏيڻ جي رٿا جوڙي وئي آهي، جنهن جو پهريون مرحلو اپريل 2027ع کان شروع ڪرڻ جي تجويز آهي. حڪومت جو مقصد جيڪڏهن خانگي انتظام ذريعي اسڪولن جي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ، تعليمي معيار وڌائڻ ۽ ٻارن جي داخلا ۾ واڌ آڻڻ آهي ته ان مقصد کي اصولي طور رد نٿو ڪري سگهجي پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا خانگي انتظام واقعي سنڌ جي تعليمي مسئلن جو حل ثابت ٿيندو؟

ماضيءَ ۾ به سنڌ ۾ سرڪاري ۽ خانگي ڀائيواريءَ تحت مختلف تعليمي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن پر انهن جي ڪاميابيءَ جو جائزو شفاف نموني عوام آڏو اچڻ گهرجي. اسڪول خانگي ادارن حوالي ڪرڻ کان اڳ اهو واضح ڪرڻ ضروري آهي ته انهن ادارن جي چونڊ ڪهڙي بنياد تي ٿيندي، سندن ڪارڪردگيءَ جي نگراني ڪير ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪو ادارو پنهنجون ذميواريون پوريون نه ڪندو ته ان خلاف ڪهڙو قدم کنيو ويندو. رڳو انتظام خانگي ادارن حوالي ڪرڻ سان تعليمي نظام جا بنيادي مسئلا ختم نه ٿيندا. اسڪولن جي عمارتن، پيئڻ جي صاف پاڻي، بجلي، فرنيچر، استادن ۽ پڙهائيءَ جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ به عملي قدم کڻڻا پوندا. هن سڄي عمل ۾ سڀ کان اهم ڳالهه مفت تعليم جي ضمانت آهي. سنڌ جي وڏي آبادي غربت ۽ مهانگائيءَ جي ور چڙهيل آهي. اهڙن گهراڻن لاءِ ٻارن جي تعليم تي اضافي خرچ برداشت ڪرڻ ممڪن ناهي. جيڪڏهن خانگي انتظام هيٺ ايندڙ اسڪولن ۾ ڪنهن به صورت ۾ فيسون يا ٻيا خرچ مڙهيا ويا ته غريب ٻارن لاءِ تعليم جا دروازا وڌيڪ سوڙها ٿي ويندا. ان ڪري حڪومت کي اڳواٽ پڪو قانوني ۽ انتظامي بندوبست ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن به ٻار کان تعليم جي نالي تي رقم وصول نه ڪئي ويندي. ساڳئي وقت انهن اسڪولن ۾ اڳ ۾ مقرر استادن جي نوڪرين ۽ روزگار جو تحفظ به لازمي آهي. استاد ڪنهن به تعليمي نظام جو بنيادي ٿنڀ هوندا آهن. جيڪڏهن اسڪولن جو انتظام تبديل ڪرڻ دوران استادن کي غيريقينيءَ ۾ رکيو ويو يا سندن نوڪرين کي خطري ۾ وڌو ويو ته ان سان نه رڳو استادن ۾ بيچيني پيدا ٿيندي، پر پڙهائيءَ جو عمل به متاثر ٿيندو. تنهن ڪري حڪومت ۽ خانگي انتظامي ادارن وچ ۾ ٿيندڙ معاهدن ۾ استادن جي حقن، پگهارن ۽ خدمتن بابت واضح شرطون شامل ٿيڻ گهرجن.

پاڪستان ۾ غربت جي وڌندڙ شرح

اشياق بيگ

پاڪستان ۾ غربت جي وڌندڙ شرح بابت عالمي بئنڪ جي تازي رپورٽ هر پاڪستاني لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب آهي. عالمي بئنڪ جي رپورٽ موجب 2025-26ع دوران پاڪستان ۾ غربت ۾ وڏو اضافو ٿيو آهي ۽ ملڪ ۾ غربت جي شرح وڌي 29 سيڪڙو ٿي وئي آهي جيڪا 2019ع ۾ 22 سيڪڙو هئي. اهڙيءَ طرح گذريل ڪجهه سالن دوران پاڪستان ۾ غربت جي شرح ۾ 7 سيڪڙو واڌ ٿي آهي ۽ لکين خاندان زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ جي سگهه به وڃائي رهيا آهن. اهي انگ اکر رڳو ڪنهن معاشي رپورٽ جو حصو ناهن پر اسان جي سماج جي اهڙي صورتحال ڏيکارين ٿا، جتي هڪ طرف دولت ۽ وسيلا ڪجهه ماڻهن تائين محدود آهن ته ٻئي طرف ملڪ جو عام ماڻهو ٻن ويلن جي ماني، ٻارن جي تعليم، علاج ۽ رهائش جهڙن بنيادي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. عالمي بئنڪ جي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ غربت وڌڻ جا بنيادي سبب گذريل ڪجهه سالن دوران مهانگائيءَ ۾ لڳاتار واڌ، آمدنيءَ جي اڻبرابري، ماڻهن جي خريداريءَ جي سگهه گهٽجڻ، معاشي بي يقيني ۽ روزگار جا محدود موقعا آهن. وڌيڪ ڳڻتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته غربت جو اهو مسئلو رڳو ٻهراڙين يا گهٽ آمدني وارن ماڻهن تائين محدود ناهي پر شهرن ۾ رهندڙ وچولي ۽ غريب طبقو به سخت معاشي ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي. ماضيءَ ۾ جيڪي خاندان پنهنجي ٿوري آمدنيءَ ۾ به عزت سان گذارو ڪري وٺندا هئا، اڄ اهي بجلي، گئس، پيٽرول، گهر جي راشن، ٻارن جي اسڪولن جي فيس، گهر جي ڪرايي ۽ علاج جا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ پنهنجي بچت خرچ ڪرڻ يا قرض کڻڻ تي مجبور ٿي ويا آهن.

جيڪڏهن پاڪستان جي گذريل ٻن ڏهاڪن جي معاشي صورتحال جو جائزو ورتو وڃي ته خبر پوي ٿي ته غربت گهٽائڻ لاءِ مختلف دورن ۾ حڪومتن طرفان ڪيترائي اعلان ۽ منصوبا سامهون آيا، پر ملڪ ۾ اهڙي معاشي ترقي نه ٿي سگهي، جنهن سان عوام جي زندگيءَ ۾ سڌارو اچي ۽ ماڻهو حقيقي خوشحالي ماڻي سگهن. 2018-19ع ۾ پاڪستان ۾ غربت جي شرح 22 سيڪڙو هئي پر ڪورونا وبا، 2022ع جي تباهي آڻيندڙ ٻوڏن، روپئي جي قدر ۾ لڳاتار گهٽتائي، سياسي ۽ معاشي بي يقيني، بجلي ۽ گئس سميت توانائيءَ جي اگهن ۾ مسلسل واڌ ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائيءَ عام ماڻهوءَ جي جيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي. انهن سڀني نه رڳو غريب ماڻهن کي وڌيڪ غربت ڏانهن ڌڪي ڇڏيو پر وچولي طبقي جي ماڻهن جي مالي حالت به ڪمزور ڪري ڇڏي. انگن اکرن موجب 2025ع تائين پاڪستان ۾ 7 ڪروڙ 26 لک کان وڌيڪ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا هئا، جن جي روزاني آمدني 3 ڊالرن کان به گهٽ آهي. اهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ هر ڇهن ماڻهن مان هڪ ماڻهو غربت واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. پاڪستان ۾ غربت وڌڻ جو هڪ وڏو سبب دولت ۽ وسيلن جي اڻبرابر ورهاست به آهي. اصل مسئلو رڳو اهو ناهي ته ملڪ جي معيشت ڪيتري ترقي ڪري رهي آهي يا قومي آمدنيءَ ۾ ڪيترو اضافو ٿي رهيو آهي پر سوال اهو آهي ته معاشي ترقيءَ مان ٿيندڙ فائدو آخر ڪهڙي طبقي کي ملي رهيو آهي؟ يعني ملڪ جي ترقيءَ جو فائدو عام ماڻهن تائين به پهچي رهيو آهي يا رڳو ڪجهه امير ۽ سگهارا ماڻهو ئي ان مان فائدو وٺي رهيا آهن؟ جيڪڏهن ملڪ جي دولت ۾ واڌارو ٿئي، پر ان جو وڏو حصو ڪجهه خاص واپاري گروهن، اثر رسوخ رکندڙ ماڻهن ۽ امير طبقي تائين محدود رهي ته اهڙي ترقيءَ جو عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي ڪو خاص اثر نٿو پوي. حقيقي معاشي ترقي تڏهن چئبي، جڏهن ان جا فائدا سماج جي هر طبقي تائين پهچن. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ ٽيڪس جو نظام به امير ۽ غريب وچ ۾ فرق وڌائڻ جو هڪ اهم سبب بڻجي رهيو آهي. هڪ طرف پگهار تي ڪم ڪندڙ ماڻهو پنهنجي آمدنيءَ مان سڌو ٽيڪس ڀري رهيا آهن، جڏهن ته روزمره جي استعمال وارين شين بجلي، گئس ۽ پيٽرول تي لڳندڙ اڻ سڌن ٽيڪسن جو بار به برداشت ڪري رهيا آهن. ٻئي طرف اثر رسوخ رکندڙ ۽ امير طبقو حڪومت کان ٽيڪس ۾ ڇوٽ، رعايتون ۽ ٻيون سهولتون حاصل ڪري رهيو آهي. اهڙي صورتحال سبب پاڪستان ۾ ٽيڪس جو بار سڀني طبقن تي هڪجهڙو نٿو پوي پر ان جو وڏو بار عام ماڻهن تي پئجي رهيو آهي.

پاڪستان جي آباديءَ جو وڏو حصو نوجوانن تي ٻڌل آهي. اهي نوجوان ملڪ جو قيمتي سرمايو ۽ مستقبل جي ترقيءَ جو سهارو آهن پر روزگار جا گهٽ موقعا، معياري تعليم جي کوٽ ۽ هنر سکڻ جون سهولتون نه هجڻ سبب نوجوانن جو مستقبل غير يقيني بڻجي ويو آهي. اسان جا نوجوان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ باوجود نوڪرين لاءِ در در جا ڌڪا کائيندي نظر اچن ٿا. اهڙيءَ طرح ڪيترائي نوجوان بهتر مستقبل جي ڳولا ۾ ملڪ ڇڏي ٻاهرين ملڪن ڏانهن وڃڻ کي ترجيح ڏئي رهيا آهن. عالمي بئنڪ موجب پاڪستان ۾ هر سال 35 لک کان وڌيڪ نوجوانن کي روزگار جي ضرورت پوي ٿي پر پاڪستان جي معيشت ايترين نوڪريون پيدا ڪرڻ جي سگهه نٿي رکي. پاڪستان هن وقت معاشي حوالي سان هڪ اهم موڙ تي بيٺل آهي. هاڻي اسان کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڇا بااثر ۽ امير طبقي جا مفاد، ڪن ملندڙ خاص رعايتون ۽ ناانصافين تي ٻڌل معاشي نظام برقرار رکي غربت جي هن ڏنڊ ۾ وڌيڪ ڦاسندا رهنداسين يا پنهنجيون ترجيحون تبديل ڪري اهڙو معاشي نظام جوڙينداسين جيڪو انصاف تي ٻڌل هجي، ملڪ جي پيداوار وڌائي ۽ عام ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري؟ اسان کي اهو مڃڻو پوندو ته غربت صرف غريب ماڻهوءَ جي ناڪامي ناهي پر اها رياست جي معاشي ۽ سماجي نظام جي ڪمزوريءَ جو به ثبوت آهي. پاڪستان کي اهڙي معاشي ترقيءَ جي ضرورت آهي، جنهن جو فائدو رڳو سرڪاري خزاني جي انگن اکرن ۾ نه پر عام ماڻهوءَ جي گهر جي چلهه ٻرڻ، ٻارن جي تعليم، بيمار جي علاج، پوڙهيت جي پگهار ۽ نوجوانن کي روزگار ملڻ جي صورت ۾ به نظر اچي. ڇاڪاڻ ته جنهن ملڪ ۾ معاشي ترقيءَ جون دعوائون ڪرڻ باوجود غربت وڌندي رهي، اتي معاشي ترقي رڳو هڪ خواب بڻجي رهجي وڃي ٿي. ڪنهن به ملڪ جي حقيقي ڪاميابيءَ جو اندازو اتي جي اميرن جي وڌندڙ دولت مان نه پر غريب ماڻهن جي خوشحاليءَ مان لڳايو ويندو آهي.

آمريڪا جي فضائن مان

ٽي نومبر جون چونڊون، ٽيڪساس ۾ تاريخي تبديلي

راجا زاهد اختر خانزادو

ڪي شڪستون رڳو چونڊ نتيجا نه هونديون آهن. اهي هڪ دور جي پڄاڻي ۽ ٻئي جي شروعات جو اعلان هونديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن اقتدار جي اوچن ايوانن ۾ ويٺل حاڪم اهو وساري ويهندا آهن ته جمهوريت ۾ تخت مستقل ناهن هوندا ۽ عوام جي خاموشي هميشه رضامنديءَ جي نشاني ناهي هوندي. پوءِ هڪ ڏينهن بيلٽ باڪس کلي ٿو ۽ اها ئي خاموشي اهڙو فيصلو بڻجي سامهون اچي ٿي، جنهن جو پڙاڏو سالن تائين ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

3 نومبر 2026ع جي رات آمريڪا ۾ ڪجهه اهڙو ئي منظر ڏسڻ ۾ آيو. آمريڪا جي وچ مدي جي چونڊن ۾ ڊيموڪريٽس جي نيري لهر سياسي طاقت جو توازن بدلائي ڇڏيو. ڪانگريس جي ٻنهي ايوانن جو ڪنٽرول ڊيموڪريٽس جي هٿ ۾ اچي ويو. اهي رياستون به هن تبديليءَ جو مرڪز بڻيون، جيڪي سالن کان ريپبلڪن پارٽيءَ جا مضبوط قلعا سمجهيون وينديون هيون.

سڀ کان غير معمولي منظر ٽيڪساس ۾ سامهون آيو. جتي ٽن ڏهاڪن کان قائم ريپبلڪن گورنرشپ جو تسلسل ٽٽي پيو. گريگ ايبٽ گذريل هڪ ڏهاڪي کان رياست جي سياست ۽ سخت اميگريشن پاليسين جي نمايان علامت هو. هو ڊيموڪريٽ اميدوار جينا هينوهوزا هٿان شڪست کائي ويو.

جينا هينوهوزا لڳ ڀڳ 53 سيڪڙو ووٽ حاصل ڪيا، جڏهن ته ايبٽ کي لڳ ڀڳ 46 سيڪڙو ووٽ مليا. هوءَ ٽيڪساس جي پهرين لاطيني نسل جي عورت گورنر هوندي. ساڳئي رياست ۾ جيمز ٽيلاريڪو ريپبلڪن ڪين پيڪسٽن کي شڪست ڏئي آمريڪي سينيٽ جي سيٽ به ڊيموڪريٽس جي نالي ڪري ڇڏي.

هيءَ اُهو ئي ٽيڪساس آهي جتي گورنر ايبٽ هيٺ جاري ڳالهيون پنهنجي سياست جو اهم حصو بڻايون هيون: سرحدن تي ڪنڊيدار تارون، غير قانوني لڏپلاڻ ڪندڙن خلاف سخت قدم، ٻين رياستن ڏانهن لڏپلاڻ ڪندڙن جي منتقلي ۽ وفاقي حڪومت سان مسلسل محاذ آرائي. سندس حامي انهن قدمن کي قانون جي حڪمراني ۽ سرحدي تحفظ لاءِ ضروري قرار ڏيندا رهيا. مخالف انهن کي انساني حقن ۽ لڏپلاڻ ڪندڙن سان ٿيندڙ سلوڪ جي حوالي سان تنقيد جو نشانو بڻائيندا رهيا.

پر ٽي نومبر تي ووٽرن رياست جي سياسي قيادت بدلائڻ جو فيصلو ڪيو. هيءَ تبديلي رڳو اميگريشن جو ردعمل نه هئي. مهانگائي، معاشي دٻاءُ، تعليم، صحت ۽ رياستي حڪومت جون ترجيحون به چونڊ بحث ۾ شامل رهيون. اٿين جنهن ٽيڪساس کي ڪڏهن ڳاڙهي رياست مان نيري رياست بڻجڻ ڏانهن وڌندڙ جيئو پئي ويو، اتي گورنر هائوس تي نيرو جهنڊو لهرائڻ جي راهه هموار ٿي وئي. ڪنهن هڪ چونڊ جي بنياد تي رياست کي مستقل طور ڊيموڪريٽ قرار نٿو ڏئي سگهجي پر هي نتيجو يقيناً ان جي سياسي تاريخ جو اهم موڙ آهي.

ٽيڪساس ان رات جي رڳو هڪ ڪهاڻي هئي. اصل تبديلي سڄي آمريڪا جي سياسي نقشي تي نظر آئي. ريپبلڪنز چونڊ ٽڪ بندين ذريعي پنهنجي سياسي برتري برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ووٽرن جي فيصلي ڪيترائي سياسي اندازا بدلائي ڇڏيا. ليڪون ته کڻي ويون پر پاڻي انهن ليڪن جو پابند نه نڪتو. ٽي نومبر جي رات اهو ئي پاڻي نيري لهر بڻجي آمريڪي سياست جي ڪيترن ئي مضبوط قلعن سان ٽڪرائجي ويو.

آمريڪي سينيٽ جي 100 مان 35 سيٽن تي چونڊون ٿيون. شروعاتي نتيجن ۾ ڊيموڪريٽس ريپبلڪنز کان ست سيٽون کسي ورتيون. چار نومبر جي صبح تائين موجود انگن اکرن موجب ڊيموڪريٽڪ اتحاد 54 ۽ ريپبلڪنز 44 سيٽن تائين پهچي چڪا هئا، جڏهن ته ٻن مقابلن جو فيصلو باقي هو. ايوان نمائندگان جي سڀني 435 سيٽن تي چونڊون ٿيون. اتي ڊيموڪريٽس گهربل 218 سيٽن جي حد پار ڪري اڪثريت حاصل ڪئي.

هن تبديليءَ کانپوءِ صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي پنهنجي صدارتي مدت جي باقي ٻن سالن ۾ اهڙي ڪانگريس کي منهن ڏيڻو پوندو، جنهن جي ٻنهي ايوانن ۾ مخالف ڌر کي اڪثريت حاصل هوندي. حڪومتي خرچن، صدارتي مقررين، انتظامي فيصلن ۽ ممڪن جاچ جي معاملن ۾ ڪانگريس جو ڪردار گهڻو وڌيڪ اهم ٿي ويندو.

تنهن هوندي به صدر جي مواخذي ۽ کيس عهدي تان هٽائڻ جي وچ ۾ آئيني فرق برقرار رهندو. ايوان نمائندگان سادي اڪثريت سان مواخذي جي ڪارروائي ڪري سگهي ٿو پر سينيٽ ۾ برطرفيءَ لاءِ موجود ميمبرن جي ٻه ٽهائي جي حمايت ضروري هوندي. ان ڪري سياسي اڪثريت حاصل ڪرڻ ڪنهن صدر جي برطرفيءَ جي ضمانت ناهي.

هنن چونڊن جو هڪ ٻيو قابل غور پهلو اِهو آهي ته آمريڪي سياست ۾ اُهي آواز به مضبوط ٿيا آهن جيڪي غزه ۾ اسرائيلي ڪارروائين، فلسطينين جي حقن ۽ اسرائيل کي آمريڪي فوجي امداد بابت مختلف موقف رکن ٿا.

آمريڪي نشرياتي اداري اين پي آر موجب ڊيموڪريٽڪ سوشلسٽس آف آمريڪا سان لاڳاپيل گهٽ ۾ گهٽ پنج اميدوار ايوان نمائندگان ۾ ڪامياب ٿيا. انهن ۾ نيويارڪ مان ڊاريليزا آويلا شيولِيئر ۽ ڪليئر ويلڊين، ڪولوراڊو مان ميلات ڪيروس، مشيگن مان ڊونوون مڪ ڪيني ۽ پينسلوانيا مان ڪرس راب شامل آهن.

نيويارڪ جي ميئر ظهران ممداني جي حمايت يافته ٽن اميدوارن جي ڪاميابي به هن سياسي رجحان جو حصو آهي. نيويارڪ ۾ ٽي فلسطيني نسل جي آمريڪي ابر ڪواس رياستي سينيٽ جي سيٽ حاصل ڪئي. مشيگن مان عبدل السيد جي آمريڪي سينيٽ ۾ ڪاميابيءَ مسلم نمائندگيءَ جي تاريخ ۾ هڪ نئون باب لکيو. شايد هن سڄي چونڊ جي سڀ کان اثرائتي انساني ڪهاڻي ڊاڪٽر آدم حموي جي آهي.

هو آمريڪي فوج جو اڳوڻو سرجن آهي، جنهن عراق جي جنگ ڏٺي ۽ غزه جي اسپتالن ۾ زخمي فلسطينين جو علاج ڪيو. هاڻي هو نيوجرسي مان آمريڪي ڪانگريس ۾ پهچي ويو آهي. هو اسرائيل کي آمريڪي فوجي امداد بند ڪرڻ جو حامي رهيو آهي. جيڪي هٿ ڪالهه تائين جنگ جي زخمن تي مرهم رکي رهيا هئا، اُهي هاڻي انهن ايوانن ۾ اٿندا، جتي جنگ ۽ امن بابت فيصلن تي بحث ٿيندو آهي.

اِهي ڪاميابيون اسرائيل بابت آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ فوري تبديليءَ جي ضمانت ناهن پر هن بحث ۾ نوان آواز ضرور شامل ٿيا آهن. اسرائيلي اخبار Ynet به فلسطيني حقن جي حامي اميدوارن جي ڪاميابين کي نمايان ڪوريج ڏني. جيڪا هن تبديليءَ جي بين الاقوامي اهميت ظاهر ڪري ٿي. هنن چونڊن ۾ پاڪستاني نسل جي آمريڪين جي وڌندڙ سياسي شرڪت به هڪ اهم ڪهاڻي بڻجي سامهون آئي.

ٽيڪساس ۾ سلمان ڀوڄاڻي ۽ ڊاڪٽر سليمان لالاڻي رياستي اسيمبليءَ جون سيٽون برقرار رکيون. ڪنيڪٽيڪٽ ۾ مريم خان ۽ ڊاڪٽر سعود انور ڪامياب ٿيا. جڏهن ته جارجيا ۾ فاروق مغل چونڊ کٽي. پينسلوانيا ۾ مريم صبيح ريپبلڪن اميدوار ميلو ميڪنزي خلاف سخت مقابلي ۾ شروعاتي برتري حاصل ڪئي. فلوريڊا ۾ پاڪستاني نسل جي ريپبلڪن اميدوار امتياز محمد کي شڪست ٿي، جڏهن ته ڪجهه ٻين اميدوارن جي نتيجن جي تصديق باقي هئي.

اهي ڪاميابيون انهن لڏپلاڻ ڪندڙ خاندانن جي سفر جي علامت آهن جيڪي ڪڏهن بهتر مستقبل جي ڳولا ۾ آمريڪا آيا هئا. اڄ سندن نيون نسلون هن ملڪ جي قانونن، پاليسين ۽ مستقبل جي جوڙجڪ ۾ حصو وٺي رهيون آهن.

ساڳيءَ ڏکڻ ايشيائي نمائندگيءَ ۾ ايلينوائي جي نبيله سيد به شامل آهي، جنهن رياستي اسيمبليءَ کان سينيٽ تائين سياسي سفر طئي ڪيو. سندس چونڊ مهم ۾ مصنوعي ذهانت جي ڊيٽا سينٽرن، بجليءَ جي خرچن ۽ ماحولِيات جهڙا مسئلا نمايان رهيا.

هي آمريڪي سياست ۾ اڀرندڙ هڪ نئين سوال ڏانهن اشارو آهي: جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ مان حاصل ٿيندڙ اربين ڊالرن جي فائدن ۽ ان جي معاشي ۽ ماحولياتي خرچن ۾ توازن ڪيئن قائم رکجي؟ ٻئي پاسي چونڊن دوران مالياتي منڊين ۾ گڏيل رجحان رهيو. وال اسٽريٽ تي سيڙپڪار نئين سياسي صورتحال سان گڏ وياج جي شرح، ڪاروباري ضابطن ۽ معيشت جي مستقبل جو جائزو وٺندا رهيا. ٽي نومبر تي ايس اينڊ پي 500 ۽ نيسڊيڪ ۾ واڌارو آيو، جڏهن ته ڊائو جونز ۾ گهٽتائي آئي. ان ڪري مارڪيٽ جي هر چرپر کي رڳو چونڊ نتيجن سان منسوب ڪرڻ درست نه ٿيندو. انهن سڀني تبديلين باوجود تاريخ جو ٻيو رخ به سامهون رهڻ گهرجي.

آمريڪا ۾ وچ مدي واريون چونڊون اڪثر اقتدار ۾ موجود صدر جي پارٽيءَ لاءِ ڏکيون ثابت ٿينديون رهيون آهن. 1994ع ۾ بل ڪلنٽن ۽ 2010ع ۾ باراڪ اوباما جي پارٽين کي به نمايان شڪست ٿي هئي. پر ٻئي صدر بعد ۾ ٻيهر چونڊجي آيا. ان ڪري ٽي نومبر جي نتيجن کي مستقل سياسي فيصلي بدران ووٽرن جي موجوده ترجيحن ۽ حڪومتي ڪارڪردگيءَ تي سندن ردعمل طور به سمجهڻو پوندو.

پر هن چونڊ هڪ ڳالهه ضرور واضح ڪري ڇڏي آهي: اقتدار جي بلندي ڪيتري به دلڪش ڇو نه هجي، ان جو بنياد عوامي اعتماد تي قائم هوندو آهي. سياسي پارٽيون قانون ناهي سگهن ٿيون. حاڪم فرمان جاري ڪري سگهن ٿا. سرمائيدار چونڊ مهمن تي دولت خرچ ڪري سگهن ٿا پر جمهوريت ۾ اقتدار جي مدي جو فيصلو آخرڪار عوام ئي ڪندو آهي.

اقتدار اڪثر اِهو وساري ويهندو آهي ته اُهو امانت آهي، ملڪيت ناهي. فرمان جاري ڪرڻ آسان هوندو آهي. انهن جو حساب ڏيڻ ڏکيو. حاڪم پنهنجي طاقت کي مستقل سمجهڻ لڳندا آهن پر تاريخ جو فيصلو ڪنهن هڪ شخص يا پارٽيءَ لاءِ ڪڏهن به نه بيهندو آهي. جمهوريت ۾ عوام جي خاموشيءَ کي ڪمزوري سمجهندڙ اڪثر وساري ويهندا آهن ته جڏهن اها ئي خاموشي ووٽ ۾ بدلجي ٿي ته اقتدار جا اوچا برج به ڏهڻ لڳندا آهن.

علامه اقبال چيو هو:

سڪو□ محال □□ قدرت ڪ□ ڪارخان□ مي□
ثبات ايڪ تغير ڪو □□ زمان□ مي□

ٽي نومبر جي رات آمريڪي ووٽر ان ئي تغير کي پنهنجي چونڊ پرچيءَ تي لکي ڇڏيو. هاڻي اصل امتحان انهن ماڻهن جو آهي جيڪي اقتدار جي نون ايوانن ۾ داخل ٿيندا. ڇو ته جمهوريت ۾ فتح رڳو خوشيءَ جو موقعو نه، پر عوام آڏو هڪ نئين جوابداريءَ جي شروعات به هوندي آهي.

تاريخ جو سبق اِهو ئي آهي ته تخت بدلبا رهن ٿا. ايوان قائم رهن ٿا ۽ اقتدار ڪنهن جي جاگير نه هوندو آهي. عوام جنهن هٿ ۾ اِهو امانت طور ڏين ٿا، وقت اچڻ تي ساڳئي هٿ مان واپس وٺڻ جو اختيار به رکن ٿا.

ڏياري، روشنيءَ جي فتح جو واعدو..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

آئون هن وقت دبئيءَ ۾ موجود آهيان، جتي ڏياري ملهائڻ جون تياريون زور ۽ شور سان شروع ٿي چڪيون آهن. هر طرف خوشين ۽ روشنين جو هڪ خوبصورت ماحول ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. شهر جون بلند ۽ اوچيون عمارتون رنگين روشنين سان جرڪي رهيون آهن، جڏهن ته بازارن ۽ واپاري مرڪزن کي خاص طور تي سينگاريو پيو وڃي. ثقافتي هم آهنگي، مذهبي آزادي ۽ هڪ ٻئي جي احترام جي جذبي سان ڀرپور دبئي جي اها ڳالهه هميشه منهنجي دل کي وڻندي آهي ته هن عالمي شهر ۾ دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ کان ڪو ماڻهو اچي ٿو ته کيس هتي اجنبيت محسوس نٿي ٿئي. عيد هجي، ڪرسمس هجي يا ڏياري هتان جو رهواسي مختلف مذهبن، قومن ۽ ثقافتن سان تعلق رکڻ باوجود هڪ ٻئي جي خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ کي پنهنجو سماجي فرض سمجهي ٿو.

هندو مذهبي روايتن موجب لنڪا جي راجا راوڻ کي هڪ طاقتور حڪمران طور بيان ڪيو ويندو آهي پر سندس طاقت، غرور ۽ تڪبر آخرڪار سچائي ۽ نيڪيءَ هٿان شڪست کاڌي. هر سال ڏياريءَ جي موقعي تي هندو خاندان پنهنجن گهرن، مندرن، دڪانن ۽ واپاري مرڪزن کي ڏيئن ۽ روشنين سان سينگاريندا آهن. نوان ڪپڙا پاتا ويندا آهن، مٺايون ورهايون وينديون آهن ۽ مٽ مائٽ هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيندا آهن.

آئون ماضيءَ ۾ مختلف موقعن تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري چڪو آهيان ته هندو مذهب جو سڀ کان اهم تهوار ڏياري، سڄي دنيا ۾ امن، اميد ۽ نيڪيءَ جي فتح جي علامت بڻجي چڪو آهي. روشنين جو هيءُ ڏڻ اهو سبق ڏئي ٿو ته اونداهيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ روشنيءَ جي هڪ جهلڪ ئي ڪافي آهي. بديءَ جون قوتون ڀلي ڪيتريون به طاقتور ڇو نه هجن، آخرڪار نيڪيءَ کان هارائي وينديون آهن. ظلم، زيادتي ۽ مايوسيءَ جي اونداهي رات ڀلي ڪيتري به گهري ڇو نه هجي، ان کان پوءِ اميد جو سج ضرور اڀرندو آهي.

گذريل سال ڏياريءَ جي موقعي تي آئون ڪئنيڊا ۾ موجود هئس. اڄ دبئيءَ ۾ مون کي اهو ڏسي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ته ڏياريءَ جون اهي روشنيون، جيڪي هزارين سال اڳ سڀ کان پهرين اسان جي خطي ۾ جهرڪيون هيون، هاڻي 21هين صديءَ جي ڊجيٽل دور ۾ ڏکڻ ايشيا جي روايتي معاشري کان اڳتي وڌي ترقي يافته ملڪن تائين پهچي چڪيون آهن. اڄ جڏهن مان ٻاهرين ملڪن ۾ ماڻهن کي ڏياري ملهائڻ جون تياريون ڪندي ڏسان ٿو ته مون کي انگريز سامراج جي اچڻ کان اڳ واري هندستان جي ثقافتي جهلڪ نظر اچي ٿي، جتي ڪيترن ئي صدين کان مختلف مذهبن جا پوئلڳ خوشيءَ سان گڏ رهندا هئا ۽ هڪ ٻئي جا مذهبي ڏڻ ڀرپور انداز ۾ ملهائيندا هئا.

ڏياريءَ جي روشنين سان ڀرپور تقريبون ان ڳالهه جي نشاني آهي ته ترقي يافته دنيا مذهبي آزاديءَ جي تصور کي نه صرف پنهنجي ملڪ جي قانون جو حصو بڻايو آهي پر ان تي عملي طور عمل به ڪيو آهي. منهنجي نظر ۾ عيد، ڪرسمس ۽ ڏياري جهڙا وڏا مذهبي تهوار صرف روايتي تقريبون يا خوشيون ملهائڻ جو موقعو ناهن هوندا پر اهي پنهنجي مذهبي سچائيءَ جو اظهار ڪرڻ سان گڏ ٻين جي عقيدن ۽ جذبن جو احترام ڪرڻ جو ذريعو پڻ بڻجن ٿا. اهي وڏا ڏينهن اسان کي اهو سبق ڏين ٿا ته خدا تائين پهچڻ جا طريقا مختلف ٿي سگهن ٿا پر انسانيت، محبت، ڀائيچاري ۽ امن جي خواهش سڀني ۾ هڪجهڙي آهي. منهنجو اهو به يقين آهي ته اهڙن مبارڪ موقعن تي دعائن کي خاص اهميت حاصل هوندي آهي. مان سمجهان ٿو ته اونداهيءَ جي پنهنجي ڪا مستقل حيثيت ناهي، بلڪ روشنيءَ جي غير موجودگيءَ ئي اصل ۾ اونداهيءَ کي جنم ڏئي ٿي. اسان جي معاشري ۾ سٺن، مخلص ۽ مثبت سوچ رکندڙ ماڻهن جي ڪا کوٽ ناهي پر ڪڏهن ڪڏهن اهي پنهنجي ذميوارين کان غفلت ڪندي خاموش تماشائي بڻجي ويندا آهن. جڏهن نيڪيءَ جون قوتون غيرفعال ٿي وڃن ٿيون ته منفي سوچ، نفرت، تعصب ۽ انتهاپسنديءَ جي اونداهين کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ملي ٿو.

بديءَ جون قوتون اسان کي ان ڪري طاقتور نظر اچن ٿيون جو نيڪيءَ جون قوتون انهن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اثرائتي انداز ۾ پنهنجو ڪردار ادا نه ڪري رهيون هونديون آهن. جيڪڏهن معاشري جا باشعور ماڻهو، علم رکندڙ فرد، نوجوان، مذهبي اڳواڻ ۽ ذميوار شهري پنهنجين صلاحيتن کي مثبت مقصدن لاءِ استعمال ڪن ته نفرت ۽ انتشار جون قوتون آخرڪار شڪست سان منهن ڏينديون.

هڪ سٺو انسان جڏهن ڪنهن ضرورتمند جي مدد ڪري ٿو، ڪنهن مظلوم جي حق ۾ آواز اٿاري ٿو، ڪنهن ٻئي مذهب جي پوئلڳ جو احترام ڪري ٿو يا معاشري ۾ برداشت کي هٿي ڏئي ٿو ته هو اصل ۾ هڪ ڏيئو روشن ڪري ٿو. جڏهن اهڙا هزارين ڏيئا هڪ ئي وقت روشن ٿين ٿا ته اهي گڏجي هڪ روشن ۽ پرامن معاشري جو بنياد بڻجن ٿا، جتي هر رهواسي خوشيءَ سان زندگي گذاري ٿو. مون پنهنجي پياري وطن ۾ اهڙا ئي بي شمار ڏيئا روشن ڪرڻ لاءِ هر سال جيان هن ڀيري به ڏياريءَ جو چمڪندڙ ۽ جرڪندڙ ڏڻ ايندڙ آچر يعني 8 نومبر تي ڪراچيءَ جي ڊي ايڇ اي ۾ واقع پنهنجي رهائشگاهه تي ملهائڻ جو انتظام ڪيو آهي. جتي نه صرف اونداهيءَ تي روشنيءَ جي فتح جو ڀرپور جشن ملهايو ويندو پر ان موقعي تي پنهنجي ڌرتي ماتا پاڪستان جي سلامتي، خوشحالي ۽ ترقيءَ لاءِ خاص پرارٿنا (دعا) جو پڻ اهتمام ڪيو ويندو.

مون پاڪستان ۾ رهندڙ مختلف سفارتڪارن، سول سوسائٽي ۽ واپاري برادريءَ جي ماڻهن کي پڻ دعوت ڏني آهي ته اهي مون سان گڏجي هٿ ۾ هٿ ڏئي خطي ۾ امن ۽ استحڪام، دنيا مان جنگين جي خاتمي ۽ انسانن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ نفرتن جي اونداهيءَ کي ختم ڪن. خاص طور تي اهڙي وقت ۾، جڏهن خدا جي ڌرتي مختلف جنگين، سياسي ڇڪتاڻ، مذهبي انتهاپسندي ۽ معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهي آهي، عالمي امن ۽ علائقائي استحڪام لاءِ گڏيل ڪوششون اڳي کان وڌيڪ اهم بڻجي وڃن ٿيون.

آئون ميڊيا جي دوستن کي پڻ درخواست ڪندس ته اهي ڏياريءَ جي رنگارنگ تقريبن کي اليڪٽرانڪ، ڊجيٽل ۽ پرنٽ ميڊيا تي اجاگر ڪن ته جيئن نه صرف پاڪستاني عوام کي ڏياريءَ جو اصل پيغام، يعني نيڪيءَ جي بديءَ تي فتح، بابت ڄاڻ ملي سگهي، پر سفارتي سطح تي به عالمي برادريءَ کي هڪ واضح پيغام وڃي ته پاڪستان ۾ رهندڙ هر شهريءَ کي پاڪستان جي آئين تحت مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي. اچو ته هن ڏياريءَ تي رڳو پنهنجن گهرن ۽ عمارتن کي روشن نه ڪريون پر هڪ ٻئي سان گڏجي پنهنجين دل، سوچ ۽ ڪردار ۾ پڻ روشني پيدا ڪرڻ جو واعدو ڪريون.

اڄوڪو ڏينهن ..... 05 نومبر

ارجن سڪايل



سنڌي ساهت نگر ۾ ارجن سڪايل جو نالو سونهري اکرن ۾ لکي سگهجي ٿو. هو بلند پائي جو اديب، شاعر، صحافي ۽ حڪيم هو. هن جو جنم 5 نومبر 1919ع تي نوشهرو فيروز ضلعي جي مشهور ڳوٺ سڏوجا ۾ ٿيو. سندس پيءُ ديتارام ناناڻي ۽ ڏاڏو هيرانند ناناڻي سنڌ جا وڏا حڪيم هئا. هن پنهنجي ڳوٺ سڏوجا ۽ ڪنڊياري ۾ تعليم حاصل ڪئي. يوناني حڪمت جا نسخا پنهنجي پيءُ کان سکيو ۽ پاڻ به انهيءَ پيشي سان لاڳاپجي ويو. هن 1942ع ۾ ٽنڊو آدم مان "نو جيون" نالي هڪ اخبار جاري ڪئي. انهيءَ اخبار ۾ هن قومي جاڳرتا وارا ڪئين ليک لکيا. ان ئي زماني ۾ هن شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. خاص طور تي سندس لکيل ڌرتيءَ جي آزاديءَ جا گيت گهڻو مشهور ٿيا. 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هو سونهاري سنڌ ڇڏي پهريائين ٻڙودا ۾ ۽ بعد ۾ حيدرآباد دکن ۽ آخرڪار الهاسنگر ۾ وڃي ٽڪيو. هندستان ۾ به هن حڪمت جي پيشي کي جاري رکيو ۽ گڏوگڏ صحافتي سفر به روان دوان رکيو. هن جون لکڻيون هندستان جي سنڌي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجنديون رهنديون. هن لڳ ڀڳ 30 ڪتاب لکيا، جن ۾ شاعري، ناول، جيوني ڪٿائون، مضمون ۽ ٻيا موضوع شامل آهن. سندس ادبي ڪاوشن جي مڃتا طور کيس ڪيترن ئي اعزازن ۽ انعامن سان نوازيو ويو. تاريخ 19 آگسٽ 2012ع تي هيءُ انمول انسان پريوءَ جي پار روانو ٿي ويو.

سيد احسان علي شاهه

سيد احسان علي شاهه 5 نومبر 1925ع تي سيد مظفر علي شاهه جي گهر هيرآباد حيدرآباد ۾ ڄائو. هو مشهور مرثيه گو شاعر سيد ثابت علي شاهه جي خاندان مان هو. هن مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ايس ايم ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيو. اڳتي هلي ايس ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪيائين. ان کان علاوه اسلامڪ ڪلچر ۾ ماسٽر ڊگري پڻ حاصل ڪيائين. نوڪريءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ اسسٽنٽ طور ڪيائين. اڳتي هلي سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيو. هو ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي بورڊ جو ڪنٽرولر سيڪريٽري ۽ چيئرمين پڻ رهيو. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر طور پڻ ڪم ڪيائين. 1985ع ڌاري سنڌ يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنائين. سيد احسان علي شاهه سماجي سرگرمين ۾ به اڳڀرو رهندو هو ۽ حيدرآباد جي ڪيترن ئي سماجي ادارن ۽ تنظيمن جو ميمبر هو. هن 29 مارچ 1996ع تي وفات ڪئي.

غلام رباني آگرو

اڄ سنڌ جي برک اديب، تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه غلام رباني آگري جي جنم جو ڏهاڙو آهي. هو 5 نومبر 1933ع تي ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ محمد خان آگري ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي پيءُ کان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ نوشهري فيروز جي مدرسي هاءِ اسڪول مان، انٽرميڊيئيٽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج حيدرآباد مان ۽ بي اي سنڌ مدرسة الاسلام ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. هن 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. اڳتي هلي ترقي ڪري سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. 1976ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو پهريون پرو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. 1980ع ۾ ٻيهر سنڌي ادبي بورڊ ۾ موٽي آيو. 1984ع ۾ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. اڳتي هلي انهيءَ اداري جو چيئرمين بڻيو. 1993ع ۾ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر بڻيو. جيتريقدر سندس صحافتي خدمتن جو تعلق آهي ته پاڻ نئين زندگي رسالي جو ساٿي ايڊيٽر، نئين سنڌ رسالي جو سب ايڊيٽر، ٻارن جي رسالي گل ڦل جو ايڊيٽر ۽ ادبيات رسالي جو چيف ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين. هن سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا. سندس ادبي، انتظامي ۽ صحافتي ڪمن جي اعتراف طور کيس پاڪستان جي صدر پاران تمغه امتياز سان نوازيو ويو. هيءُ انمول انسان 18 جنوري 2010ع تي حيدرآباد ۾ پنهنجي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.

ڊاڪٽر سندري سوني پرچاڻي

هن سنڌ ڄائي ساهتڪاره جو جنم 5 نومبر 1946ع ۾ موجوده نوشهري فيروز ضلعي جي ننڍڙي شهر ڀلائيءَ ۾ ٿيو. هوءَ هڪ مهان ڪهاڻيڪاره، شاعره، ناٽڪ نويس ۽ لسانيات جي ماهر آهي. ورهاڱي کان پوءِ سندس خاندان هندستان جي شهر پوني ۾ وڃي پنهنجا پير ڄمايا. هن 1973ع ۾ پوني يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ ايندڙ تبديلين، سنڌي ٻوليءَ جي لهجن، سنڌي نالن ۽ سنڌ جي ثقافت جي مختلف پهلوئن تي شاندار مقالا ۽ ڪتاب لکيا آهن. هوءَ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ماهرن جي ڪميٽيءَ جي ميمبر رهي چڪي آهي. گڏوگڏ انسٽيٽيوٽ آف مارڪيٽنگ اينڊ مئنيجمينٽ پوني جي ڊائريڪٽر ۽ انٽرنيشنل سنڌو چيمبر آف ڪامرس جي اعزازي سيڪريٽري رهي چڪي آهي.

رفيق احمد مهيسر

اڄوڪو ڏينهن اسان کي مشهور سياستدان رفيق احمد مهيسر جي يادگيري ڏياري ٿو. اڄ سندس پيدائش جو ڏينهن آهي. هو 5 نومبر 1949ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ گاهي مهيسر ۾ ڄائو. هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات يونين ڪائونسل ڪولاچيءَ جي چيئرمين طور ڪئي. هن ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. 1987ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو. 1988ع ۽ 1990ع وارين عام چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. هن 15 آڪٽوبر 2002ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

اياز پاڳت

مختيار اٽڙ

اڄ مشهور شاگرد اڳواڻ، محقق ۽ ليکڪ اياز پاڳت جي سالگره جو ڏينهن آهي. هو 5 نومبر 1953ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ گل محمد پاڳت ۾ پيدا ٿيو. مئٽرڪ تائين تعليم وارهه مان حاصل ڪيائين. ان بعد گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو. هن ننڍي ڄمار ۾ ئي شاگرد سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. 1967ع ۾ وارهه تعلقي لاءِ لاڙڪاڻو اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو صدر مقرر ٿيو. 1972ع ۾ آزاد ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن ضلعي لاڙڪاڻي جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. 1973ع ۾ سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس ضلعي لاڙڪاڻي جو پهريون جنرل سيڪريٽري ٿيڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين. ان بعد سنڌي، بلوچ، پشتون فرنٽ جو حصو بڻجي مختلف عهدن تي ڪم ڪيائين. هو پاڳت سوشل ويلفيئر ڪميونٽي سنڌ جو چيئرمين پڻ رهيو آهي. سياسي ۽ سماجي سرگرمين سان گڏ ادب ۽ تحقيق جي ميدان ۾ به پنهنجو پاڻ موڪيائين. هن جا تحقيقي مقالا ۽ مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا. هن سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ذاتين، قديم ماڳن ۽ ٻين موضوعن تي هڪ درجن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. جن کي سنڌ جي سڃاڻو طبقي ۾ وڏي مڃتا ملي آهي.

امين اڏيرائي

اڄ مشهور شاعر ۽ نثر نويس امين اڏيرائي پنهنجي سالگره ملهائي رهيو آهي. هن 5 نومبر 1964ع تي مٽياري تعلقي جي مشهور ڳوٺ اڏيري لال ۾ اکيون کوليون. ايم اي (سنڌي) ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين. عمر جو گهڻو حصو اسڪول ۾ مستقبل جي معمارن کي هڪ استاد طور پڙهائڻ ۾ گذاريائين. پاڻ ڪاروان ادب سنڌ، ادب فورم ۽ سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ميمبر رهيو آهي. هن سنڌيءَ، سرائيڪيءَ، پنجابي ۽ اردوءَ ۾ ويهارو ڪتاب لکيا آهن.

مولانا تاج محمد امروٽي

مولانا تاج محمد امروٽي پنهنجي دور جو برگزيده بزرگ، روحاني رهبر ۽ ديني عالم هو. سندس ولادت خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ ڳاڙهي موريءَ ۾ ٿي. هن ابتدائي ديني تعليم پنهنجي والد سيد عبدالقادر شاهه عرف پيرل شاهه کان حاصل ڪئي. ان وقت جي دستور مطابق فارسيءَ ۽ عربيءَ جي تعليم پنهنجي تر جي عالمن کان حاصل ڪيائين. ان بعد پرچونڊي شريف جي بزرگ حافظ محمد صديق کان روحانيت جون رمزون سکيائين. حافظ صاحب کيس پنهنجو خليفو بنايو ۽ کيس امروٽ شريف لڏي وڃڻ جو حڪم ڪيائين. پاڻ ريشمي رومال تحريڪ جي بنيادي ڪردارن مان هڪ هو. انگريز سرڪار جي عتاب کي به منهن ڏيڻو پيو. سندس هڪ وڏو علمي ڪارنامون قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو هو. سوره رحمان ۽ سوره ياسين جو منظوم ترجمو به ڪيائين. يوسف زليخان جي قصي کي "پريت نامون" جي نالي سان ڇپرايائين. پاڻ هڪ قادرالڪلام شاعر پڻ هو. امروٽ ۾ سندس هڪ شاندار مدرسو قائم ٿيل هو، جنهن مان ڪيترائي عارف ۽ عشاق فارغ التحصيل ٿيا. تاريخ 5 نومبر 1929ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.

ولي محمد راڄڙ

ولي محمد راڄڙ سنڌ جو مشهور شاعر ۽ مرثيه خوان هو. هن جو جنم 1913ع ڌاري ڳوٺ ڪاٺي راڄڙ تعلقي کپري ضلعي سانگهڙ ۾ ٿيو. هو نامور صوفي شاعر منٺار علي راڄڙ جو پوٽو هو ۽ پنهنجي ڏاڏي کان متاثر ٿي پاڻ به شاعر بڻجي ويو. هو اڃا ننڍو ئي هو جو سندس والد قبول محمد راڄڙ وفات ڪري ويو. ان ڪري هن جي پرورش سندس ڏاڏي جي نگرانيءَ ۾ ٿي. شاعر هجڻ سان گڏ هو هڪ بهترين نوحه خوان پڻ هو ۽ پنهنجي درديلي آواز ۾ نهايت سڪ ۽ سوز سان مرثيا پڙهندو هو. هو مخدوم نوح رحه جي درگاهه جو مريد هو ۽ انهيءَ درگاهه تي باقاعدگيءَ سان حاضري ڀريندو هو. هن 5 نومبر 1983ع تي وفات ڪئي. سندس سوانح حيات ۽ شاعريءَ تي مشتمل ڪتاب "پرين تنهنجي پياس ۾" 1999ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

آصف مٿياڻوي



اڄ مشهور شاعر آصف مٿياڻويءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هيءُ ناميارو ساهتڪار 23 مارچ 1959ع تي مٿياڻي، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو. سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيٽ ٿيڻ کان پوءِ زرعي ترقياتي بينڪ ۾ آفيسر مقرر ٿيو. هن جي شاعري سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي پڌري ٿي. سندس شاعريءَ جو مجموعو "ٻول اسان جي ٻارن جا" سندس حياتيءَ ۾ ڇپيو. هن 5 نومبر 2009ع تي هن فاني دنيا کان هميشه لاءِ موڪلايو.

قمرالنساء هڪڙو



قمرالنساء هڪڙو ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مشهور اداڪاره هئي. هن جو جنم 14 اپريل 1963ع تي گڙهي ياسين تعلقي جي ڳوٺ هڪڙا ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان ڪراچيءَ مان پاس ڪيا ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان بي اي جي سند حاصل ڪئي. عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ خانگي اسڪول جي ماستريائيءَ طور ڪيائين. هن 1987ع کان ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي اناؤنسر، صداڪار ۽ نيوز ريڊر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ساڳئي سال پاڪستان ٽيليويزن جي سنڌي ڊرامن ۾ اداڪاري ڪرڻ شروع ڪيائين. ٽيليويزن تي سندس پهريون ڊرامون آئينو هو. هن ڪي ٽي اين جي ڊرامن ۾ به اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن 5 نومبر 2011ع تي وفات ڪئي.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي قادر بخش ولد محمد عيسيٰ ذات ميمڻ تاريخ 11-04-2014 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث قادر بخش (1) محمد اڪرم پٽ فوتي جو غير شادي شده (2) محمد اعظم پٽ فوتي جو غير شادي شده (3) محمد اعجاز پٽ فوتي جو غير شادي شده (4) محمد امتياز پٽ فوتي جو (5) مسمات فوزيه ڌي فوتي جي زال شبير احمد جي (6) مسمات انيسه ڌي فوتي جي غير شادي شده تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمد امتياز ولد قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 17-09-2024 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث محمد امتياز (1) اعزاز احمد پٽ فوتي جو (2) محمد ازمان پٽ فوتي جو (3) محمد اشمال پٽ فوتي جو (4) وفا ڌي فوتي جي (5) مقدس ڌيءِ فوتي جي (6) مسمات زرقا بيواهه فوتي محمد امتياز جي تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمد اڪرم ولد قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 03-01-2025 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث محمد اڪرم (1) محمد اعجاز ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (2) مسمات فوزيه ڀيڻ فوتي جي زال شبيراحمد جي (3) مسمات انيسه سلطانه ڀيڻ فوتي جي غير شادي شده تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمد اسلم ولد قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 25-01-2025 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث محمد اسلم (1) محمد اڪرم ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (2) محمد اعظم ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (3) محمد اعجاز ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (4) محمد امتياز ڀاءُ فوتي جو (5) مسمات فوزيه ڀيڻ فوتي جي زال شبير احمد جي (6)مسمات انيسه سلطانه ڀيڻ فوتي جي غير شادي شده (7) قادربخش پيءُ فوتي جو تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمد اڪرم ولد قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 03-01-2025 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث محمد اڪرم (1) محمد اعجاز ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (2) مسمات فوزيه ڀيڻ فوتي جي زال شبير احمد جي (3) مسمات انيسه ڀيڻ فوت جي غير شادي شده تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمد اعجاز ولد قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 20-07-2026 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث محمد اعجاز (1) مسمات فوزيه ڀيڻ فوتي جي زال شبير احمد جي (2) مسمات انيسه ڀيڻ فوتي جي غير شادي شده تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي حنيف ولد بلاول لنڊ درخواست ڏني آهي ته نالي (1) بلاول ولد سومار لنڊ (2) نالي عبدالرحيم ولد بلاول لنڊ (3) نالي مسمات آسي ولد ڪرو لنڊ جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين جي ديهه ٽنگر ڪيٽ ٽپو ٽنگر ڪيٽ تعلقو بدين ۾ سروي نمبر 30_73_116_17_24_23_26_101 ۽ بين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ بلاول لنڊ تعلقو بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن (1) تفصيل نالي فوتي بلاول ولد سومار لنڊ جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 حنيف پٽ فوتي جو 2 حيدر پٽ فوتي جو 3 مولا بخش پٽ فوتي جو 4 محسن پٽ فوتي جو 5 امام بخش پٽ فوتي جو 6 عبدالرحيم پٽ فوتي جو 7 آمي ڌي فوتي جي 8 ڪريمان ڌي فوتي جي (2) تفصيل نالي فوتي عبدالرحيم ولد بلاول لنڊ جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 حنيف ڀاءُ فوتي جو 2 حيدر ڀاءُ فوتي جو 3 مولا بخش ڀاءُ فوتي جو 4 محسن ڀاءُ فوتي جو 5 امام بخش ڀاءُ فوتي جو 6 آمي ڀيڻ فوتي جي 7 ڪريمان ڀيڻ فوتي جي (3) تفصيل نالي فوتڻ آسي ولد ڪرو لنڊ جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 حنيف پٽ فوتڻ جو 2 حيدر پٽ فوتڻ جو 3 مولا بخش پٽ فوتڻ جو 4 محسن پٽ فوتڻ جو 5 امام بخش پٽ فوتڻ جو 6 عبدالرحيم پٽ فوتڻ جو 7 آمي ڌي فوتڻ جي 8 ڪريمان ڌي فوتڻ جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمد اعجاز ولد قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 20-07-2026 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث محمد اعجاز (1) مسمات فوزيه ڀيڻ فوتي جي زال شبير احمد (2) مسمات انيسه سلطانه ڀيڻ فوتي جي غير شادي شده تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي قادر بخش ولد محمد عيسيٰ ذات ميمڻ تاريخ 11-04-2014 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث قادر بخش (1) محمد اڪرم پٽ فوتي جو غير شادي شده (2) محمد اعجاز پٽ فوتي جو غير شادي شده (3) محمد امتياز پٽ فوتي جو (4) مسمات فوزيه ڌي فوتي جي زال شبير احمد جي (5) مسمات انيسه سلطانه ڌي فوتي جي غير شادي شده تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمد اعظم ولد قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 12-03-2011 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث محمد اعظم (1) محمد اسلم ڀاءُ فوتي جو پٽ قادر بخش جو غير شادي شده (2) محمد اڪرم ڀاءُ فوتي جو غيرشادي شده (3) محمد اعجاز ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (4) محمد امتياز ڀاءُ فوتي جو (5) مسمات فوزيه ڀيڻ فوتي جي زال شبير احمد جي (6) مسمات انيسه سلطانه ڀيڻ فوتي جي غير شادي شده (7) قادر بخش پيءُ فوتي جو تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمد اشرف ولد قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 07-05-2008 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث محمد اشرف (1) محمد اسلم ڀاءُ فوتي جو پٽ قادر بخش جو غير شادي شده (2) محمد اڪرم ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (3) محمد اعظم ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (4) محمد اعجاز ڀاءُ فوتي غير شادي شده (5) محمد امتياز ڀاءُ فوتي غيرشادي شده (6) مسمات فوزيه ڀيڻ فوتي جي زال شبير احمد (7) مسمات انيسه سلطانه ڀيڻ فوتي جي غير شادي شده (8) قادر بخش پيءُ فوتي جو تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمد امتياز ولد قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 17-09-2024 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث محمد امتياز (1) اعزاز احمد پٽ فوتي جو (2) محمد زمان پٽ فوتي جو (3) محمد اشمال پٽ فوتي جو (4) وفا ڌي فوتي جي (5) مقدس ڌيءِ فوتي جي (6) زرقا بيواهه فوتي محمد امتياز جي تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمد اسلم ولد قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 25-01-2014 تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث محمد اسلم (1) محمد اڪرم ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (2) محمد اعظم ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (3) محمد اعجاز ڀاءُ فوتي جو غير شادي شده (4) محمد امتياز ڀاءُ فوتي جو (5) مسمات فوزيه ڀيڻ فوتي جي زال شبير احمد جي (6) مسمات انيسه سلطانه ڀيڻ فوتي جي غير شادي شده (7) قادر بخش پيءُ فوتي جو تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اعجاز احمد ولد محمد امتياز رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي مسمات آمنت زال قادر بخش ذات ميمڻ تاريخ 14-07-2004 تي فوت ٿي چڪي آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث فوتڻ مسمات آمنت (1) محمد اسلم پٽ فوتڻ جو غير شادي شده (2) محمداشرف پٽ فوتڻ جو غير شادي شده (3) محمد اڪرم پٽ فوتڻ جو غير شادي شده (4) محمد اعظم پٽ فوتڻ جو غير شادي شده (5) محمد اعجاز پٽ فوتڻ جو غير شادي شده (6) محمد امتياز پٽ فوتڻ جو غير شادي شده (7) مسمات فوزيه ڌيءِ فوتڻ جي (8) مسمات انيسه سلطانه ڌيءِ فوتڻ جي (9) قادر بخش ولد محمد عيسيٰ فوتڻ جو گهروارو تنهن ڪانسواءِ فوتڻ جو ٻيو ڪو به جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي فوتي جي ملڪيت ستي سروي نمبر 810 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪئبل حصو/ سجو رويو اڳ ستي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي اُهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هرهڪ (1) راحيل ولد عثمان ذات ميمڻ (2) منظر علي ولد نور محمد ذات ميمڻ ٻئي رهاڻو ميمڻ محلا ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

ستي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي وڪيو ولد الياس لنڊ درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي الياس ولد ابراهيم لنڊ جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي جي ديهه ٽنگر ڪيٽ ٽپو ٽنگر ڪيٽ تعلقو بدين ۾ سروي نمبر 55/5 B_55/6B_81/1B ۽ بين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ عبدالله لنڊ تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل نالي فوتي الياس ولد ابراهيم لنڊ جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 وڪيو پٽ فوتي جو 2 موسو پٽ فوتي جو 3 يوسف پٽ فوتي جو 4 طيب پٽ فوتي جو 5 طالب پٽ فوتي جو 6 عيسا پٽ فوتي جو 7 زليخان ڌي فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي سومار ولد ڪارو لنڊ درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي ڪارو ولد سومار لنڊ جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي جي ديهه ٽنگر ڪيٽ ٽپو ٽنگر ڪيٽ تعلقو بدين ۾ سروي نمبر 436 ۽ بين مان ايراضي حصي رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ بلاول لنڊ تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل نالي فوتي ڪارو ولد سومار لنڊ جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 سومار پٽ فوتي جو 2 رسول بخش پٽ فوتي جو 3 انور پٽ فوتي جو 4 محمد بخش پٽ فوتي جو 5 نيامت ڌي فوتي جي 6 سوني ڌي فوتي جي 7 ميمي ڌي فوتي جي 8 راڻين ڌي فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته UC 143 ٽي ايم سي قاسم آباد ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد ۾ درخواست گذار محمد علي ولد لڪا ڏنوڳوٺ ٽنڊو سعيد خان جي رهائش پذير سنئس والد مرحوم لڪا ڏنو ولد بهاول جو فوتي سرٽيفڪيٽ حاصل لاءِ هن يونين ڪميٽي آفيس ۾ نادرا (CRMS)فارم جمع ڪرايو آهي. اگر ڪنهن به شخص کي مذڪوره مرحوم جي فوتي سرٽيفڪيٽ جي حوالي سان اعتراض آهي ته يوسي 143 ٽي ايم سي قاسم آباد جي آفيس ۾ هن اشتهار بعد هڪ هفتي اندر روبرو رابطو ڪري ٻي صورت ۾ سرٽيفڪيٽ جائز قرار ڏئي جاري ڪيو ويندو

سيڪريٽري يوسي 143قاسم آباد ميونسپل
ڪارپوريشن حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته نالي عاشق علي ولد شيرخان ڪوسو ويٺل ڳوٺ جمع خان ڪوسو تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنئس والد شيرخان ڪوسو ولد شاهه بيگ ڪوسو جيڪو پوليس کاتي جو رٽائرڊ سروس ڪانسٽيبل هو ۽ فقہ سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 18-09-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات فهميده ڪوسو (بيواهه) (2) عاشق علي ڪوسو (پٽ) جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي (1) امتياز علي ولد محمد رمضان ڪوسو شناختي ڪارڊ نمبر 4180106053517 ۽ (2) محمود خان ڪوسو ولد علي شير شناختي ڪارڊ نمبر 413053548659 جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي. جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات بيبو بيواهه رستم حاجانو ويٺل ڳوٺ محمد خان حاجانو تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنئس والد رستم حاجانو ولد آچر حاجانو جيڪو ايريگيشن کاتي جو حاضر سروس بيلدار هو ۽ فقہ سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 09-10-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات بيبو (بيواهه) (2) فيض محمد (پٽ) (3) شاهده (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي (1) محبت خان ولد مٺو حاجانو شناختي ڪارڊ نمبر 4130554047891 ۽ (2) مرزا خان ولد محمد رمضان شناختي ڪارڊ نمبر 4180106331587 جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي. جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هرخاص وعام کي آگاهه ٿو ڪجي ته اٿون صائمه زال محمد عرفان شناختي ڪارڊ نمبر 4130314502598 هڪ عدد پلاٽ نمبر 22 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ نالي جلال الدين لانگاهه ولد شهاب الدين شناختي ڪارڊ نمبر 4230113988679 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشاعت جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض دستاويزي ثبوتن سميت سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدرآباد کي تحريري طور تي آگاهه ڪري معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ سوسائٽي انتظاميه ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪندي

صائمه زال محمد عرفان معرفت راجپوت اسٽيٽ
ايجنسي لطيف آباد نمبر 07 حيدرآباد
03003247949

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيدآباد
(روبروجناب عبدالستار)
گارڊين سوٽ نمبر 08 سال 2026

مسمات روبينا ڌيءِ محمد ايوب بيواهه الله ڏنو رهاڻو راڄو بگيهر پي او سعيد آباد ضلعو مٽياري .اپليڪينٽ ..بخلاف.. (1) شفيع محمد ولد الله ڏنو (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... اپوننٽس (1) عرفان علي (2) عريشا (3) شاهه جهان سڀ ٻار ڌيئرون الله ڏنو. مائنر

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪنٽ گارڊين سوٽ زير قلم 7.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيدآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيدآباد
(روبروجناب عبدالستار)
فيملي سوٽ نمبر 14 سال 2026

(1) مسمات شهناز ڌيءِ علي محمد ذات ڪيريو رهاڻو ڳوٺ منصورو ڏيپر سعيد آباد (2) ابوبڪر ولد حبيب الله عرف علي ..پلينٽف ..بخلاف.. حبيب الله عرف علي ولد نواب خان ذات ڪيريو رهاڻو ڳوٺ حيات ڪيريو تعلقو سڪرنڊ ..ڊفينڊنٽ

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ ڏاوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِدرخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيدآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 133 سال 2026

شريمتي ليلي ڌيءِ چانديو زال رميش ڪمار هندو بالغ ذات ڪولهي رهاڻو ننڊو موري پاڪ سينگهار ضلعو ٽنڊو الهيار حال رهاڻو ڳوٺ غلام حسين لنڊ تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار. پلينٽف ...بخلاف... رميش ڪمار ولد راجو هندو بالغ ذات ڪولهي رهاڻو ڳوٺ حاجي عبدالله ٿالهاڻو ضلعو ٽنڊو الهيار. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سيپريشن، مينٽيننس ۽ رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز ۽ ميڊيڪل لاءِدرخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم 5th حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ثناء فاطمه ڌيءِ پير بخش ظهير احمد قريشي رهاڻو گهر نمبر A-8 پرنس ٽائون فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف ..بخلاف.. مظهر علي ولد دين محمد ڏاهرو رهاڻو فليٽ نمبر 201 سيڪنڊ فلور اسٽريٽ نمبر 7 پلاٽ نمبر 6c ڊفينس فيز 5 بدر ڪمرشل ڪراچي . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم 5th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 1266سال 2026

مسمات شبنم زال غلام اصغر ڪلهوڙو رهاڻو گهر نمبر 06 ايڇ ڊي اي بنگلوز فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف... (1) ڊي آءِ جي حيدرآباد ريجن حيدرآباد (2) ايس ايس پي حيدرآباد (3) ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن حسين آباد حيدرآباد (4) مينيجر نيشنل بينڪ آف پاڪستان شهباز بلڊنگ برانچ حيدرآباد (5) منجون خان ولد محمد عثمان مسلم بالغ رهاڻو گهر نمبر A-126 يونٽ نمبر 04 لطيف آباد حيدرآباد (6) اياز خان پٺاڻ ولد نور احمد مسلم بالغ رهاڻو شاپ نمبر 131 بسم الله ٽائون نزد پاڪولا فيڪٽري ميرپورخاص روڊ حيدرآباد سيڪنڊ ايڊريس گهر نمبر C/158-C محلا گلشن خير محمد لطيف آباد حيدرآباد . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڪينسليشن آف چيڪ اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 09-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج نوابشاهه
ايف سي سوٽ نمبر 51 سال 2026

نثار احمد ولد حاجي غلام نبي رهاڻو ڳوٺ حاجي غلام نبي ديهه 50 دادو تعلقو نوابشاهه..پلينٽف..بخلاف..(1) محمد اڪبر (2) محمد شريف (3) رضا محمد (4) عبدالرزاق (5) عبدالخالق سڀ پٽ حاجي غلام نبي رهاڻو ڳوٺ حاجي غلام نبي ديهه 50 دادو تعلقو نوابشاهه(6)مسمات زرينا معرفت قانوني وارث (a) عطاءُ الله (b)خورشيد (c) منير احمد (d) عبدالجبار (e) مسمات بينظير سڀ پٽ ڌيئرون عبدالقادر (7) مسمات گل پري بيواهه عبدالخالق بلوچ (8) الله نواز ولد عبدالخالق بلوچ (9) ياسر نواز ولد عبدالخالق بلوچ (10)مسمات ثمينه ڌيءِ عبدالخالق بلوچ (11)ناياب ڌيءِ عبدالخالق بلوچ مائنر معرفت ماءُ ڊفينڊنٽس نمبر 7 مسمات گل پري (12) مسمات آسيه ڌيءِ عبدالخالق بلوچ (13)محمد انور ولد محمد اڪبر (14) جان محمد ولدغلام محمد (15) مسمات شاهه بانو زال غلام حسين (16) طارق علي ولد قلندر بخش خان (17) سلطان صلاح الدين ولد محمد آڌل سمون (18) محمد اصغر ولد عبدالغني (19) ايس ايڇ او پي ايس اي سيڪشن نوابشاهه (20) ايس ايس پي شهيد بينظير آباد (21) اي سي نوابشاهه (22) سٽي سروي آفيسر نوابشاهه (23) سب رجسٽرار نوابشاهه (24) ڊي سي شهيد بينظير آباد ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن ، پارٽيشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن زير قلم VII رول 1 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج نوابشاهه

نالي / تاريخ پيدائش جي درستي

جيئن ته مون 2018 ۾ پرائمري پاس ڪئي هئي منهنجي پرائمري جي سرٽيفڪيٽ ۾ غلطي سان نالو اسد علي ۽ تاريخ پيدائش 15-01-2008 لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري صحيح نالو محمد اسد ۽ تاريخ پيدائش 20-03-2008 لکيو ۽ پڙهيو وڃي اهڙي درستگي مون کي سرٽيفڪيٽ ۾ ڪري ڏني وڃي

محمد اسد ولد محمد ارشد ذات آرائين رهاڻو خورشيد
ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو

بقايا 1 روزاني عبرت

مٽل،پرياسٽي قومي شاهراهه جو سست رفتاري جو شڪار ٿيڻ سبب حادثا روز جو ،معمول بڻجي انساني جانيون ضايع ٿيڻ لڳيون،پرياروڊ قومي شاهراهه تي ٽرالر جي موٽرسائيڪل سوار ميٽرڪ جي شاگردن کي ٽڪر 17 سال نوجوان طيب پلي دادن پلي سخت زخمي ٿي پيا جڏهن طيب پلي زخمن جا سور نه سهندي نواب شاهه اسپتال ۾ فوت ٿي ويو.فوتي شاگرد جو لاش گهر پهچڻ تي گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو.جڏهن ته ٻن زخمي شاگردن دادن پلي ۽ مدثر پلي پڻ سخت ٿي پيا جن کي ڪٽني جوڳي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال داخل ڪيو ويو. حادثي سبب پوليس موقعي تي ٽرالر ڊرائيور کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو.جڏهن ته گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 2 روزاني عبرت

مين پڙي ۾ ڪارون ۾ موبائل فون ۽ 5 هزار رپيا نقد رقم هٿ ڪئي وئي آهي ايس ايس پي عمرڪوٽ سهائي عزيز ٽالپر QPM، PSPجي خاص هدايتن تي ضلعي ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار گٽڪي ۽ مين پڙي جي ڪاروبار خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تحت ڪارروايون جاري آهن ان سلسلي ۾ عمرڪوٽ سٽي ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو پوليس موجب گرفتار جوابدارن ۾ راڄمل ولد بيڙو ڀيل پرڪاش ولد سيسو ڀيل ۽ سوڀو ولد جوڳيو ڀيل شامل آهن جيڪي برهون تعلقو شهدادپور ضلعي سانگهڙ جا رهواسي آهن. پوليس موجب جوابدارن وٽان آداب جا 850 پيڪيٽ، جن ۾ 85 هزار پڙيون جڏهن ته سفينه جا 50 پيڪيٽ، جن ۾ 5 هزار 500 پڙيون شامل آهن برآمد ڪيا ويا. ان کان علاوه 5 هزار رپيا نقد رقم ۽ موبائل فون، اڇي رنگ جي لينا ڪار نمبر ALW-2930 ۽ اڇي رنگ جي ڪوري ڪار نمبر AACV-691 پڻ تحويل ۾ ورتيون ويون. پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف عمرڪوٽ سٽي ٿاڻي جي ڪيس نمبر 278/2026، سنڌ گٽڪا ۽ مين پڙي ايڪٽ 2019ع جي قلم 4، 5 ۽ 8 تحت داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي ان موقعي تي ايس ايس پي عمرڪوٽ سهائي عزيز ٽالپر چيو ته نوجوان نسل کي مضر صحت گٽڪي ۽ مين پڙي جي نقصانڪار اثرن کان بچائڻ ۽ عوام جي صحت جو تحفظ يقيني بڻائڻ لاءِ اهڙي غيرقانوني ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروائي جاري رهندي

بقايا 3 روزاني عبرت

گارڊ محبوب خلاف احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کان ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي تفصيل موجب سول اسپتال خيرپور ۾ مقرر سيڪيورٽي گارڊ محبوب مبينا طور اخبار فروش سليم احمد صديقي سان بدتميزي ڪندي اسپتال جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ کيس اندر داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو ان واقعي تي احتجاج ڪندي سليم احمد صديقي چيو ته اسان اخبار فروش محنت ۽ حلال روزي ڪمائي پنهنجن ٻچن جو پيٽ پاليندا آهيون پر اسپتال ۾ مقرر سيڪيورٽي گارڊ اسان سان نامناسب رويو اختيار ڪيو آهي هن الزام لڳايو ته سيڪيورٽي گارڊ ڌمڪي ڏيندي چيو ته صحافي منهنجو ڇا بگاڙي سگهندا هن سنڌ جي صحت واري صوبائي وزير ۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ،ايم ايس سول اسپتال کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي سيڪيورٽي گارڊ محبوب جي بدلي ڪئي وڃي ۽ اخبار فروشن سان عزت ۽ احترام وارو رويو اختيار ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا 4 روزاني عبرت

شهرن ڏانهن ريفر پيو ڪري تنهن ڪري بدين ۾ جديد سهولتن سان ليس دل جي اسپتال قائم ڪئي وڃي هنن مطالبو ڪيو ته لاڙ يونيورسٽي کي سنڌ يونيورسٽي جي درجو ڏئي نوجوانن لاءِ اعليٰ تعليم جا بهتر موقعا پيدا ڪيا وڃن جڏهن ته ڊاڪٽر سڪندر سنڌرو اسپتال بدين ۾ ريفر ليٽر وارو مسئلو ختم ڪري ايمرجنسي ڪاٽيج جنرل ميڊيسن آرٿوپيڊڪ جنرل سرجري ۽ نيورو شعبن ۾ ڊاڪٽرن عملي ۽ ضروري سهولتن جي ڪوٽ ختم ڪئي وڃي ۽ ٻاهرين مريضن جي علاج جون سهولتون وڌايون وڃن اڳواڻن وڌيڪ چيو ته بدين سميت سنڌ جي سمورن ۾ بند پيل سرڪاري اسڪول کوليا وڃن استادن جي ڪوٽ ختم ڪري ٻارن کي تعليم جو حق ڏنو وڃي جڏهن ته منشيات جي وڌندڙ واهپي ۽ وڪري نوجوان نسل جو مستقبل تباهه ڪري ڇڏيو آهي ان کي ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارا منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪري نوجوانن کي هن ناسور کان بچائين احتجاجي ڪيمپ ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي نائب صدر علي حيدر پنهور مزدور فيڊريشن ضلعي صدر سلطان بوهڙ ضلعي نائب صدر دلبر لنجو ضلعي جنرل سيڪريٽري باغي ذيشان ستي صدر ياسر سيال ستي جنرل سيڪريٽري رسول بخش چانگ رستم چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻن ڪارڪنن توڙي شاگردن شرڪت ڪئي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن سنڌ حڪومت ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته ماڻهن جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ بنا دير عملي قدم کنيا وڃن ٻي صورت ۾ ماڻهن جي حقن صحت ۽ تعليم جي تحفظ لاءِ پرامن جمهوري جدوجهد جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 5 روزاني عبرت

بينڪ مان رقم ڪڍرائي ويندڙ شهر جي گلشن مهراڻ ڪالوني جي رهواسي فاروق جروار کان ڪار ۾سوار چئن ڄڻن هٿ لک 40 هزار ڪيش، موبائيل فون ۽ پرس ڦر ڪري فرار ٿي ويا انهي موقعي تي نوجوان فاروق جروار ٻڌايو ته مون جيئن بينڪ مان رقم ڪيرائي ته بينڪ اندر ويٺل هڪ شخص جنهن جي هٿ ۾ ٿيلهي هئي،جنهن ۾ پيسا پيل هئا سونکي چيائين هي رقم اڳيان ڪار ۾ ويندڙ شخص هئي وساري ويا آهن،سون وٽ گاڏي ناهي تون گڏ هل ته ڏئي اچون جنهن بعد انهي شخص کي موٽر سائيڪل تي ڪئي سول اسپتال پرسان پهتاسين ته اڇي رنگ جي ڪار ۾ويٺل همرا کي ٿيلهي ڏئي،جنهن بعد انهن ڪار سوارن اسان ٻنهي کي معان ٿيلهي مان سون جي زنجير گم هجڻ جو الزام لڳايو جنهن تي مون انڪار ڪيو ته سوني زنجير بابت مون کي خبر ناهي سون کي ته هي همراهه وٺي آيو آهي جنهن تي انهن مون کي 200قدم اڳيان وٺي وري واپس اچي قسم کڻڻ جو چيو ۽ منهنجو موبائيل ۽ پئسا پاڻ وٽ رکيا آئون جئين 200 قدم اڳيان وڃي واپس ٿيس ته چارئي همراهه روڪ رقم موبائيل فون کڻي ڪار ڪاهي روانا ٿي ويا، اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي واقعي بابت تفصيل معلوم ڪيا پوليس موجب ماسڪو جي جاچ ڪري رهيا آهيون نوجوان کان ڌوڪي سان رقم ڦر ڪئي وئي آهي جلد ڪار سوارن کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 6 روزاني عبرت

خارج ڪري ڇڏي گذريل 23 آڪٽوبر تي سنڌ سرڪار پاران قانون واري کاتي جي 17 ڊپٽي ڊسٽرڪٽ اٽارنيز کي 18هين گريڊ مان 19هين گريڊ ۾ ترقين ڏيڻ واري نوٽيفڪيشن کي روڪرائڻ لاءِ ٽنڊوالهيار جي سرڪاري وڪيل طارق هاليپوٽي جي داخل ڪيل پٽيشن عدالت نه ٻڌڻ جوڳي قرار ڏئي خارج ڪري ڇڏي اهڙو فيصلو ڪالهه وفاقي آئيني عدالت اسلام آباد ۾ بئنچ نمبر 3 ۾ ٽن ججن ٻڌايس جسٽس عامر فاروق، جسٽس روضي خان باريچ ۽ جسٽس سيد ارشد حسين شاهه تي ٻڌل بئنچ ريمارڪس ڏيندي آرڊر پاس ڪيو ته سي پي ايل اي پٽيشن داخل ميسلينس ايپليڪيشن نمبر 202/5100 ٻڌڻ جوڳي ناهي درخواست کي نه ٻڌڻ جوڳو قرار ڏئي عدالت طرفان خارج ڪئي وڃي ٿي ياد رهي ته ٻي ڌر جي سرڪاري وڪيلن اسرار احمد سومرو فيض النسا چنا ۽ ٻين پاران مشهور قانوندان فريده مگريو عدالت ۾ پنهنجا دليل ڏنا ۽ ڪيس جي پيروي پڻ ڪئي اهڙو فيصلو ٻڌڻ بعد سنڌ جي سمورن سرڪاري وڪيلن ۾ سرهائي ۽ انهن پاران خوشي جي اظهار ڪيو ويو

بقايا 7 روزاني عبرت

عوام لاءِ صحت جي شعبي ۾ هڪ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي جتي بي ايڇ يو برڙا ۾ 24 ڪلاڪ ايم سي ايڇ (مادر ۽ ٻار جي صحت) سينٽر جو افتتاح ڪرڻ واري موقعي تي پي پي ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو چيو ته بي ايڇ يو برڙا ۾ 24 ڪلاڪ ايم سي ايڇ سينٽر جو قيام ڪاچي جي عوام لاءِ وڏي خوشخبري ۽ صحت جي سهولتن جي فراهمي ڏانهن هڪ اهم قدم آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

اختيارين جو چوڻ آهي ته بجلي چوري ۽ غيرقانوني ڪنيڪشن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري رکيو ويندو ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 9 روزاني عبرت

آهن جنهن مان مونکي ٽي جريب زمين ڏني وئي هئي هاڻي ان زمين تي به قبضو ڪري خالي ڪرائڻ چاهين ٿا هر روز مون تي ۽ منهنجي پٽ تي تشدد ڪرڻ سان گڏ موتمار ڌمڪيون ڏيندا رهن ٿا اسان مسڪين ڪن جريبن مان وڏي مشڪل سان پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪري رهيا آهيون اهو سهارو به کسي اسان کي بي گهر ڪري مارڻ چاهين ٿا اسان جي گهرو وزير محترم ضياءالحسن لنجار ۽ ٻين اعلا عملدارن کي اپيل آهي ته هن بي لغام ڌاڙيل قسم جي ماڻهن کي گرفتار ڪري اسان جي وڪرو ڪيل زمين واپس ڪرائي اسان کي پنهنجو حق وٺي ڏنو وڃي

بقايا 10 روزاني عبرت

اعيواڻ) طرفان نامزد ڪيل فيڪلٽي آف ڪامرس اينڊ بزنس ايڊمنسٽريشن جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد چانڊيو ڪئي جنهن پنهنجي خطاب ۾ سمورن مقررن ۽ شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار چيو ۽ انتهائي اهم موضوع تي پروگرام منعقد ڪرڻ تي افڪار تازه ٿنڪ فيسٽ کي مبارڪباد ڏني ان موقعي تي افڪار تازه ٿنڪ فيسٽ جي باني ڊاڪٽر يعقوب خان بنگش پنهنجي خطاب ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري ۽ پروفيسر امر سنڌو جي مهرباني مڃي. جنهن يونيورسٽي ۾ ان علمي ۽ فڪري پروگرام جي انعقاد ۾ سهڪار ڪيو هن موقعي تي هن علامه اقبال جو اهو شعر پڻ پڙهيو جنهن ۾ افڪار تازه جو اصطلاح اخذ ڪيو ويو آهي هن چيو ته پاڪستان جي ترقي لاءِ نون خيالن ۽ تازي فڪر جي ضرورت آهي جنهن لاءِ نوجوانن کي اڳيان اچڻو پوندو هن پروگرام جو مکيه مقرر لنڊن جي ڪنگز ڪاليج جو پروفيسر دانش مصطفيٰ هو جنهن پاڻي جي نظام جي نوآبادياتي اثرن ۽ موسمياتي ۽ ماحولياتي تبديلين جي موضوع تي پنهنجا ويچار ونڊيا. ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته پاڻي کي رڳو محض سائنسي مساوات يا ٽيڪنيڪي پيمانن ذريعي نه ٿو سمجهي سگهجي هي انساني ۽ ثقافتي معاملو به آهي ان لاءِ آبي مسئلن جي حل لاءِ سوچ ۽ نقط نظر ۾ بنيادي تبديلي آڻڻي پوندي هن چيو ته انگ اکر ڪڏهن ڪڏهن حقيقت جي مڪمل عڪاسي ناهن ڪندا جو ته درياءَ ۾ پاڻي جو وهڪرو هر سال هڪجهڙو ناهي هوندو ڪڏهن ٻوڏن جي شدت گهڻي هوندي آهي هن چيو ته دريائن جي قدرتي وهڪرن کي مصنوعي طريقي سان ڪنٽرول ڪرڻ سان غير معمولي صورتحال پيدا ٿيندي آهي جنهن جا خراب اثر پڌرا پوندا آهن ان تقريب جو ٻيو اهم مقرر آسٽريا جي ويانا يونيورسٽي سان لاڳاپيل عالمي معيشت جي تاريخدان سوين وان سورڪ هو جنهن عالمي قرضن جي بحران، ڪفايتي پاليسين ۽ قرضن جي جال مان نڪرڻ جي ممڪن رستن تي روشني وڌي ان موقعي هن پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته دنيا جا ڪيترائي ترقي پذير ملڪ قرضن جي اهڙي جار ۾ ڦاٿل آهن جن مان نڪرڻ انهن لاءِ ڏکيو آهي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته مالي معاونت ۽ قرضن جي فراهمي لاءِ متبادل طريقيڪار اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي جو منصفانو ۽ مساوي بنيادن تي قائم هجي هن ان سلسلي ۾ آزاد خودمختيار قرض جي ڏيوالپڻي نظام قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني هن ان موقعي تي گڏيل پليٽ فارم تي متحد ڪرڻ وارين پاڪستان جي ڪوششن ۽ ڪردار کي پڻ ساراهيو ۽ نامياري صحافي ۽ ليکڪ ادريس توحيد ۽ سنڌ يونيورسٽي جي فلسفي شعبي جي پروفيسر امر سنڌو ۾ مڪالمي جو سيشن منعقد ٿيو جنهن ۾ نوآبادياتي نظام ان جي اثرن ، خطي جي صورتحال ۽ ادارن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ڳالهائيندي ادريس توحيد ۽ پروفيسر امر سنڌو چيو ته جيتوڻيڪ انگريزن کي هتان وڃي سني صدي گذري وئي آهي پر انهن جي نظام جا اثر اڄا تائين ختم نه ٿي سگهيا آهن هن چيو ته جيستائين ڪالونيل مائنڊ سيٽ کي تبديل نه ڪبو ايستائين بهتر نتيجا حاصل نه ٿي سگهندا. هنن 1800 صدي جي جنگ آزادي ۾ ڏنڊ ڪردارن جي يادگارن کي نمايان ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته اهي يادگار نمايان ڪرڻ سان اسان جي نئين نسل کي اتساهه جو ذريعو بڻجن هن امير طبقي ۽ غريب طبقي ۾ سهولتن جي حوالي سان موجود فرق تي ڳالهائيندي چيو ته اهو مختلف معاملن ۾ موجود اهو فرق احساس محرومي ۽ احساس برتري کي وڌائي ٿو جيڪو ختم ٿيڻ گهرجي ان موقعي تي سوالن جوابن جي نشست پڻ ٿي ۽ مقررن حاضرين جي مختلف سوالن جا جواب ڏنا تقريب جي آخر ۾ انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري جي ڊائريڪٽر ۽ سينڊيڪيٽ ميمبر ڊاڪٽر عرفان ملاح سيني شرڪت ڪندڙن جو ٿورو مڃيندي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري طرفان يونيورسٽي ۾ علمي ۽ فڪري سرگرمين کي فروغ ڏيڻ وارين ڪوششن کي ساراهيو . هن چيو ته هن قسم جا مڪالما ۽ فڪري سرگرميون يونيورسٽي جي بنيادي مقصدن ۾ شامل آهن هن تجويز ڏني ته هن قسم جا پروگرام ملڪ جي ٻين ٻولين سنڌي، پنجابي، پشتو ۽ بلوچي ۾ به منعقد ٿيڻ گهرجن هن پروگرام جي ڪارروائي اينٿروپالاجي ۽ آرڪيالاجي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر عبدالرزاق چنا هلائي

بقايا 11 روزاني عبرت

مسودو تيار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ جنوري 2027ع کان بن سالن تائين سهولتن جي استعمال ۽ ساهوار ادائي لک رپيا ادائيگي جي تجويز شامل آهي پراجيڪٽ منظوري ۽ عملدرآمد جو مرحلو مڪمل ناهي ٿيو رپورٽ ۾ ملازمن کي مڪمل پگهارن ۽ الائونسز جي عدم ادائيگي، نين عمارتن جي تعمير ۾ دير ۽ مستقل مالي گرانٽ جي ضرورت پڻ ظاهر ڪئي وئي آهي. ڪيمپس جي ترقياتي ڪمن لاءِ 3 ارب 16 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جو نظرثاني ٿيل پي سي ون هائر ايجوڪيشن ڪميشن ڏانهن اماڻيل آهي. هوڏانهن 4 نومبر تي پروفيسر ڊاڪٽر ضياءالحسن شاهه ڪيمپس جي پرو وائس چانسلر جو اضافي چارج ڇڏي پنهنجي اصل عهدي پروفيسر ڊپارٽمينٽ آف سوائل سائنس ٽنڊوڄام جون ذميواريون ٻيهر سنڀالڻ جو خط جاري ڪري ڇڏيو

بقايا 12 روزاني عبرت

ٻفجڻ جي دلچسپ آڇ سان کليل چيلنج ڏئي ڇڏيو آهي هن چيو ته جيڪڏهن مولانا فضل الرحمان جون ايتريون ئي ملڪيتون آهن ته سمورا مبينا اثاثا هڪ هنڌ گڏ ڪري انهن جا نقشا، رجسٽريون ملڪيت جا ڪاغذ ۽ اصل ماليت عوام آڏو پيش ڪئي وڃي سامهون ايندڙ ملڪيتن مان 25 سيڪڙو مولانا فضل الرحمان کي ۽ 75 سيڪڙو دعوائون ڪندڙ اينڪرن ۽ چينل مالڪن کي ڏنا ويندا

بقايا 13 روزاني عبرت

آهي هڪ ئي شهر ۾ امير ۽ غريب جي وچ ۾ فرق نه هجڻ گهرجي اربع ڏينهن هتي پي ڪي ري هيڊڪوارٽرز ۾ منصوبابندي

بقايا 14 روزاني عبرت

ڪئي ان موقعي تي صحافي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته صحافين جي گهرن تي پوليس چڙهائي ڪرڻ ۽ سندن گهر ڀاتين کي ماڻهن جي گرفتار ڪرڻ وارو عمل انتهائي افسوسناڪ ۽ قابل مذمت آهي صحافي معاشري جو اهم حصو آهن جيڪي عوام جا مسئلا ۽ حقيقتون پنهنجي قلم ذريعي اجاگر ڪن ٿا، پر جيڪڏهن صحافين ۽ سندن خاندانن کي ئي هراسان ڪيو ويندو ته آزادي ۽ صحافتي ذميوارين تي خراب اثر پوندو هنن چيو ته پوليس کي قانون جي دائري ۾ رهي پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻ گهرجن. ڪنهن به شهري يا صحافي جي گهر ۾ بنا قانوني جواز جي داخل ٿيڻ ۽ گهرڀاتين کي گرفتار ڪرڻ جا عمل برداشت نه ڪيا ويندا. صحافين کي پنهنجون پيشوراڻي ذميواريون نڀائڻ دوران تحفظ فراهم ڪرڻ حڪومت ۽ پوليس انتظاميا جي ذميواري آهي صحافي اڳواڻن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي گرفتار ڪيل سٺوٽ کي آزاد ڪيو وڃي ۽ ذميوار پوليس اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن صحافين کي هراسان ڪرڻ وارو سلسلو بند نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 15 روزاني عبرت

ناليواري سياسي ۽ سماجي شخصيت انجنيئر فريد طاهر صديقي 70 ورهين جي ڄمار ۾ ديهي ۾ دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي تدفين ديهي ۾ ڪئي ويندي

بقايا 16 روزاني عبرت

انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مظاهرين مطالبو ڪيو ته عظيم چاچڙ جي قتل ۾ نامزد جوابدار کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي ۽ مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 17 روزاني عبرت

چيو ته يونيورسٽي انتظاميا شاگردن جا مسئلا حل ڪرڻ بدران کين مختلف طريقن سان پريشان ڪري رهي آهي جڏهن ته پرامن بک هڙتال ڪئمپ تي پوليس موڪلي شاگردن کي هراسان ڪيو ويو هوڙتالين پرامن بک هڙتال ڪئمپ پٽڻ ۽ شاگردن کي پوليس هٿان مبينا طور هراسان ڪري گرفتار ڪرڻ خلاف شاگرد اڳواڻن پاران احتجاجي ريلي پڻ ڪڍي وئي ريلي ۾ طالب شن ڊاڪٽر مگسي عبيدالله ناريجو اشفاق احمد، تنوير اقرار ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته پرامن احتجاج ڪرڻ شاگردن جو حق آهي ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ بدران بک هڙتال ڪئمپ ختم ڪرائي کين پوليس ذريعي گرفتار ۽ هراسان ڪيو پيو وڃي، جيڪو عمل شاگردن جي آواز کي دٻائڻ جي برابر آهي شاگرد اڳواڻن مطالبو ڪيو ته يونيورسٽي ۾ مبينا انتظامي بي ضابطگين جو نوٽيس وٺي شاگردن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن

بقايا 18 روزاني عبرت

معصوم قنج ٻيپاڪ ٻارڙي ڪنيان ڌيءِ سترام ڀيل سڙي فوت ٿي وئي جڏهن ته باهه ايتري شديد هئي جو ڪجهه ئي لمحن ۾ ڪچي جهوپڙين کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو متاثر جهوپڙيون سترام ڀيل سجنون ڀيل ۽ جاني ڀيل جون ٻڌايون وڃن ٿيون واقعي وقت خاندان جا مرد ۽ عورتون روزگار جي سلسلي ۾ زميندار فاروق نوتڪاڻي جي زمين تي ويل هئا. باهه سبب گهرن ۾ پيل ڪپڙا، راشن، ٿانو ۽ ٻيو سمورو سامان سڙي تباهه ٿي ويو جنهن ڪانپوءِ ڪيٽي غريب خاندان کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهن معصوم ٻارڙي جي فوت ٿيڻ سبب وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو اطلاع ملڻ تي ڪوٽڙي گهنور پريس ڪلب جا صحافي واقعي واري هنڌ پهتا ۽ ڏکوئيندڙ منظر ڪوريج هيٺ آندا جڏهن ته ڪوٽڙي گهنور پوليس پڻ واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي صحافين ۽ علائقي واسين ڊپٽي ڪمشنر بدين. لاڳاپيل انتظاميا ۽ مخير حضرات کان اپيل ڪئي آهي ته متاثر ٽنهي خاندانن کي فوري طور خيما، راشن، ڪپڙا ۽ مالي امداد فراهم ڪري سندن سهائتا ڪئي وڃي

بقايا 19 روزاني عبرت

آهي پر هن وقت تائين ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي

بقايا 20 روزاني عبرت

زخم آهي ۽ ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد زخمي جانور مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو ٻئي طرف ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او اسلام ڪوٽ کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي هن واقعي جي مڪمل معلومات حاصل ڪرڻ ملوث ماڻهن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ انهن خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن علائقي واسين بي زبان جانور تي تشدد جي واقعي کي افسوسناڪ قرار ڏيندي مطالبو ڪيو آهي ته هن انسانيت سوز عمل ۾ ملوث ماڻهن کي فوري طور تي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

بقايا 21 روزاني عبرت

اگهه مقرر نه ڪرڻ ۽ مارڪيٽ ۾ اگهه گهٽ هجڻ سبب آبادگارن ۽ هارين جون پريشانيون وڌي ويون آهن فصل تيار ڪرڻ لاءِ ڇهن مهينن دائين ڏينهن رات محنت ڪندڙ آبادگار ۽ هاري سخت معاشي بحران جو شڪار بڻجي ويا آهن

بقايا 22 روزاني عبرت

علي حسن سولنگي ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا مظاهرين شهر جي مختلف رستن تان ٿيندا سورو پريس ڪلب پهتا جتي اڳواڻن چيو ته اسان جا ڳچيرو روڊ نبن شاهه مشين وٽ شهزادو سولنگي ،شاهنواز ، جاويد، معشوق سولنگي وارن جا چار دوڪان آهن جيڪي 1986 جي رجسٽري پڻ موجود آهي هڪ بااثر مسواڙي ابراهيم سولنگي سنڌس پٽ ٻبلو ۽ ٻيا زبردستي قبضو ڪري رهيا آهن جيڪا سراسر ظلم ناانصافي آهي اهي جنهن وڏيڪ جهيڙي جو خدشو آهي هنن ٽڪ جي ايم پي اي صوبائي وزير ضياءالحسن لنجار ايس ايس پي نوشهرو فيروز براڊري جي نيڪ مردن وڏيرو افضل سولنگي دوست علي سولنگي سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي فوري طور قبضو ختم ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 23 روزاني عبرت

گيس جا دڪان بند ڪرائي سيل ڪيا ويا. شهر ۾ گيس جا دڪان سيل ٿيڻ سبب شهرين کي گيس حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جڏهن ته عوام پريشاني جو اظهار ڪندي سوال ڪيو آهي ته هاڻي گيس ڪٿان حاصل ڪجي ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر علي گوهر مهيسر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت طرفان ايل پي جي گيس جي دڪانن بابت سختي ڪئي وئي آهي. شهر جي وچ ۾ گيس جا دڪان قائم ڪرڻ غيرقانوني آهي جنهن سبب قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ دڪانن کي بند ڪرائي سيل ڪيو ويو آهي.

بقايا 24 روزاني عبرت

احتجاج ڪندي اسلم ڪوسو چيو ته اڪثر ست سال اڳ هن ڪالونس زمين خريد ڪئي جنهن جو دستاويز به وٽس موجود آهي پر هاڻي هو شخص لالچ ۾ اچي انهي زمين تي قبضو ڪرڻ لاءِ پنهنجا حربا استعمال ڪري رهيو آهي مداخلت تي هن مٿس هٿياربندن هٿان حملا ڪرايا آهن هن چيو ڪيس انهي شخص مان جاني ۽ مالي خطرو آهي سنڌس خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪيون وينديون جڏهن ته اهڙي قسم جون ڪارروايون جاري رهنديون

بقايا 26 روزاني عبرت

جنهن دوران وڏيڪ 8 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو تن ڏينهن دوران ٻنهي قبيلن جي گرفتار جوابدارن جو انگ 45 کان وڌي ويو آهي.ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي موجب ٻنهي قبيلن جي هٿياربند ماڻهن هڪ ٻئي تي حملا ڪيا، جنهن سبب علائقي جوامن داءَ تي لڳي ويو هو ٻنهي قبيلن پاران هڪ ٻئي خلاف هٿيار کڻڻ تي پوليس ٽارگيٽيڊ آپريشن شروع ڪيوايس ايس پي موجب آپريشن دوران بڪتربند گاڏيون ۽ هيوي مشينري استعمال ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته 25 کان وڏيڪ جوابدارن جي لڪڻ وارين جاين کي بلڊوز ڪيو ويو آهي تن ڏينهن دوران ٻنهي قبيلن جي 45 کان وڏيڪ جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آهن

MILITARY LANDS & CANTONMENTS DEPTT.
CANTONMENT BOARD KORANGI CREEK

Tel: 021-35090301, Fax: 021-35090718
Email: newceo.cbkc@gmail.com

PUBLIC NOTICE

1. It is notified for the information of all concerned authorities/departments and general public **Mr. Atta Hussain Shahani & Mr. Nazar Hussain Shahani** has applied in this office for Approval of Revised Building plan comprising **Basement + Ground Floor + 1st Floor to 5th Floor + Roof along with Stair Tower relating Plot No. A 31, Block "B" Measuring (400 Sq Yards), Bhittai Colony, Korangi Creek Karachi.**
2. Following location plan is showing the exact location of the said plot/project:



3. Whosoever has genuine grievances/ sound and reasonable objection in this regard, may submit such objections in writing in the office of the Cantonment Board Korangi Creek within **15-days** of the publication of this notice. After lapse of stipulated period no objection shall be taken into consideration.

Cantonment Executive Officer, Korangi Cantt.

PID(K)1488/26

آفيس آف دي
ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر
نوشهرو فيروز

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهرو فيروز. واحد مرحلو- ٻه لفافا طريقيڪار رول-(2)46 تحت مالي سال 27-2026 ۽ 28-2027 لاءِ اي ڊي پي اسڪيم نمبر 918، تعلقا هيڊڪوارٽر اسپتال مورو ڊسٽرڪٽ نوشهرو فيروز ۾ آرٿوپيڊڪ وارڊ جي فراهمي تحت ميڊيڪل ايڪيوپمينٽس، مشينري، انسٽرومنٽ، فرنيچر / فيڪسچر جي سپلاءِ لاءِ FBR/SRB (جيڪوجتي لاڳو آهي) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙن جي فهرست تي موجود سپلائرز/ فرمز/ مينوفيڪچررز/امپورٽرز/ مجاز ڊسٽريبيوٽرز کان اي-پاڪ ايڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزيبل سسٽم (EPADS) ذريعي اي-آڇون گهرائي ٿي تفصيلي شرط ۽ ضابطن تي ٻڌل آڇ دستاويز https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ تي ڏسي/ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

اليڪٽرانڪ آڇون صرف EPADS ذريعي جمع ڪرايون وڃن. مينيوئل آڇ وصول نه ڪئي ويندي. دلچسپي رکندڙ آڇيندڙن کان گهربل آهي ته اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ EPAD سسٽم تي لنڪ https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration ذريعي پنهنجو پاڻ کي رجسٽر ڪرائن.

آڇ دستاويزن ۽ ڊيٽل هدايتن مطابق تيار ٿيل آڇون EPADS تي 30-11-2026 تي صبح 11:00 وڳي کان پهرين لازمي جمع ڪرايون وڃن. ٽينڊر جي اصل آئٽمز جي -/3,000 رپيا ۽ ڪل آڇ قيمت جي حتمي مقرر ٿيل برابر بد سيڪيورٽي اي-آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ آخري تاريخ کان پهرين پروڪيورنگ ايجنسي وٽ لازمي پهچي وڃڻ گهرجن جيڪي ساڳي ڏينهن تي صبح 11:30 وڳي ايڊريس ايٽ فاطمه انجنيئر آڊيٽوريم، جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (JSMU) ڪراچي ۾ کوليون وينديون.

اهم نوٽ:-

- اي-بڊنگ لاءِ ڪا به پڇا ڳاڇا لاءِ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهرو فيروز. سان رابطو نمبر 0300-3087076 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.
- حڪومت پاران عام موڪل واري اعلان يا ڪنهن به اڻٽڌڙ واقعي جي صورت ۾ ٽينڊر/آڇون اڳيئي ڪم ڪار واري ڏينهن ساڳي وقت ۽ هنڌ تي کوليا ويندا.
- SPP رولز 2010 جي لاڳاپيل شق تحت خريدار ڪا به هڪ يا سموريون آڇون رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

ڪنهن به ڏکيائي جي صورت ۾ امڪاني آڇيندڙ EPADS سان دفتري ڏينهن/وقتن ۾ هيلپ لائن 051-111-137-237 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

دستخط
ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر
نوشهرو فيروز

INF.KRY.No: 4892/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

پرياسٽي ويجهو تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، هڪ شاگرد فوت ۽ 3 زخمي

قومي شاهراهه ڳوٺ نيوڙو پٽي وٽ حادثي ۾ ميٽرڪ جو شاگرد 17 ورهين جي طيب پٽي ٿلهي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي دادن، مدثر پٽي ۽ لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام، پوليس ڊرائيور کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي قومي شاهراهه ڳوٺ نيوڙو پٽي وٽ تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار اسڪولي شاگرد کي ٽڪر 3 شاگرد زخمي هڪ چٽو فوت. نوجوان نينگر جي گهر ۾ ڪهرام. بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

بدين: ايس ٽي پي پاران بک هڙتال ڪئي پئي وڃي

بدين ۾ صحت ۽ تعليم جون سهولتون بهتر بڻائڻ لاءِ ايس ٽي پي جو احتجاج

دل جي مريضن کي علاج لاءِ ٻين شهرن ڏانهن وڃڻو پوي ٿو، دل جي اسپتال قائم ڪئي وڃي: اڳواڻ

لا يونيورسٽي کي سنڌ يونيورسٽي جو درجو ڏئي سڪندر مٺڙو اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي جي کوٽ ختم ڪئي وڃي

بدين (د ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي بدين پاران عوامي مسئلن جي حل صحت ۽ تعليم سميت ٻين بنيادي سهولتن کي بهتر بڻائڻ منشيات جي خاتمي ۽ بدين ۾ دل جي اسپتال قائم ڪرڻ سميت مختلف مطالبن جي مڃتا لاءِ بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪيمپ قائم ڪئي وئي جنهن پارٽي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري حڪمرانن کان عوامي مسئلن جو فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ضلعي صدر شاهنواز سيال جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ڪئمپ تي ڪارڪنن نعري بازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته بدين ضلعي جي ماڻهن کي صحت ۽ تعليم جهڙين بنيادي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي دل جي بيمارين ۾ مبتلا مريضن کي علاج لاءِ ٻين بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ پوليس ڪارروائي، منشيات هٿ، 3 جوابدار گرفتار

عمرڪوٽ (د ر) عمرڪوٽ پوليس صحت لاءِ نقصانڪار گٽڪي ۽ مين پڙي جي غيرقانوني ڪاروبار خلاف ڪارروائي ڪندي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جن جي قبضي مان 90 هزار 500 گٽڪا ۽ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ اخبار فروش جو سول اسپتال جي گارڊ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(د ر)سول اسپتال خيرپور ۾ اخبار فروش جي داخلا تي پابندي ۽ سيڪيورٽي گارڊ پاران بدتميزي ڪرڻ خلاف اخبار فروشن ۾ سخت ڪاوڙ پکڙيل آهي اخبار فروش سليم احمد صديقي سيڪيورٽي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: نينگر کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

ڪاڇي جي عوام لاءِ بي ايڇ يو ٻرڙا ۾ 24 ڪلاڪ ماءُ ۽ ٻار جي صحت مرڪز جو افتتاح

ڳورهارين عورتن، مائرن ۽ نون ڄاول ٻارن کي مقامي سطح تي طبي سهولتون فراهم ٿينديون: زبير احمد جوڻيجو

هنگامي حالتن ۾ بروقت علاج سان قيمتي انساني جانيون بچائڻ ۾ مدد ملندي، صحت سهولتون پهچائڻ اولين ترجيح آهي

هي صرف صحت مرڪز جو افتتاح نه، پر ڪاڇي جي عوام جي هڪ پراڻي ۽ اهم مطالبي جي پورائي ڏانهن عملي اڳڀرائي آهي

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) ڪاڇي جي عوام لاءِ صحت جي شعبي ۾ اهم اڳڀرائي، بي ايڇ يو ٻرڙا ۾ 24 ڪلاڪ ايم سي ايڇ سينٽر جو افتتاح ڏورانهين علائقن ۾ بنيادي سهولتن کان محروم ڪاڇي جي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ بيوه عورت جو ڏيرن جي ظلم ۽ زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

مورو (ن ع) مورو پرسان ڳوٺ قل بگهيو جي رهواسڻ معمر بيواهه عورت مسمات حور زال الهڏنو بگهيو پنهنجي با اثر ڏيرڻ عبدالحق بگهيو ۽ نوهه بگهيو جي ظلم کان تنگ ٿي مورو پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ته منهنجا ڏير منهنجي مڙس جي نالي تي دڪان ۽ ٻه ايڪڙ زمين ڪپائي کائي ويا بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪي اين شاهه ۾ سيپڪو جو بجلي چورن ۽ بقاياجات لاءِ آپريشن

شهر جي مختلف علائقن مان سوين غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن ختم ڪري تارون لاٿيون ويون

بجلي چوري ۽ غيرقانوني ڪنيڪشن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري رکيو ويندو: ايس ڊي او

خيرپورناٿن شاهه(ن ع) خيرپورناٿن شاهه ۾ سيپڪو اختيارين پاران بجلي چورن ۽ غيرقانوني ڪنيڪشن خلاف آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران شهر جي مختلف علائقن مان سوين غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن ختم ڪري تارون لاٿيون ويون ايڪسيئن سيپڪو عبدالعزيز پنهور ۽ ايس ڊي او فهيم اسلم شيخ جي اڳواڻي ۾ سيپڪو عملي جي محمد پريل گاڏهي، چيئرمين محمد رمضان چانديو نديم پٺاڻ ۽ مهتاب علي لاڪير سميت رينجرز ۽ پوليس اهلڪارن سان گڏ ڪي اين شاهه جي مختلف روڊن ۽ پاڙن ۾ ڪارروائي ڪئي وئي ڪارروائي دوران مختلف هنڌن تي لڳل غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن ڪاٽي بجلي جون تارون لاٿيون ويون جڏهن ته لاٿل تارون باهه ڏئي ساڙيون ويون سيپڪو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: شهر ۾ گٽر جو پاڻي ۽ گندگي نظر اچي رهي آهي

عمرڪوٽ زرعي يونيورسٽي ڪيمپس مالي بحران ۽ عمارت زبون حالي جو شڪار

ڪلاسز جي بحالي لاءِ ڊگري ڪاليج جون عمارتون عارضي طور استعمال ڪرڻ جي تجويز

ملازمن کي مڪمل پگهارن ۽ الائونسز جي عدم ادائيگي، نئين عمارتن جي تعمير ۾ دير

عمرڪوٽ (د ر) سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ڪيمپس عمرڪوٽ ۾ عمارتن جي زبون حالي مالي بحران ۽ تدريسي سرگرمين جي متاثر ٿيڻ جا مسئلا سنگين بڻجي ويا آهن ڪيمپس جي آپريشنل رپورٽ موجب غير محفوظ عمارتن سبب فزيڪل ڪلاسز بند ڪري آن لائين تعليم جاري رکي پئي وڃي جڏهن ته ڪلاسز جي بحالي لاءِ گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ جون عمارتون عارضي طور استعمال ڪرڻ بابت مفاهمتي يادداشت جو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ون ڪانسٽيٽيوشن ايونيو ڪيس: حقيقي سيڙپڪارن جي مفادن جو تحفظ يقيني بڻايو

قانون سڀني جي لاءِ برابر آهي، هڪ ئي شهر ۾ امير ۽ غريب جي وچ ۾ فرق نه هجڻ گهرجي: وفاقي وزير

ون ڪانسٽيٽيوشن ايونيو ڪيس جي جاچ جي لاءِ گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙي وئي، لاڳاپيل آفيسرن جي

منصوبي جي مرڪزي ٺيڪيدار عبدالحفيظ شيخ جو نالو ايگزٽ ڪنٽرول لسٽ (اي سي ايل) ۾ شامل

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته ون ڪانسٽيٽيوشن ايونيو ڪيس ۾ حقيقي سيڙپڪارن جي مفادن جو تحفظ يقيني بڻايو ويندو قانون سڀني جي لاءِ برابر بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڪوٽڏيجي جي صحافي جي گهر تي پوليس چڙهائي خلاف احتجاج

مظاهرين غلام عباس پنهور، خان محمد، عبدالمجيد پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

صحافين جي گهرن تي چڙهائي ۽ ٻاڙين کي گرفتار ڪرڻ انتهائي افسوسناڪ ۽ قابل مذمت آهي

خيرپور(د ر)خيرپور ۾ ڪوٽڏيجي ۾ ڪوشش جي رپورٽر پرويز جي گهر تي پوليس چڙهائي ۽ سندس سئوٽ کي گرفتار ڪرڻ واري عمل خلاف ريجنل يونين آف جرنلسٽ سنڌ پاران پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ريجنل يونين آف جرنلسٽ سنڌ جي صدر غلام عباس پنهور اتر سنڌ جي صدر خان محمد خان سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنهور مياڻ غلام حسين ميراڻي ۽ ٻين صحافي اڳواڻن بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم جي سياسي ۽ سماجي شخصيت انجنيئر فريد طاهر صديقي دبئي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو



ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ميونسپل ڪميٽي جي اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر طاهر حسين صديقي جو فرزند بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ لياقت
يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد

نمبر LUH/GEN.BR/30822/26, بتاريخ: 31-10-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد کي ايف بي آر / ايس آر بي (جيڪو به لاڳو هجي) جي ايڪٽو ٽئڪس پيئرز لسٽ ۾ شامل سپلائرز / فرمز / مينوفيڪچررز / امپورٽرز / مجاز ڊسٽريبيوٽرز کان اي-پاڪ ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزيبل سسٽم (EPADS) جي ذريعي اي-آڇون گهربل آهن. جيڪي لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد جي ايس اين اي اسڪيمن تحت ميڊيڪل سامان، مشينري، ميڊيڪل ڊيوائسز، اوزارن، فرنيچر / فڪسچر ۽ ٻين شين جي فراهمي لاءِ رول 46(2) هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار جي تحت آهن. آڇ جا تفصيلي شرط ۽ ضابطن تي مشتمل واڪ دستاويز هن لنڪ https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ تان ڏسي / ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

اليڪٽرانڪ آڇون فقط EPADS ذريعي جمع ڪرايون وڃن: دستي (مينوئل) آڇ وصول نه ڪئي ويندي. خواهشمند واڪ ڏيندڙن کي اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ اي پيڊس سسٽم تي هيٺ ڏنل لنڪ ذريعي پنهنجو پاڻ کي رجسٽر ڪرڻو پوندو: https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration

واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيل آڇون 30-11-2026 تي صبح 11:00 وڳي تائين EPADS تي لازمي جمع ڪرايون وڃن. ٽينڊر فيس جو اصل انسٽرومينٽ (رقم -/3000 روپيا) ۽ ڪوٽ ڪيل شين جي سامهون ڏنل بڊ سيڪيورٽي، اي-آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ پروڪيورنگ ايجنسي کي پهچڻ گهرجي. جيڪي ساڳئي ڏينهن منجهند 12:00 وڳي فاطمه انجنيئر آڊيٽوريم، جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (JSMU)، ڪراچي جي پتي تي کوليون وينديون.

نوٽ:-

- اي-آڇن جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي پڇا ڳاڇا لاءِ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد جي نمبر 022-9210207 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.
- جيڪڏهن حڪومت ڪنهن عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي يا ڪي اڻٽندڙ حالتون پيش اچن ٿيون، ته ٽينڊر / آڇون ايندڙ ڪم واري ڏينهن، ساڳئي هنڌ ۽ وقت تي کوليون وينديون.
- خريدار ايس پي پي رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

ڪنهن به ڏکيائي جي صورت ۾ امڪاني واڪ ڏيندڙ ڪم جي ڏينهن/وقتن دوران EPADS هيلپ لائين 051-111-137-237 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ
لياقت يونيورسٽي اسپتال
حيدرآباد

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

INF-KRY/4970/2026

حيدرآباد: نارين والي بال ميچ کيڏي رهيون آهن

بوزدار وڏا ويجهو ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب نينگر فوت، 4 ڄڻا زخمي

نصير فقير جلالاڻي لنڪ روڊ تي حادثي ۾ 14 ورهين جي اسد خاصخيلي ٿڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي ٿيل چار ڄڻن ۽ لاش کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

بوزدار وڏا (ن ع) بوزدار وڏا نصير فقير جلالاڻي لنڪ روڊ ميرواهه ڪئنال جي پل تي ٻن تيز رفتار موٽر سائيڪلن وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ نصير فقير جو رهواسي 14 ورهين جو اسد ولد محمد پنجل خاصخيلي ٿڏي تي فوت ٿي ويو ۽ چار ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو

ٽنڊوالهيار ۾ شهري کي چڪمائي ڳچي ۾ ڦاٿي وئي، هڪ لک 40 هزار ۽ فون ڦر

فاروق جروار بئنڪ مان رقم ڪڍرائي نڪتو ته شاپنگ ڪيس ڏوڪي سان وٺي ويو

ڪار ۾ سوار چار ڄڻا کانئس هڪ لک 40 هزار فون ۽ پرس ڦر ڪري فرار ٿي ويا

مونکي چيائين هي رقم اڳيان ڪار ۾ ويٺل شخص وساري ويو آهي: فاروق جروار

چيائين مون وٽ گاڏي ناهي تون گڏ هل ته ڏئي اچون، وياسين ته ڦر ڪري فرار

ٽنڊوالهيار (د ر)ٽنڊوالهيار ۾ شهري کان ڦر جي انوکي واردات، بئنڪ مان رقم ڪڍرائي ويندڙ شخص کي دوکي سان وٺي ڪار سوار روڪ رقم موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا خبر موجب ٽنڊوالهيار شهر جي نجي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي 17 بي ڊي ايز جي 19هين گريڊ ۾ ترقيءَ خلاف درخواست رد

طارق هاليپوٽي پاران وفاقي آئيني عدالت ۾ داخل ڪرايل پٽيشن نه ٻڌڻ جوڳي قرار

جسٽس عامر فاروق، جسٽس روضي خان ۽ جسٽس ارشد حسين شاهه تي ٻڌل ٻينچ فيصلو ڏنو

قانون واري کاتي جي 17 بيڊي ڊسٽرڪٽ آفيسرز کي 18هين گريڊ مان 19هين گريڊ ۾ ترقيون ملنديون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي آئيني عدالت طارق هاليپوٽي پاران داخل ڪرايل درخواست نه ٻڌڻ جوڳي قرار ڏئي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سرڪاري وڪيلن نور محمد ڪوکر اسرار احمد سومرو جاويد احمد ديناري ۽ ٻين جو ناميارين قانوندان فريده مگريو ۽ عامر احمد ڪيهر سان ورتل گروپ فوٽو

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اهم علمي ۽ فڪري ويهڪ

مقررن ملڪ جي ترقي لاءِ نون خيالن ۽ تازي فڪر کي ضروري قرار ڏئي ڇڏيو

پاڪستان جي ترقي لاءِ نون خيالن ۽ تازي فڪر جي ضرورت آهي: پروفيسر فتح مري

دنيا جا ڪيترائي ترقي پذير ملڪ قرضن جي اهڙي جار ۾ ڦاٿل آهن

ڄامشورو (پ ر) مقررن ملڪ جي ترقي لاءِ نون خيالن ۽ تازي فڪر کي ضروري قرار ڏئي ڇڏيو اهڙن خيالن جو اظهار هنن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ افڪار تازه ٿنڪ فيسٽ آن ڪيمپس پاران منعقد ڪيل هڪ اهم علمي ۽ فڪري ويهڪ ۾ ڪيو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿيل تقريب ۾ ناميارن ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن دانشورن محققن ۽ صحافين عالمي مالياتي نظام موسمياتي تبديلين نوآبادياتي اثرن ترقي پذير ملڪن ۾ عالمي قرضن جي بحران ، درپيش چئلينجن پاڻي جي وسيلن سميت مختلف اهم موضوعن تي علمي ۽ فڪري مڪالمو ڪيو هن پروگرام جي صدارت سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

مولانا فضل الرحمان جون ايڊيٽرن ٿي ملڪيتون آهن ته 25 سيڪڙو ڏئي ٻيا الزام هڻندڙ کڻن: راشد محمود

سمورا اثاثا هڪ هنڌ گڏ ڪري انهن جا نقشا، رجسٽريون، ملڪيت جا ڪاغذ عوام آڏو پيش ڪيا وڃن

اسٽوڊيوز ۾ ويهڻ بدران اينڪر اسٽوڊيوز مان ٻاهر نڪري زميني حقيقتون ۽ ٺوس ثبوت عوام آڏو پيش ڪن

ملڪيتن مان 25 سيڪڙو مولانا فضل الرحمان کي ۽ 75 سيڪڙو دعوائون ڪندڙ اينڪرن ۽ چينل مالڪن کي ڏنا ويندا

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان جي مبينا ملڪيتن بابت ٽي وي چئنلن ۽ سوشل ميڊيا تي نشر ٿيندڙ دعوائن تي طنزيه ردعمل ظاهر ڪندي اينڪرن، چينل مالڪن ۽ فرمائشي پروگرام ڪندڙن کي ڪرب پٽي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ناريون ڇيڻا سڪائي رهيون آهن

سکر ۾ قتل ٿيل عظيم چاچڙ جا قاتل گرفتار نه ٿيا، وارثن جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ميانداد چاچڙ انور چاچڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

عظيم چاچڙ جي قتل ۾ نامزد جوابدار کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي قريشي ڳوٺ ۾ قتل ٿيل عظيم چاچڙ جي وارثن ۽ علائقي جي ماڻهن قتل ۾ نامزد جوابدار جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ ملٽري روڊ تي ڌرڻو هنيو مظاهرين قتل ۾ نامزد جوابدار جي فوري گرفتاري ۽ مقتول جي وارثن لاءِ انصاف جو مطالبو ڪيو جڏهن ته جوابدار جي گرفتاري تائين احتجاج جاري رکڻ جو اعلان پڻ ڪيو تفصيل موجب قريشي ڳوٺ ۾ قتل ٿيل عظيم چاچڙ جي وارثن ۽ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ قتل واقعي ۾ نامزد جوابدار جي گرفتاري لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي، جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي ملٽري روڊ تي پهتي جتي مظاهرين احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو احتجاجي ريلي جي اڳواڻي ميانداد چاچڙ انور چاچڙ ۽ نادر چاچڙ ڪئي جڏهن ته علائقي جي رهواسين جي وڏي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي شاگردن پاران گرفتارين خلاف احتجاجي ريلي

پرامن بک هڙتال ڪئمپ تي پوليس موڪلي شاگردن کي هراسان ڪيو ويو: مظاهرين

يونيورسٽي ۾ انتظامي بيضابطگين جو نوٽيس وٺي جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن

خيرپور(د ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ انتظامي بي ضابطگين ۽ شاگردن کي مبينا هراسان ڪرڻ خلاف احتجاجي بک هڙتال ڪئمپ پٽڻ ۽ شاگردن جي گرفتاري خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي خيرپور جي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ مبينا انتظامي بي ضابطگين جعلي ڊگرين جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم نه کڻڻ آفيسرن کي هڪ کان وڌيڪ چارجون ڏيڻ فيسن ۾ هڪرادو واڌ، استادن جي ڪوٽ، هاسٽلن ۾ بنيادي سهولتن جي اڻهوند، ٽرانسپورٽ عملي جي مبينا ناجائزين روزانو ٽرانسپورٽ جا روٽ تبديل ڪرڻ ۽ شاگردن کي مبينا هراسان ڪرڻ خلاف شاگردن پاران يونيورسٽي جي مين گيٽ اڳيان احتجاجي ڪئمپ کي پوليس پٽي ڇڏي احتجاجي ريلي جي اڳواڻي طالب ش عبيدالله ناريجو ڊاڪٽر مگسي اقرار سهتو شرجيل احمد ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ شاگردن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پشاور: هڪ پيرسن مسواڪ وڪري لاءِ رکي ويٺل آهي

پنوعاقل ۾ چاچڙ برادري جي ڇهن زخمين کي انصاف ڏيارڻ لاءِ احتجاج

سول سوسائٽي، شهرين ۽ وڪيلن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ٽن ڏينهن ۾ جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا ته قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪيو ويندو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ چاچڙ برادري جي ڇهن نوجوانن کي فائرنگ ڪري زخمي ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ چاچڙ برادري جي سڏ تي سول سوسائٽي، شهرين ۽ وڪيلن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جوابدار گلشن ماڪي فلڪ ماڪي بختيار فيصل ماڪي آزاد ماڪو سميت ٻين جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي سردار مجتبيٰ خان چاچڙ چيو ته ٽن ڏينهن اندر جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا ته قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪيو ويندو

ٽنڊو محمد خان: چرس سپلاءِ ڪندڙ ٻه جوابدار لاڪپ ۾ بند آهن

پشاور: هڪ شخص مگيرا پچائي رهيو آهي

گولاڙچي پرسان ٽن جهوپڙين کي پراسرار باهه، 5 مهينن جي معصوم ٻارڙي سڙي فوت

ڳوٺ علي محمد پاڳارو نوتڪاڻي ۾ ٽن ڪکائين جهوپڙين کي اوچتو پراسرار باهه وڪوڙي وئي

باهه جي نتيجي ۾ لوڏ ۾ ستل ٿڃ پياڪ ٻارڙي ڪنيان ڏيءُ سترام ڀيل سڙي فوت ٿي وئي

گهرن ۾ پيل ڪپڙا، راشن، ٿانوَ ۽ ٻيو سمورو سامان باهه جي نظر، متاثر کليل آسمان هيٺ ويٺل

ڪڙيو گهنور(ن ع) ڳوٺ علي محمد پاڳارو نوتڪاڻي ۾ انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي ٽن ڪکائين جهوپڙين کي اوچتو پراسرار باهه وڪوڙي وئي باهه جي نتيجي ۾ لوڏ ۾ ستل 5 مهينن جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: مولانا فضل الرحمان جي خلاف ٿيندڙ حڪومتي پروپيگنڊا خلاف جي يو آءِ ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد ناري گهران نڪري وئي، والد پاران 4 ڄڻن خلاف اغوا جو ڪيس داخل

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي قائد اعظم جي رهواسڻ ناري امرتا سنگهه ڌي سردار انيل سنگهه ميندي جي رات پنهنجي چاهيندڙ نتين ڪمار سان گهران نڪري وئي آهي نواب شاهه ۾ پيار جو ورڻو ڪيو آهي جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي تي سردار انيل سنگهه جي فرياد تي ڏوهه نمبر 166/2026 قلم 365 بي هيٺ جوابدار نتين سندس والد مڪيش ڪمار سميت 4 ڄڻن خلاف اغوا جو ڪيس داخل ڪيو ويو بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ظالم جي ڪهاڙي لڳل مينهن بيٺل آهي

اسلام ڪوٽ ويجهو بي زبان مينهن تي ڪهاڙيءَ جا وار ڪري زخمي

ڳوٺ ٿاريو هاليپوٽا ۾ نامعلوم ماڻهن غلام رحيم جي مينهن کي ڪهاڙي هڻي زخمي ڪيو

ويٽرنري ڊاڪٽر سنتوش آپريشن ڪري مينهن جي پيٽ مان ڪهاڙي ڪڍي ڇڏي

واقعي خلاف ايس ايس پي نوٽيس ورتو ايس ايڇ او اسلام ڪوٽ کان رپورٽ طلب

مٺي/اسلام ڪوٽ (نمائندن وڪان) اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ ٿاريو هاليپوٽا ۾ نامعلوم ماڻهن مبينا طور بي زبان جانور تي وحشياڻو تشدد ڪندي ڪهاڙيءَ جا وار ڪري غلام رحيم هاليپوٽو جي مينهن کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو واقعي جون دل ڏاريندڙ تصويرون سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويون، مالڪ غلام رحيم هاليپوٽو موجب ڳوٺ ڀاڱي ٽڙ ۾ فصل لهڻ ڪانپوءِ سندن مينهن ٻاقي مينهن سان ٻنين ۾ چرڻ لاءِ ويندي هئي جتي نامعلوم ماڻهن مٿس ڪهاڙيءَ جا وار ڪري ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو وائرل تصويرن ۾ ڪهاڙي مينهن جي پيٽ ۾ پيوست نظر اچي ٿي واقعي ڪانپوءِ لائيوسٽاڪ کاتي جي ويٽرنري ڊاڪٽر سنتوش مينهن جو آپريشن ڪري ان جي پيٽ مان ڪهاڙي ڪڍي ورتي 6 انچ جو بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

باهه ۽ پرياسي ساريالو فصل پچي تيار ٿي ويو، اگهه گهٽ هجڻ سبب آبادگار ۽ هاري پريشان

هن وقت ڪارخانيدار سارين جو فصل رڳو 2500 کان 2700 رپيا في مڻ جي حساب سان خريد ڪري رهيا آهن: آبادگار ۽ هاري

ڪارو ڀاڻ، اڇو ڀاڻ، زرعي دوائن، ٻج، هر ٽريڪٽر، مزدوري، رونبي ۽ لاب سميت ٻين زرعي خرچن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿي رهي آهي

مناسب اگهه نه ملڻ سبب هاري ۽ آبادگار مسلسل معاشي بدحالي جو شڪار آهن، جنهن جا اثر هاڻي سماج جي ٻين شعبن تي پڻ پئجي رهيا آهن

ڪارخانيدار سارين جي خريداري دوران في مڻ تي هڪ ڪلو غيرقانوني ڪٽوتي به ڪري رهيا آهن

باهه (ت ر)باهه ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ ساريالو فصل مڪمل طور تي پچي تيار ٿي ويو ۾ حڪومت پاران سارين جو مناسب بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لڪي غلام شاهه: عملدار بازار ۾ اگهه جون لسٽون چڪاسي رهيو آهي

مورو واسين جو مبينا دڪانن تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين دلمراد، سجاد، اشرف ، عبدالخالق ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بااثرن دڪانن تي قبضو ڪيو آهي، اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪن

مورو(ن ع) موروشهر جي امام بارگاهه جي سوين رهواسين جو مبينا دڪانن تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو مظاهري جي اڳواڻي دلمراد سولنگي سجاد اشرف سولنگي عبدالخالق بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: حد دخلين خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

لڪي غلام شاهه ۾ اي سي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي ايل پي جي گيس جي 6 دڪانن کي سيل ڪرائي ڇڏيو

لڪي غلام شاهه(ن ع) لڪي غلام شاهه شهر ۾ ايل پي جي گيس جي دڪانن خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر علي گوهر مهيسر جي اڳواڻي ۾ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا ويا، جنهن دوران 6 کان وڌيڪ ايل پي جي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ريلوي پوليس پاران غيرقانوني حد دخلين خلاف آپريشن

آپريشن دوران غيرقانوني طور رکيل ڪيبن، هوٽلن ۽ ٻين حد دخلين هٽايو ويو

ريلوي زمين تي غيرقانوني قبضا ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيا ويندا: عملدار

نوشهروفيروز(د ر) ريلوي اسٽيشن وٽ ريلوي پوليس جو سرچ آپريشن، غيرقانوني ڪيبن، هوٽلن ۽ حد دخلين خلاف ڪارروائي نوشهروفيروز ريلوي اسٽيشن روڊ تي سي آءِ اي سينٽر پرسان ريلوي پوليس پاران غيرقانوني طور قائم ڪيل ڪيبن، هوٽلن ۽ ٻين حد دخلين خلاف سرچ آپريشن ڪيو ويو آپريشن دوران ريلوي پوليس اهلڪارن علائقي جو معائنو ڪري غيرقانوني قبضي ۽ حد دخلين خلاف ڪارروائي ڪئي ريلوي پوليس جي اهڙي آپريشن جو مقصد ريلوي جي زمين تان غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ رستي کي صاف رکڻ ۽ آمدرفت ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ ٻڌايو پيو وڃي ريلوي پوليس اختيارين جو چوڻ هو ته ريلوي جي زمين تي غيرقانوني قبضا ۽ حد دخليون ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ماتلي ۾ ڳوٺاڻي جو بااثر خلاف احتجاج، زمين تي قبضي جو الزام

ماتلي (ن ع) ڳوٺ ستون ميل جي رهواسي اسلم ڪوسو ڳوٺ قادر بخش ٽالپر جي رهواسي هڪ بااثر شخص تي الزام هنيو آهي ته هو سندس زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ ٿو چاهي ماتلي پريس ڪلب آڏو بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ خوني تڪرار کي روڪڻ لاءِ ٽئين ڏينهن به ٽارگيٽيڊ آپريشن، وڌيڪ 8 ڄڻا گرفتار

پريالو ڪوٽ مير محمد ۽ وڏا ماڇون ۾ قبيلن وچ ۾ هلندڙ تڪرار کي روڪڻ لاءِ آپريشن جاري رهيو: ايس ايس پي

آپريشن دوران بڪتربند گاڏين ۽ هيوي مشينري سان 25 کان وڌيڪ جوابدارن جي جاين کي بلڊوز ڪيو ويو آهي

ٽن ڏينهن دوران جاگيراڻي ۽ سولنگي قبيلن جي 45 کان وڌيڪ جوابدارن کي گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪيا آهن

خيرپور(د ر) خيرپور جي علائقن پريالو ڪوٽ مير محمد ۽ وڏا ماڇون ۾ جاگيراڻي ۽ سولنگي قبيلن وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار کي روڪڻ لاءِ خيرپور پوليس جو ٽئين ڏينهن به ٽارگيٽيڊ آپريشن جاري رهيو بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-MMD-342659669-2026	HIRING OF CONSULTANT FOR WAREHOUSE IMS	23.11.2026 AT 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-CSR-342895896-2026	PROVISION OF POTABLE WATER IN VILLAGES SURROUNDING LOTI FIELD, BALOCHISTAN	24.11.2026 AT 1430 Hrs
3.	OGDC-SCM-FA-CB-PANDP-QP-342506488-2026	QUICK ACTUATING CLOSURE GASKET FOR COALESCER FILTER	07.12.2026 AT 1430 Hrs

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **17.09.2026, 03.10.2026, 06.10.2026** and **28.10.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-339098438-2026	SUPPLY OF CASING ACCESSORIES	12.11.2026 AT 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-FC-CB-DO-339618600-2026	SUPPLY OF LINER HANGERS 11.75 INCH	12.11.2026 AT 1430 Hrs
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-334521738-2026	RE-PROCESSING AND INTERPRETATION OF GRAVITY AND MAGNETIC SURVEYS IN KILLA SAIFULLAH EXPLORATION LEASE (EL)	18.11.2026 AT 1430 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. This Tender Notice is available on PPRA **website at www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah
Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No.279/23

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.